# سنڌي ڪهاڻيون:

## امر جليل

”وائيس آف سنڌ“ جي ٿورن سان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

# ترتيب


| صفحو | ڪهاڻي | نمبر |
|---|---|---|
| 03 | هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولها | 1 |
| 17 | جنرل هوش محمد شيدي | 2 |
| 25 | آدم جي ماءُ | 3 |
| 38 | ڪيپل پانھن جو وارث | 4 |
| 55 | پنجين موسم | 5 |
| 63 | ڏند ڪٿا | 6 |
| 66 | محرم علي | 7 |
| 78 | عشق ۽ انٽرويو | 8 |
| 97 | دولت، ناموس ۽ ڪنوارو | 9 |
| 104 | منھنجو ڏس آسمان ٽان پڇو | 10 |



سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب

Sindhi Awami e-Books

# هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولها

مان فرشتي جو انتظار ڪري رهيو هوس. اُهو فرشتو ڪا آسماني مخلوق نہ هو. هو اسان وانگر حرڪت مان برڪت ۾ آيو هو، ۽ ماڻهو ماڻهو جو پُٽ هو. فرشتو سندس نالو بہ نہ هو. مان جنهن ڪاتي ۾ نوڪري ڪندو آهيان، تنهن ۾ جيڪو وڏيڪ چست ۽ برجستو هوندو آهي، تنهنڪي فرشتو سڏيو ويندو آهي. مان توهان کي پنهنجي ڪاتي جو نالو نہ ٻڌائيندس. نالو ٻُڌائڻ ڏوهہ آهي. توهان منهنجي ڪاتي جي اهميت جو اندازو ان مان لڳائي سگهو ٿا، تہ نوڪريءَ ۾ جوندجڻ ڪان پوءِ پهريون دفعو ڪاتي جي سربراهہ، يعني صاحب بهادر آڏو پيش ٿيو هوس، تڏهن منهنجي بدني بناوٽ ۽ وجود جي پڙيانگ جاگرافيءَ ڪان بنهہ بي پرواهہ ٿيندي، هن مونکي چيو هو، ”هينئر مملڪت خداداد، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جو بقا،سالميت ۽ يڪجهتي جو بار تنهنجن ڪلهن تي آهي. ايمانداري سان اِهو بار ڪڻندين تہ جلد ترقي ڪندين ۽ مون واري ڪرسي ماڻيندين.“صاحب بهادر جي ڳالهہ ٻڌي مون سوچيو هو، مان، جيڪو پنهنجي گهر جو بار سهندي ڪڻندي ڳچيءَ تائين فڪرن جي ڍبڻ ۾ دفن ٿي ويو آهيان، سو هيڏي ساري مملڪت خداداد اسلامي جهوريہ پاڪستان جو بار ڪيئن ڪڻي سگهندس، جنهنجي آدمشماري پندرہ ڪروڙ ۽ جنهن مان 99.9 سيڪڙو آدم مون وانگر جوڪيو آهي!. تڏهن سوچيو هوم، تہ مان اُن ملڪ جي سلامتي، يڪجهتي ۽ بقا جي پرجهلو ڪيئن ٿي سگهندس، جنهنجي چئن صوبن جي تهذيب تمدن، تاريخ ۽ ثقافت کي ملياميٽ ڪري، ابوجهل قسم جي سياستدانن ون يونٽ ناهڻ جو تاريخي ڏوهہ ڪيو آهي! پر پوءِ بہ پاڻ کي سمجهايو هوم، تہ مون کي جيئڻ تہ پنهنجي ڪٽنب جو بار ڪڻڻ لاءِ پرمٽ آهي، ۽ نہ پروانو، تنهنڪري مونکي مملڪت خداداد، اسلامي جمهوريہ جي بقا جو بار ڪڻڻو پوندو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پالڻو پوندو. تنهن ڪري، گذريل چوويهہ سالن ڪان ملڪ جي يڪجهتي ۽ سالميت جو بار من پنهنجن ڪلهن تي ڪنيو آهي، جنهن جي عيوض مونکي هڪ سو پنجهتر رپيا ۽ پنجهتر پيسا پگهار ۾ ملندا آهن.

فرشتو چوڌري ڪرم الاهي بہ مون وانگر ملڪ جي بقا جو پرجهلو هو. هو بيحد برجستو آهي، يعني فرشتو آهي. هو مونکان وڏيڪ پگهار ڪٽندو آهي ۽ ڪاتي جي صاحبن کي وڻندو آهي. چوڌري ڪرم الاهي، عرف فرشتو ان بار هيئان بيحد خوش آهي. اهو بار ڪٽڻ لاءِ هن وڏي قرباني ڏني آهي. هن پاڪستان کي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ پنهنجي اباڻي وطن جلال آباد پور جٽان کي خير آباد ڪري سنڌ جا وڻ اچي وسايا آهن، ۽ هتي ڪيترن ئي يارن جا وڻ وڃائي ڇڏيا آهن. هڪ دفعي ذري گهٽ منهنجا وڻ وڃائي ڇڏيا هئائين. پڇيو هومانس، ”يار فرشتا، اهو ڪهڙو راز آهي، جو پاڪستان جي سالميت کي سنڌ مان خطرو آهي، ۽ تون جلال پور جٽان مان هجرت ڪري، پاڪستان جي بقا لاءِ سنڌ ۾ اچي واسو ڪيو آهي؟“ فرشتي ڏاڍي رازداريءَ مان ٻڌايو هو، ”هتي، سنڌ ۾ زيرِ زمين تحريڪون هلي رهيون آهن.“ مونکي ڏندين آڱريون اچي ويو هيون. پڇيو هومانس،”سنڌ جي تپاس جو ٽرراميٽر سنڌ کان ٻاهر آهي ڇا؟ تون زيرِزمين تحريڪن جي ڳالهہ ٿو ڪرين، هتي زيرِ زمين تحريڪن جو تہ نالو نشان ئي ڪونهي.“ فرشتي تمام خوفناڪ راڪاس جهڙو ٺهڪ ڏيندي چيو هو،”تون بہ ڪنهن زيرِ زمين تحريڪ جو ڪارڪن آهين.“ فرشتي جي ڳالهہ ٻڌي منهنجا وائيسر ڍرا ٿي ويا، ۽ مون پاڻ کي پنهنجي ڪُٽنب سميت صليب تي چڙهندي محسوس ڪيو هو.

ڊپٽي صاحب فرشتي کي سڏائي ورتو هو ۽ مان فرشتي جو انتظار ڪري رهيو هوس. فرشتو ڊپٽي ڪمشنر صاحب جو خاص چمچو آهي، ۽ گرائين بہ، ڊپٽي صاحب گهڻو ڪري ڪيس گهرائي ونندو آهي ۽ ڪانئس سنڌ جي خراب ٿيندڙ سياسي حالت جو احوال ونندو آهي.

ٿوري دير کان پوءِ موٽي آيو. منهن لٿل هوس. مون ڏانهن نہ ڏٺائين. بازار ڏانهن ڪُلندڙ دريءَ وٽ وڃي بيهي بيٺو.

ان وقت شام جو وقت هو. سمورو عملو ڊيوٽيءَ تي وڃي چڪو هو. ان ڏينهن شهر ۾ بہ ـ ٽي جلوس نڪتا هئا. ٻن ـ ٽئن هنڌن تي اسٽرائيڪون ٿيون هيون، پٿر بازي ٿي هئي ۽ ٻاهين لڳڻ جا واقعا ٿيا هئا. ڪجهہ شاگرد بک هڙتال تي وينا هئا. شام جو پڪي قلعي، ڪچي قلعي ۽ لطيف آباد ۾ عام جلسا ٿيڻا هئا. اهو دور ون يونٽ خلاف ٻرندڙ جبل وانگر پڇرندڙ ۽ ڪامندڙ دور هو. اسان کي گهڙيال جي ڪانٽن وانگر چويهہ ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو، پر تنهن

هوندي بہ مٿان فون تي فون پئي ايندي هئي، تہ سنڌ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي! ايڏو گوڙ، ايڏو گهمسان ڇاجو آهي، جو سموري اولهندي پاڪستان ۾ ٻئي ڪنهن صوبي جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي!.

فرشتو دريءَ وٽان هٽي، منهنجي ميز وٽ اچي بيٺو. ان وقت مان ڪانئس موڪلائي گهر وڃي رهيو هوس. فرشتي ٻئي هٿ ميز تي رکي مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”ڊبو، توتي مصيبت نازل ٿيڻ واري آهي.“

پڇيومانس، ” ڪنهن هٿرادو زيرِ زمين تحريڪ ۾ منهنجو نالو شامل تہ نہ ڪيو اٿئي؟“

چيائين، ”وج. ڊپٽي صاحب ٿو سڏيئي.“

مان ڏڪندو ۽ ڪنبندو، ڏاڍي احترام ۽ ادب سان ڊپٽي صاهب جي ڪمري ۾ داخل ٿيس. ڊپٽي صاحب پنجهاهہ ــ پنجونجهاهہ ورهين جي لڳ ڀڳ آهي، پر اڪروٺ جهڙو سخت ۽ ڏاڙهونءَ جهڙو ڳاڙهو آهي. بدن جو پريل، قدآور ۽ طاقتور آهي. مونکي ڏسنديئي ٻُل ڏنائين، ”اوي ڦٽي مونهہ! مفت جو پگهار ٿو کائين؟“

ائين ٻاڏايم، جيئن آسمان ڏانهن هٿ کڻي اڻ ڏٺي الله جي درگاهہ ۾ ٻاڏائبو آهي. چيم، ”سائين، حلال جو پگهار ٿو کاوان. هڪ سو پنجهتر رپين ۽ پنجهتر پيسن جي عيوض مان چوويهہ ڪلاڪ لڳيتي ڊيوٽي ڏيندو آهيان. شاگردن ۽ مظاهرو ڪندڙ مزورن جا پادر ۽ پٿر کائيندو آهيان. ماڻهن جي ملامت سهندو آهيان، هي ڏسو.“

مون ڊپٽي صاحب کي بدن جا مختلف عضوا ڏيکارڻ شروع ڪيا، جن تي مظاهرن جي مُهر لڳل هئي. ڪيس پنهنجي ڏائي اک ڏيکاريندي چيم، ”ڏسو، هڪ ڪاليجي ڇوري اهڙو تہ چتائي ٺمانو وهائي ڪڍيو، جو ذري گهٽ راجا رنجيت سنگهہ ٿيندي بچي ويو آهيان. ۽ سائين هي ڏسو!“

ٽوپي لاهي ڊپٽي صاحب کي پنهنجي ٽڪڻ ڏيکاريندي چيم، ” هي ڊُولو ڏسو. روهڙيءِ وارا چوندا آهن ـــ ججھ قبول، مٿي ۾ ڊول، پٿر گل ۽ لسو نہ هجي ها تہ جيڪر ٽڪڻ جو پنچر ڪري ڇڏي ها، ۽ هيءُ ڏسو.“

قميض متي ڪري ڊپٽي صاحب کي پٺي ڏيکاريندي چيم، ”مان ڏسي نٿو سگهان، فقط عذاب محسوس ڪيان ٿو. هڪ مڇريل مزور پُٺيءَ تي هاڪي هڻي ڪيڏي. هيءَ نونٺ ڏسو، سوڊا واٽر جي بوتل لڳي هئي، ۽ هيءَ پِني ڏسو، هڪ شاگرد بانو هنيو هو ۽ هي ڏسو.“

مون پتلون لاهڻ لاءِ ٻئي هٿ بٽڻن ۾ وڌا، چيم، ”هيءُ ڏک بہ ڏسو“

”بس بس.“ ڊپٽي صاحب رڙ ڪئي. چيائين، ” قوم لاءِ جان قربان ڪبي آهي، تون معمولي ڏکن ۽ رهڙن کان ٿو گهبرائين، اوئي ڦٽي مونهہ.“

عرض ڪيم، ”اهي ڏک مونکي قوم هنيا آهن.“

”اوئي ڦٽي مونهہ.“ ڊپٽي صاحب جو پارو چڙهي ويو.

ڊپٽي صاحب جي وات تي ”اوئي ڦٽي مونهہ“، ائين چڙهيل آهي، جيئن سندس وجود تي مڪر، فريب ۽ تڪبر جو تهہ چڙهيل آهي. هو اصل امرتسر جو وينل آهي، پوءِ 1942ع ۾ جڏهن انگريزن حُرن تي هوائي جهازن مان بمباري ڪري سندس ڳوٺن جا ڳوٺ ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيا، تڏهن ڊپٽي صاحب، جيڪو ان وقت ڪاتي جي سپ کان هينين خاڪي ۾ هو، انگريزن جي اشاري تي امرتسر مان هجرت ڪري سانگهڙ اچي وسايو. ان وقت کان، يعني 1942ع کان ڊپٽي صاحب سنڌ ۾ آيو. هو ان عرصي ۾ سنڌي ڳالهائڻ ٻولهائڻ بہ سکي ويو آهي. ڪَلَ اٽڪندي اٽس فقط هڪ جملي تي ـ ”اوئي ڦٽي مونهہ“

ڊپٽي صاحب ميز تي بيد جو لڪڻ وهائيندي پڇيو، ”اوئي ڦٽي مونهہ، اسٽيشن روڊ تي ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٺ ڏٺي اٿئي؟“

”ها سائين، ڏٺي اٿم.“

”ڪيئن آهي؟“

”تمام مضبوط آهي.“

”اوئي ڦٽي مونهہ.““

هڪدم چيم، ”ها، پت اُپي آهي. ڪابہ عورت ويم ڪري، بنا پئسن ڏيڻ جي اُها پت ٽپي پچي نہ سگھندي.“

جواب بڌي ڊپٽي صاحب آپي مان نڪري ويو. تمام ڪُھري لهجي ۾ چيائين، ”ڦٽي مونهہ! اها پت ڏسي تونکي پنهنجو فرض ياد نہ ايندو آهي؟“

مان هڪدم سوچ ۾ ٻڏي ويس. سوچيم: ليڊي ڊاڪٽر ڊفرن اسپتال جي پت ڏسي مون کي ڪهڙو فرض ياد اچڻ گهرجي! ائين برابر هو، تہ انهن ڏينهن ۾ منهنجي گھر واري خير سان ڏهون دفعو اُميد سان هئي ۽ مان سخت نااُميد هوس. پر منهنجي گھر واريءَ جي اميد، ۽ منهنجي نااميدي جو ليڊي ڊفرن اسپتال سان نہ سڌو، ۽ نہ وري ڪو اڻ سڌو واسطو هو. مون خواب ۾ بہ نہ سوچيو آهي تہ مان پنهنجي ملڪ جي آدمشماريءَ ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ليڊي ڊفرن اسپتال ۾ داخل ڪرائي سگھندس. مون ڦليلي پار پريٽ آباد جي هڪ دائيءَ سان ٻڌي ليڪي سودو ڪري ڇڏيو آهي. هو هر سال محرم جي مهيني ۾ بنا سوچڻ جي هلي ايندي آهي، ۽ منهنجي گھر واريءَ کي هڪ عدد ٻار ڇٽائي موٽي ويندي آهي. تنهن ڪري منهنجو، يا منهنجي زال جو ليڊي ڊفرن اسپتال سان ڪوبہ واسطو نہ هو، نہ آهي، ۽ نہ رهندو.

جڏهن خاموش رهندي ۽ سوچيندي ڪافي دير ٿي ويئي، تڏهن ڊپٽي صاحب رڙ ڪندي چيو، ” اوئي ڦٽي مونهہ! ليڊي ڊفرن اسپتال جي اُٺ جيڏي پت ڏسي، تونکي ڪوبہ خيال نہ ايندو اهي!“

تڏهن اوچتو هڪ خيال ذهن کي روشن ڪيو. هڪدم وراڻيم، ”سر ليڊي ڊفرن اسپتال جي پت ڏسي مونکي هڪ خيال ايندو آهي.“

”ڪهڙو خيال؟“ ڊپٽيءَ پڇيو.

”جنهن رفتار سان اسين جيل ڀري رهيا آهيون، تنهن مان اها اميد ڪري سگھجي ٿي تہ انشاء الله تمام جلد سينٽرل جيل ۽ نارا جيل ۾ هائوس فل ٿي ويندو.“ پنهنجي ڳالهہ تي زور ڏيندي چيم، ”هنگامي حالتن ۾ ليڊي ڊفرن اسپتال کي جيل بدران استعمال ڪري سگھجي ٿي. مجال آهي جو ڪو شاگرد، مزور يا سياسي قيدي اها اُپي پت ٽپي پچي سگھي!“

ڊپٽي صاحب جي منهن ۾ گُهنڊ پئجي ويو. شوڪي ڏنائين. پوءِ چيائين، ”تون لاپرواهه آهين. مان تنهنجي بدلي لورالائي ڪرائي ڇڏيندس.“

”اهڙو ظلم نہ ڪجو سائين.“ عرض ڪيم، ”پرديس ۾ جيڪڏهن ڪنهن جو رڪارڊ خراب ڪيم تہ پادر ڪائيندس. خدا جي واسطي منهنجي بدلي لورالائي نہ ڪجو.“

ڊپٽي صاحب جي ڪاوڙ ڍري ٿي. پڇيائين، ”ليڊي ڊفرن اسپتال جي ٻاهرين ڀت ڏٺي اٿئي.“

”ها سائين.“

”ان ڀت تي طرحين طرحين جون لکڻيون نظر اينديون آهن ه؟“

”ها سائين.“

”هاڻي هڪدم ٻڌاءِ تہ ليڊي ڊفرن اسپتال جي ڀت تي ڇاڇا لکيل هوندو آهي.“

مون حافظي تي زور ڏنو. منهنجو حافظو اسان جي هوش وانگر ڪمزور آهي. گهڻي سوچ ويچار، ۽ ذهني ولوڙ ڪان پوءِ ڀت تي لکيل ڪجھ جملا ۽ نعرا ياد آيا.

چيم، ”سائين. ڪجھ جملا ياد آيا آهن.“

”ٻڌاءِ“

مون ڪيس جملا ۽ نعرا ٻڌائڻ شروع ڪيا، اهڙي نموني، جهڙي نموني منهنجي ذهن ۾ ايندا ويا. چيم، ”سائين، ليڊي ڊفرن اسپتال جي ٻاهرين ڀت تي لکيل هوندو آهي: اسلامي سوشلزم مڙده باد ـــ مزدور ڪا مطالبہ اسلامي نظام ـــ ڊئم جا حامي، سڀ حرامي ـــ وڃايل طاقت ۽ جواني ٻيهر حاصل ڪرڻ ڪاءِ اچو، هونو لولو هيلٿ سينٽر ۾ ــــــ ڪميونسٽون ڪا قبرستان، پاڪستان پاڪستان ـــ شاليمار ۾ ڏسو يڪي والي فلم ۾ مسرت نظير جا هوشربا ناچ ـــ

پاڪستان ۾ قرآني قانون نافذ ڪريو ـــ ڏهن ڏينهن ۾ ٽائيپ ڪرڻ سکو ـــ زناني ۽ مرداڻي پوشيده بيمارين لاءِ ياد رکيو حڪيم جالينوس رامپوري ـــ راجا ڏاهرر مڙده باد، محمد بن قاسم زنده باد ـــ جاڳو جاڳو مهاجر جاڳو ـــ سابق صوبہ سنڌ ڪا نام باب اسلام رکا جائي ـــ باٽا بوٽ مضبوط ۽ پائدار آهن ـــ ڊالر انڪ ..................“

”بس“

”بس سائين.“

”اوئي ڦٽي مونهہ!“ ڊپٽيءَ چيو، ”انهن نالن جي وچ ۾ لڪيل هوندو آهي ـــ ون يونٽ مڙده باد ـــ ون يونٽ ختم ڪريو.“

”ون يونٽ ختم ڪريو!“

”ها، ون يونٽ ختم ڪريو.“ ڊپٽيءَ چيو، ”پاڪستان جي سالميت ون يونٽ ۾ آهي، جيڪو شخص ون يونٽ جي خلاف آهي، سو پاڪستان جي خلاف آهي، پاڪستان جو دشمن آهي. هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ ورتو ويو آهي، تنهنڪري اسين سيئي اسلامي اخوت ۾ ٻڌل آهيون. اسين هڪ مذهب جي جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهيون. صوبن جو بحال ٿيڻ ڪفر آهي.“

پوءِ هڪ پَهَرُ اهڙو بہ آيو، جيڪو سوچ ۾ سمنڊ ۾ لڙهندو رهيو.

ڊپٽيءَ جي کهري آواز منهنجن خيالن ۾ خلل وڌو. چيائين، ”ويچارا منسپالٽيءَ وارا ”ون يونٽ مرده باد“ جي نعري تي روز پوچي ڦيرائيندا آهن، پر ڪو خطرناڪ سنڌ پرست انقلابي راتو واهہ ٻيهر ون يونٽ خلاف نعرو لکي ٿو وڃي.“

چيم، ” اها نهايت افسوس جي ڳالهہ آهي.“

ساڳي لهجي ۾ چيائين، ” تونکي اُهو خطرناڪ، تخريبڪار ۽ پاڪستان جو غدار ڳولڻو پوندو. جيستائين اُن باغي کي هٿ نہ ڪندين، تيستائين سمجهہ تہ

نوڪري خطري ۾ اٿئي. صبح تائين جيڪڏهن ان بدمعاش کي گرفتار نہ ڪري سگهين، تہ پوءِ ياد رک، تنهنجي بدلي لورالائي ڪري ڇڏيندس.“

مون حسرت ڀريل نگاهن سان ڊپٽي صاحب ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ ڪيس سلام هڻي (منهنجي ڪاتي ۾ سلام ڪبو ناهي، هڻبو آهي) موٽڻ لاءِ ڦريس. در تائين مس پهتو هوندس جو صاحب، ”اوئي ڦٽي مونهہ، صبح تائين اهو خوفناڪ ملزم منهنجي سامهون هئڻ گهرجي. سمجهيئہ.“

مان پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. پگهر اُگهي فرشتي ڏانهن ڏٺم. مون ڏانهن ڏسي رهيو هو. مون فرشتي کان پڇيو: ”يار فرشتا، ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٽ تي هزارين نعرا لکيل آهن. ڊپٽي صاحب ”ون يونٽ مرده باد“ تي چو اچي مچريو آهي.“

”چو جو هي پاڪستان جي خلاف آهي.“

”۽ برباد جواني حاصل ڪرڻ ۽ مسرت نظير جا هوشربا ناچ!“

”اهي ٺاڪ آهن.“ فرشتي چيو، ” جيڪڏهن صبح تائين ان دشمن کي پڪڙي نہ سگهئين تہ پوءِ يار، اسان کي پڪ ٿي ويندي تہ تون انقلابي ۽ سنڌ پرست گرهہ سان سٽل ۾ آهين.“

مان فرشتي سان هٿ ملائي، خيال ڊوڙائيندو، سنڌ پرست کي گرفتار ڪرڻ جون تدبيرون سوچيندو، گهر آيس.

مان جنهن وقت گهر پهتس، تنهن وقت رات جا اٺ ٿي رهيا هئا. منهنجي گهر واري چلهہ وٽ ويٺي هئي ۽ ٻارن لاءِ ڊنر تيار ڪري رهي هئي، يعني دال چانورن جي ڪچٽي رڌي رهي هئي ۽ شڪر ڪري رهي هئي.

مٽي تي رئو رڪندي پڇيائين، ”اڄڪلهہ ڏاڍي دير سان گهر اچو ٿا؟“

”ڇا ڪريان، ڪم وڌي ويو آهي.“ آهستي وراڻيم.

خوش ٿيندي پڇيائين، ” فقط ڪم وڌي ويو اٿو، يا پگهار بہ وڌي اٿو.“

ٻڌايومانس تہ، نہ فقط ڪم وڌي ويو آهي، پر اتي، چانور ۽ دال جي قيمت بہ وڌي ويئي آهي. پگهار نہ وڌي آهي.

مون ڏانهن نهاريندي پڇيائين، " ڏاڊا فڪرمند پيا ڏسجو. خير تہ آهي نہ؟"

وراڻيم، "ملڪ جي سالميت خطري ۾ آهي."

"ملڪ تہ **ٻاويھ سالن** (هي ڪهاڻي 1970ع جي آهي) ڪان خطري ۾ آهي." ٻاهہ ڪي ڦوڪ هڻندي چيائين، " محمد علي جناح جي ڏينهن بہ توڪي ملڪ خطري ۾ نظر ايندو هو. خواجہ ناظم الدين جي ڏينهن بہ تون چوندو هئين تہ ملڪ خطري ۾ آهي. غلام محمد لنگڙي ۽ سڪندر مرزا جي ڏينهن ۾ بہ چوندو هئين تہ ملڪ خطري ۾ آهي. هينئر جنرل آغا يحيا خان جي ڏينهن ۾ بہ چوين ٿو تہ ملڪ خطري ۾ آهي. اهو ماريو خطرو آخر ڪڏهن ٽرندو؟"

"اهو خطرو نوڪريءَ مان رٽائر ٿيڻ ڪان پوءِ ٽرندو." ڪيس اجائي بحث ڪان ٽآرڻ لاءِ چيم، "ڪچٽيءَ ذرو ڏي تہ ڪائي رات پاليءَ تي وجان."

گهر واريءَ پاڙيءَ ۾ مونکي ۽ ٻارن کي ڪچٽي وجهي ڏني. مان ڪچٽي جا ڪوسا ڪوسا گرهہ ڪائيندو ويس ۽ ٻارن جي آدمشماري بہ ڪندو رهيس. منهنجو ٽيون نمبر پٽ حاجن غائب هو. گهر واريءَ ڪان پڇيم، " اهو رولو ڇورو حاجن اجا نہ موٽيو آهي ڇا؟"

"شام ڏاري آيو هو."

"پوءِ ڪيڏانهن ويو؟"

"پاڙي وارن سان ونجهہ وٺي راند ڪرڻ ويو آهي."

"منسپالٽيءَ وارا گهٽيءَ ۾ وري بلب هڻي ويا آهن ڇا؟"

"ها."

"پوءِ ويندي ويندي پٿر هڻي ڀجي ٿو وجانس." چيم، " نہ هوندو بلب، ۽ نہ ئي ڇورا رات جو سڙڪن تي ونجهہ وٺي ڪندا."

گهر واريءَ پڇيو، ”وري ڪڏهن موٽنديون؟“

”شايد صبح تائين نہ موٽان.“ وراڻيم، ” اڄ رات مونکي خطرناڪ سنڌ پرست گرفتار ڪرڻو آهي.“

خوف وچان چيائين، ”متان پاڻ مارائي اچين.“

”پرواهہ نہ ڪري.“ وراڻيم، ” منهنجي ڪاتي منهنجو اٺ سو رُپيين جو انشورنس يعني ويمو ڪرايو آهي. مري ويس تہ ان قاروني رقم مان سڄي عمر ٻارن سميت عيش ڪجانءِ.“

ان کان اڳ جو منهنجي فرمانبردار ۽ چئي واري زال منهنجي موت جي تصور کان هنجون هاري، مان گهر کان ٻاهر نڪري آيس.

گهٽيءَ ۾ اچي مون پتر ڪٽي منسپالٽيءَ جو بلب پيجي چڙيو ۽ گهٽيءَ ۾ گگهہ اونداهہ ٿي ويئي.

مان سنڌ پرست جي ڳولا ۾ نڪري پيس.

مون سڀ کان اڳ ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٽ جو جائزو ورتو. برابر. برباد جوانيءَ ۽ سوشلزم مرده باد جي وچ ۾ لکيل هو، ”ون يونٽ ختم ڪريو.“

مون اسٽيشن روڊ تي نظر ڊوڙائي سامهون وارين سوڙهين گهٽين ڏانهن شڪي نگاهن سان ڏٺم. انهن گهٽين مان هڪ گهٽيءَ ۾ ہہ سنڌي افسانہ نگار رهندا آهن. جن مان هڪ رسالو بہ ڪيندو آهي. ٻيءَ گهٽيءَ ۾ بہ هڪ افسانہ نگار رهندو آهي. منهنجو خيال انهن ٽنهي ڏانهن ڇڪجي ويو. انهن ٻن گهٽين ۾ ڪجهہ سنڌي شاگرد بہ رهندا آهن. انهن تي بہ شڪ پيم. خيالن جا لغڙ پئي اُڏايم، جو پريان هڪ شخص کي ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٽ وٽ بيهندي ڏٺم. ڪيس ڪوٽ پتلون پاتل هو ۽ وار جائيتا هئس. پانيم، اهوئي بدمعاش آهي، جيڪو اُتڻ شرط هٿ لڳو آهي. پرسان وجي، پنيان بيهي ڪانئس پڇيم، ”ڇا پيو ڪرين.“

وراڻيائين، ”انڌو آهين ڇا! ڏسين نہ ٿو، پيشاب پيو ڪريان.“

مان ڪياڙي ڪنهندو پري هليو ويس.

ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٺ فرلانگ ڪن ڏگهي آهي. اڻپوريءَ روشنيءَ ۾ سڄيءَ پٺ تي نظر رکڻ مشڪل محسوس ڪيم، تنهنڪري پٺ آڏو هلڻ شروع ڪيم.

اسپتال جي اوائلي در کي بند ڪيو ويو آهي. ان در آڏو ٻڙ جو وڻ آهي، جنهنجي اوٽ ۾ اوائلي در جي ڏاڪڻ جا پنج ڏاڪا آهن. انهن ڏاڪن تي ٻه شخص ويٺا هئا ۽ سگريٽ ڇڪي رهيا هئا. ڪين غليظ ڪپڙا پاتل هئا. شڪل شبيهه مان موالي پئي لڳا. هو مونکي ڏسي سس پس ڪرڻ لڳا. ٻه چار چڪر هڻڻ کانپوءِ سوچيم، ته ٿي سگهي ٿو، سنڌ پرست غدار ڀهروپيو ٿي پنهنجو ڪم ڪندو هجي، تنهنڪري چڪر هڻندي، ڏاڪڻ جي ويجهو ٿي لنگهيس. هو چرس ڇڪي رهيا هئا. هڪ ڄڻي ڪنگهڪار ڪندي چيو، ”باشائو، گولي شولي گهرجيئي؟“

مان اتان گولي ٿي ويس. روڊ جي ٻئي پاسي هلڻ شروع ڪيم. اک اسپتال جي پٺ تي رکيم. هر دم اهو اونو لڳل هو ته ڪٿي اهو غدار اک بچائي نعرو لکي الوپ نه ٿي وڃي. هلندي هلندي، ايندي ويندي، اک پٺ تي رکيم. ٻه ـــ چار دفعا فٽ پاٿ تي ٿاٻا به کاڌم، پر پٺ تان اک نه ڪڍيم. فردوس هوٽل ٻاهران ڪجهه نوجوانن جو ٽولو ويٺو هو. هو پاڻ ۾ اردو ڳالهائي رهيا هئا، تنهنڪري مٿن شڪ نه ڪيم. سوچيم، هنن جو ون يونٽ سان ڪهڙو وير! جڏهن سندن پاسي مان لنگهيم، تڏهن هڪڙي ڄڻي مونکان پڇيو، ”ڪنهن نرس جي چڪر ۾ آهين ڇا.“

ڏاڍو ڪڪو وڪو ٿيم. جواب ڏيڻ بدران تڪڙو تڪڙو اتان هليو ويس. صالح ٻلاول گهٽيءَ وٽ بجليءَ جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي بيهي رهيس ۽ ليڊي ڊفرن اسپتال جي پٺ ڏانهن ڏسندو رهيس.

گاڏي کاتي کان ٿي چوڪرا اسپتال ڏانهن اچي رهيا هئا. پريان ئي تاڙي ورتم ته هو ڪنهن زبردست بحث ۾ مبتلا هئا ۽ هڪٻئي کي مات ڪرڻ جي چڪر ۾ هئا. مان هڪدم روڊ ٽپي اسپتال جي پٺ وٽ وڃي بيٺس. هو ڳالهائيندا منهنجي پاسي کان اچي لنگهيا. ڪا انگريزي فلم ڏسي موٽيا هئا، جنهن جا

مڪالما ڪين سمجهه ۾ نہ آيا هئا. مڪالمن جي معنيٰ ۽ مفهوم تي بحث ڪري رهيا هئا. مان مايوس ٿي، موٽي اچي بجليءَ وٽ بيٺس.

بيٺي اڌ ڪلاڪ ڪن مس گذريو هوندو، جو هڪ سائيڪل اسپتال جي پٽ وٽ اچي بيٺي. سائيڪل تي ڊبل سواري هئي. هڪ ڇٽي جي هٿ ۾ ڊبو هو ۽ ٻئي جي هٿ ۾ برش. هنن سائيڪل فٽ پاٿ تي بيهاري ڇڏي ۽ پٽ تي ڪا خالي جاءِ ڳولڻ لڳا. مان ڪرڙي اک سان کين ڏسندو رهيس ۽ ٻنهي کي هڪ ئي مهل گرفتار ڪرڻ جي ترڪيب سوچڻ لڳس. هنن کي هڪ هنڌ پٽ تي خالي جاءِ نظر آئي. هڪ ڇٽي بنا هٻڪ جي ڊبي ۾ برش ٻوڙي پٽ تي لکڻ شروع ڪيو.

مان ذري گهٽ ڊوڙندو مٿن وڃي ڪڙڪيس. ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ اکر نہ پئي اُڪليو. سندن سائيڪل ۾ هٿ وجهي بيهي رهيس. جنهنجي هٿ ۾ ڊبو هو، تنهن پڇيو، "اڙي، سائيڪل چور تہ ناهين؟"

" نہ، نہ." مون کين وراڻيو، "توهين اطمينان سان جيڪي وڻيو لکو."

هڪ ڇٽي ڏاڍي چستيءَ ۽ ڦڙتيءَ سان پٽ تي لکيو، " قسمت جو حال معلوم ڪرڻ لاءِ ملو ـــ پروفيسر آر. آر. ڪي . ڪي پرديسيءَ سان."

مايوسي مَنَ کي وڪوڙي وئي. موٽي وڃي بجليءَ جي پول وٽ بيٺس. ڪجهہ دير لاءِ ائين محسوس ڪيم، تہ رات جا اٺ پهر اڏامي ويندا، پر خطرناڪ سنڌ پرست باغي هٿ نہ ايندو ۽ صبح جو ڊپٽي صاحب منهنجي بدلي لورالائيءَ ڏانهن ڪرائي ڇڏيندو. مان دل ۾ ون يونٽ، سنڌ پرست باغيءَ ۽ ڊپٽيءَ کي پاراتا ڏيندو رهيس.

ڪجهہ دير ڪانپوءِ ٽرئفڪ جي آمدروفت گهٽ ٿي ويئي. ماڻهن جو لنگهڻ بہ گهٽ ٿي ويو. پول وٽان منهنجي نگاهہ سموري پٽ تي پئجي رهي هئي. اوچتو هڪ شخص کي پٽ ڏانهن وڌندي ڏٺم. هو پٽ جي پرئين پاسي هو ۽ چڱيءَ طرح نظر نہ پئي آيو. هڪ ڦاٽل پُراڻن ڪپڙن وارو ملنگ پٽ وٽ گودڙي وڇائي ليٽي پيو. سوچيم، هيءُ ئي اهو سنڌ پرست باغي آهي، روپ بدلائي آيو آهي ۽ اڌ رات جو پٽ تي ون يونٽ خلاف نعرو لکي پڃي ويندو.

مان سندس پرسان وجي بيٺس. هن مون ڏانهن اک کڻي به نه نهاريو. هو بئي ٻانهون ڪنڌ هيٺان ڏيئي آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳو.

پڇيومانس، "ڪير آهين ۽ هت ڇو سمهيو پيو آهين."

ورائي پڇيائين، "تون ڪير آهين ۽ اهڙو واهيات سوال ڇو ٿو پڇين؟"

مان منجهي پيس. ڪجھ به نه اُڪليو ته چيومانس، " مان به پٽ وٽ سمهڻ چاهيان ٿو."

"مون وانگر بي گهر آهين؟"

"ها."

"لٽ ڪوڙي سمهي پئُہ." چيائين، "اڄ رات جو جڏهن چوڪيدار ايندو، تڏهن ڪيس پائلي ڏيئي ڇڏجانءِ."

مان سندس پرسان ويهي رهيس. ڪيس ڪوٺن لاءِ چيم، "ون يونٽ به وڏي لعنت آهي، اسان کي بي گهر ڪيو اٿائين."

پڇيائين، " ون يونٽ ڇاهي؟"

وراڻيم، " سالميت جي نالي ۾ پاڪستان جو ٻيڙو ٻوڙڻ واري حرڪت."

لاپرواهيءَ وچان پڇيائين، " ۽ اهو پاڪستان وري ڇاهي؟"

مون حيرت مان ڏانهنس ڏٺو. چيم، " نشي ۾ ته ناهين جو پاڪستان جي به ڪا خبر نه اٿئي."

پڇيائين، " پاڪستان ڪنهن ملڪ جو نالو آهي ڇا؟"

"ها." هڪدم وراڻيم، "پاڪستان دنيا جو سڀ کان وڏو اسلامي ملڪ آهي. جيئن هندستان ملڪ آهي. تيئن پاڪستان به هڪ ملڪ آهي."

آرام سان پڇيائين، " ۽ اهو هندستان وري ڪٿي آهي."

”ايشيا ۾. “

”ءِ ايشيا ڪٿي آهي؟“

مان مٿي کي هٿ ڏيئي اتان اٿي ويس.

اميد جي تند ٽٽڻ لڳي. لورالائي ڏانهن بدلي ٿيڻ جي پڪ ٿيندي ويئي. سوچيم، گهر موٽي وڃان. زال ٻارن کي لورالائي ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جو اطلاع ڏيان. اتي ويهڻ بيڪار پانيم. موٽڻ لاءِ مُڙيس. وڃڻ کان اڳ هڪ دفعو پٺ ڏانهن ڏسڻ جو خيال جاڳي اٿيو. منهن ورائي پٺ ڏانهن ڏٺم.

منهنجي حيرت جي حد نہ رهي. هڪ ڊيندو شخص پٺ تي ڪجهہ لکي رهيو هو. مان پير پير ۾ ڪٽندو، آهستي آهستي هلندو، سندس پٺيان وڃي بيٺس. هن جي مون ڏانهن پٺي هئي. قد بت مان هو چوڪرات پئي لڳو. هو پٺ تي لکي رهيو هو ـــــ ”ون يونٽ مرده باد.“

مون وڏي وجهي سندس ڪنڌ ۾ هٿ وڌو. رڙ ڪندي چيم، ”بدمعاش، پاڪستان جي اتحاد جا دشمن، مونکي ذري گهٽ لورالائي بدلي ڪرائيندڙ، سنڌ پرست باغي! اڄ تنهنجو خير ناهي.“

مون پَرُ ڪري ڪيس ڪنڌ تي مُڪَ وهائي ڪڍي. هو ڦيري کائي فٽ پاٿ تي ڪِري پيو. ٽيوب لائيٽ جي روشنيءَ ۾ ڏانهس ڏٺم.

هو منهنجو ٽيون نمبر پٽ حاجن هو! ! ! ! ! .

# جنرل هوش محمد شيدي

---

24 مارچ 1843ع جي نما شام، ڪا رواجي نما شام نہ هئي. اولهہ طرف عرش ڪي ڄڻ باهہ جا پنيٺ ورائي ويا هئا. سنڌ جي آسمان تي لهندڙ سج رت جي لام چڙهي ڏني هئي. هيٺ، ڌرتيءَ ڪي سنڌڙيءَ جي سپوتن ۽ سرڪش جوڌن رت جو ريج ڏنو. ماحول موت وانگر ماٺ ۽ گنڀير هو. سج اڳ بہ لهندو هو، پر اُن شام جهڙو اُداس ۽ المناڪ نہ لڳندو هو. شهيدن جي شام چا آئي، ڄڻ غيب مان روحن جي آخري سفر جي صدا آئي. فلڪ ۽ مَلڪ حيرت وچان دُبي ۾ اڪيون اٽڪائي ويهي رهيا.

دُبي جو ميدان، جتي ٽيهريءَ تائين موت ۽ زندگي جو معرڪو لڳو هو، اُتي نما شام تائين مڪليءَ جهڙيءَ ماٺ اچي واسو ڪيو. سڄو ميدان عضون جو ڪوس ـ گهر هو. هر طرف لاشن جا انبار هئا. منظر اهڙو، جو دلير دهلجي وڃن ۽ ڏونگر ڏري پون! قبرستان جهڙي خاموشي وايو منڊل کي اُگري ويئي. هوائون ساهہ روڪي بيهي رهيون.

. . . . . . تڏهن، ميجر جيڪب جي ڪيمپ ۾ سر چارلس نيپئر جو ڪٽڪ اچي پهتو. نيپئر فتح جو سهرو پنهنجي سر تي رکڻ لاءِ آتو هو. هن اچڻ شرط جام چپن تي آندو، ۽ بيوگل وڄائڻ جو حڪم ڏنو. چار سپاهي ميجر جيڪب جي تنبوءَ ٻاهران اچي بيٺا. بيوگلن جو رخ رت آلود آسمان ڏانهن ڪري، ڦڦڙن ۾ ساهہ ڦوڪي، فتح جو آواز آلاپيائون. آواز تکو ۽ طويل هو، ۽ سنگينن وانگر سنڌ جي سيني ۾ لهي ويو.

سنڌ پاسو ورايو. موت جو فرشتو امان گُهري پري تي بيٺو. هوشوءَ رت ـ هاٽيءَ متيءَ مان منهن متي ڪيو ........

بيوگل جو آواز ٻڌي، سندس اُتاولو روح ساوڻ جي سنڌوءَ وانگر بيقابو ۽ شهزور ٿي پيو. هن ڪاٻي ٻانهن وڌائي، هڪ ڪهاڙي ڪٽي ورتي. ڪهاڙيءَ جي ڳن کي قابو ڪري، ڪوڙي، آهستي آهستي، هو ڪارڙو ۽ ڪوجهڙو، طاقتور ۽ قدآور جوڌو، لاشن جي وچ ۾ اُٿي بيٺو. هن جو سڄو جسم رت جي ڪنهبي ۾ رڱيل هو. وارن کان پيرن تائين، عضوو عضوو زخمن کان چچرجي چور ٿي چڪو هوس. ماس لڱن کان ڌار ٿي ويو هوس. ساڄي ٻانهن ڪلهي کان ڪپجي، مشڪن جي هڪ تند ۾ لٽڪي رهي هيس. تيرن ۽ تلوارن، ٻرڇين ۽ ڀالن، بندوقن ۽ سنگينن سندس سئڌ سَنڌ پرڻ ڪري ڇڏيو هو. هن جي جسم تي چونجاهه گهرا گهاءُ هئا.

هو اٿي بيٺو، ته عذاب جو احساس هيري جي ڪڻ وانگر سندس وجود مان پار ٿي ويو. ڪنڌ ۾ کُنڊي تير جي هيٺان تلوار جو اونهو گهاءُ هوس، جيڪو مشڪن کي ڪپيندو، مغزي ڏوريءَ تائين وڃي پهتو هوس.

هن آهستي آهستي اکيون کوليون. پنبڻين ۾ سڪل رت جا ذرڙا ياقوت جي داڻن وانگر پوتل هئس. تڪليف جي ڦيٽي وانگر ڦرندو محسوس ٿيس. اکين آڏو اونداهه اچي ويس. چپر چِپُن وانگر ڪِري پيس. گوڏا وجي رت ـ هاٿيءَ مٽيءَ سان لڳس. هن نرڙ ڪهاڙيءَ جي ڳن تي رکي ڇڏيو، ۽ سندس رڳ رڳ مان رت ٽمندو رهيو.

پوءِ، گهڙي کن رکي، سگهه ساري، ڪهاڙيءَ جي ڳن تي زور ڏيئي، ٻيهر اٿي بيٺو. ڦٽ کُلي پيس. اندر ۾ عذاب جا آرا هلڻ لڳيس، پر هن آه کي دل جي قيدخاني مان نڪري چپن تي اچڻ نه ڏنو ـــــــ دانهن نه ڪيائين. گُهند وجهي، ميجر جيڪب جي ڪيمپ ڏانهن ڏٺائين. سنڌ جي آزاد هوائن ۾ انگريزن جو رنگارنگي جهنڊو جهولندو ڏسي، سندس وجود ۾ نفرت ۽ حقارت جو ٻرندڙ جبل ڦاٽي پيو. وڙهڻ لاءِ وڪ واڌايائين، پر وڌائي نه سگهيو. هو نهائينءَ وانگر ڪامندو، جيءَ ۾ جلندو رهيو.

پوءِ اڪيلي سر، جتي سندس سورهيه سرويچ ساٿي سنڌڙيءَ تان جندڙي قربان ڪري شهيد ٿي چڪا هئا، هوشوءَ زخمي شينهن وانگر گجگوڙ ڪري دشمن کي للڪاريو، پڪاريو ......... رڻ گجيو، راڙو ٿيو.

بيوگل جي نڙيءَ ۾ پاڻءَ تہ پلي جو ڪنبو اٿڪي پيو. سر چارلس نيپئرڪان چرڪ نڪري ويو. ميجر جيڪب جي چپن تائين فتح جو جام ايندي ڇلڪي پيو. هو ٻيئي ۽ ڪئپٽن رچرڊسن تنبن مان ٻاهر نڪري آيا.

هوشوءَ ڪاٻي هٿ ۾ کهاڙيءَ جو ڳن مضبوط ڪري، هڪ ڌڪ سان لڙڪندڙ ساڄي ٻانهن ڪلهي ڪان ڌار ڪري ڇڏي.

انگريزن ڪان دانهن نڪري ويئي. سر چارلس نيپئر حيرت مان، وچ ميدان ۾ بينل سورمي ڏانهن ۽ پوءِ ميجر جيڪب ڏانهن ڏٺو.

ميجر جيڪب چيو، ”هيءُ هوشو آهي. اڄوڪيءَ جنگ ۾، هڪ ڊيميٽرس ڪان سواءِ، رايل برٽش آرميءَ جا سيئي جوڌا هوشوءَ سان زور آزمائي، مري مات ٿيا آهن.“

جنگجو پهلوان ڊيميٽرس مٿي ڪان پيرن تائين لوهہ جي زرهہ ۾ جهنجهيل هو. هو ٽنهي وٽ اچي بيٺو.

ميجر جيڪب چيو، ”مان سترهن جنگين ۾ وڙهيو آهيان، مون هوشوءَ جهڙو بيڊپو ۽ سرڪش جرنيل نہ ڏٺو آهي، سندس بيپناهہ بهادري ڏسي، مون کي ساڻس نفرت ٿي ويئي آهي.“

ڊيميٽرس مانيٽي لهجي ۾ چيو، ” هوشو جيڪڏهن آسماني ڪتابن ڪان اڳ پيدا ٿئي ها تہ سندس نالو حضرت شمعون سان گڏ لکيو وڃي ها. هن جي دليريءَ جا داستان ڏندڪٿائن وانگر سنڌ ۾ صدين تائين ٻُڌايا ويندا.“

”مون کي خبر آهي.“ سر چارلس نيپئر چيو، ”مونکي اها بہ خبر آهي تہ اهہ رڻ ٽتي جڏهن هوشوءَ جي توپ جو بارود ختم ٿي ويو هو، تڏهن هن لوهي توپ پاڪر ۾ پري، اسانجن سپاهين تي اُڇلائي هئي.“

ميجر جيڪب ڪيپٽن رچرڊسن ڏسندي چيو، ” ڪئپٽن، هوشوءَ اڄوڪي هڪ ڏينهن ۾ اسانجا ايترا تہ جوڌا ماريا آهن جو ڳڻڻ ڪان ٻاهر آهن. مان تونکي حڪم ٿو ڏيان تہ ڪيس ماري، سندس سر سنگين تي چاڙهي، سر چارلس نيپئر آڏو اچي پيش ڪر.“

”ڪئپٽن رچرڊسن، پنهنجي جنگجو پهلوان ڊيميٽرس کي وٺي، ميدان ۾ ڪاهي پيو. هو ٻيئي لاشن کي اورانگهيندا، ڀڳل هٿيارن کي لتاڙيندا، وچ ميدان ڏانهن ڏوڪيندا ويا، جتي هوشو هماليا جبل وانگر ڳاٽ اوچو ڪيو بيٺو هو.

اڃا هو ٻيئي هوشوءَ ڪان ڪجھ پرپرو هئا تہ زرهہ ۾ جهنجهيل ڊيميٽرس چيو، ” ڪئپٽن رچرڊسن، هوشوءَ جي بهادريءَ جو ذڪر منهنجي بزدليءَ جو اعتراف تہ نہ آهي.“

ڪئپٽن رچرڊسن منهن ورائي ڊيميٽرس ڏانهن ڏٺو.

ڊيميٽرس چيو، ” اڄوڪيءَ جنگ ۾ هوشوءَ جتي جتي پير رکيو ٿي، اُتي ڌرتي ڏُٻي ٿي، ڪنبي ٿي. تلوار جو وار ڪيائين پئي تہ آسمان لرزيو ٿي.“

”تنهنجن حواسن تي هوشوءَ جو خوف ڇانئجي ويو آهي.“ ڪئپٽن رچرڊسن چيو،” هينئر هو زخمي آهي.“

” مون اڄ ڏينهن تائين فقط خوف جو نالو ٻڌو هو،“ ڊيميٽرس چيو، ” اڄ جڏهن هوشوءَ کي وڙهندي ۽ وار ڪندي ڏٺو اٿم، تڏهن خوف جو مفهوم سمجهيو اٿم.“

ڪئپٽن رچرڊسن کي منهن ۾ گُهنڊ پيو. هو ٻِئي هوشوءَ ڏانهن وڌندا رهيا، ڳالهائيندا رهيا. نيٺ هوشوءَ کي سڏپنڌ تي اچي پهتا.

ڪئپٽن رچرڊسن پنهنجي جنگجو پهلوان جي دل مٿي ڪرڻ لاءِ چيو، ”ڊيميٽرس، تون عهدِ روم جي گليڊيئٽرن جهڙو بهادر آهين. تنهنجا جنگي جوهر عظيم رچرڊ جي ڪارنامن سان ڀيٽڻ لائق آهن. تنهنجو وار آدمخور چيتي جي اُچل آهي. ڏسين ڇا ٿو، حملو ڪر!“

ڊيميٽرس هوشوءَ ڏانهن ڏٺو. هوشوءَ هٿ سان پنبڻين ۾ اٽڪيل سُڪل رت جا ذرڙا، مهٽي، لاهي ڇڏيا. اڄ ڪان نوٽ تيل چپ ڏري پيا هئس. ڳيت ڏنائين، تہ رت نيندبيون ڪندو ققرن ۾ وڃي ڦاٽس. هن ڊيميٽرس ڏانهن ڏٺو. ڪهاڙيءَ جي ڳن تي سندس مٺ لوهہ وانگر قابو ٿي ويئي. آهستي آهستي ڦِريو، ۽ ڪيپٽن رچرڊسن ۽ جنگجو ڊيميٽرس کي دوبدو ٿي بيٺو.

”ڊيميٽرس“ ڪئپٽن رچرڊسن رڙ ڪئي، ”ڏسين ڇا ٿو، حملو ڪر.“

ڊيميٽرس ڪئپٽن رچرڊسن کان عمر ۾ وڏو هو. هن ڪئپٽن رچرڊسن ڏانهن ڏسڻ بنا چيو، ” ڪئپٽن، هيءُ هوشوءَ، جنهن جو سَنڌ سَنڌ زخمن کان چور آهي، جيڪو وارن کان پيرن تائين رت ۾ رڱيل آهي، سو اڄ جڏهن اسان فوج تي ڪڙڪيو هو ته وڄ وانگر ڪڙڪيو هو، اسان جي صفن ڏانهن وڌيو هو ته طوفان وانگر وڌيو هو، جيئن جيئن پڙچيون ۾ ڀالا لڱس پئي، تيئن تيئن گجيو ٿي. ڪئپٽن رچرڊسن، ياد رک، هوشوءَ جو آواز صدين تائين سنڌ ۾ گونجندو رهندو.“

ڪئپٽن رچرڊسن اٽڪلي هو، حرفتي هو. هن پنهنجي جملي تي زور ڏيندي چيو، ” ته پوءِ ايڏي وڏي جرنيل کي مارڻ جو فخر حاصل نه ڪندين؟“

ڊيميٽرس پنهنجو فولادي ٽوپ مٿي ڪري ڪئپٽن ڏانهن ڏٺو، ۽ چيو، ”هوشوءَ کي ڪوبه ماري نه سگهندو! “

ڪئپٽن رچرڊسن کي پنهنجي جنگجو پهلوان جو جواب ناگوار محسوس ٿيو. هن کهري لهجي ۾ ڊيميٽرس کي چيو، ” ڊيميٽرس، مان رايل برٽش آرميءَ جو ڪئپٽن تو کي حڪم ٿو ڏيان ته هوشوءَ تي حملو ڪر! “

ڊيميٽرس سڌو تي بيٺو. مياڻ مان تلوار ڪڍندي چيائين، ” مان رايل برٽش آرميءَ جو معمولي پگهاردار سپاهي، تنهنجو حڪم مڃان ٿو. مان پنهنجي قيامت ڪار ي ڪريان ٿو. هڪ گهايل ۽ زخمي سورميءَ تي وار ڪري، مان پنهنجيءَ ماءُ کي لڄايان ٿو.“

ڊيميٽرس وک کڻي هوشوءَ ڏانهن وڌي آيو. هڪ پگهاردار سپاهيءَ وانگر، تلوار سڌي ڪري هوشوءَ تي وريو.

هوشوءَ کهاڙيءَ جي ڳن تي مٺ مضبوط ڪري، رهيل سهيل طاقت بدن ۾ ڀري، ٻانهن اُڀي ڪري، کهاڙي ڊيميٽرس کي اُڇلائي هنئي. کهاڙي ڪنوڻ وانگر ڪِوندي، زرهه کي ڪاغذ وانگر ڪپيندي، ڦڙَ سميت، اڌ ڳن تائين ڊيميٽرس جي سيني ۾ لهي وئي. ڊيميٽر جي هٿ مان تلوار ڇڏائجي ويئي. وات وحشت مان ڦاٽي پيس، پر رڙ نه نڪتس. هو ڪري پيو. مٽيءَ جي بوتي وانگر پُري پيو.

ڪئپٽن رچرڊسن بنا دير جي، اک چنڀ ۾ ، زهريلو ڀالو زخمي ۽ بي هٿيار هوشوءَ کي سموريءَ سگهه سان اُڇلائي هنيو. ڀالو هوشوءَ جي سيني کي چيريندو، پٺيءَ تائين پار ٿي ويو. ڀالو هوشوءَ جي سيني ۾ کپي پيو.

هوشوءَ جي وات مان صدا بلند ٿي: **"مرسون مرسون، سنڌ نہ ڏيسون!"**

هوشوءَ پنهنجو هٿ ڀالي ۾ وجهي، سٽ ڏيئي، سيني مان ڇڪي ٻاهر ڪڍي ورتو.

ڪئپٽن رچرڊسن جو ساهہ خوف کان سڪي ويو. هن هوش نہ سنڀاليو هو جو هوشوءَ اُهو ڇتائي ۽ ڪپائي، ڪئپٽن رچرڊسن جي کوپريءَ تي وهائي ڪڍيو. ڪئپٽن جي ڪيپراٽي ذريون ذريون ٿي ويئي. هو رڙ ڪري، پهڻ وانگر ڌرتيءَ تي ڪريو ۽ برف وانگر ٺري ويو.

هوشوءَ اُجهامندڙ اک سان آسمان ڏانهن ڏٺو. آسمان تي لهندڙ سج رت ـ هاڻي لام ڇڏي ڏني هئي.

هوشوءَ ڌرتيءَ تي دان ڏٺو. سندس هانءَ مان وهندڙ ۽ ٽمندڙ رت ڏسي، لڪيءَ جا چشما بند ٿي ويا. سنڌو نديءَ جو وهڪرو ماٺ ۾ ۽ سانت ۾ سڪندو ويو. ڪير ٿر جون سربلند چوٽيون جهڪنديون ويو ـــ هڪ طويل رڪوع ۾ نمنديون ويون.

هوشوءَ ٿڙندو، ٿاٻڙندو، وک کن وڌيو. اکين اڳيان اونداهہ اچي ويس. اکين آڏو ماحول ڏنڊ ۾ ٻڏندو ويس. هو آهستي آهستي، گوڏا کوڙي، رت ڀنيءَ ڌرتيءَ تي ويهي رهيو. روح اڻ ـ ڪٽ پولار ۾ ڀنواٽيون کائڻ لڳس، ڪائنات جي بي انت پکيڙ ۾ پکيءَ وانگر پرڙا هٽندو رهيس. ڪرنگهو ڪمان ٿيس. هو ابدي سجدي ۾ ڌرتيءَ تي جهڪي آيو. پنهنجا رت ـ هاڻا چپ سنڌ جي مِٽيءَ سان ملائيندي چيائين،

"سنڌڙي منهنجي ماءُ،
**جيجل منهنجي ماءُ،**

تنهنجي سڏ تي سر ڏيئي،
مون پيتو جامِ شهادت پيتو.

اڄ اُسهان ٿو ديس پرائي،
جتان وري مان ورندس:
صدين جا رُخ موڙي،
حق جو جهنڊو عرش تي کوڙي،
۽ واڳ وقت جي موڙي،
مان تنهنجي سڏ تي ايندس.

جيجل منهنجي ماءُ،
سنڌڙي منهنجي ماءُ،
جڏهن بہ تو تي اونداهہ ايندي،
ظلم جي نگري ٿيندي،
رات ڏينهن کي اُڳري ويندي،
۽ کيپ ڪوڙ جي ٿيندي،
۽ مان سر جو صدقو ٿيندس.

جيجل منهنجي ماءُ،
سنڌڙي منهنجي ماءُ،
مان تنهنجي خاطر ڏاڍ ڏمر سان وڙهندس،
سر جي سَين هٽي مان ايندس،
حق تان صدقي ٿيندس:
مان ايندو رهندس،
مرندو رهندس،
مري، وري مان جِيئندس،
جتان وري مان ورندس.“

هوشوءَ پنهنجيءَ بيپناهہ بهادريءَ ۽ بيمثال حب الوطنيءَ سان دُٻي جي شڪست کي سنڌ جي سڀ کان وڏيءَ فتح ۾ بدلي ڇڏيو.

جنهن وقت ڪائنات مڪمل اونداهه ۾ گم ٿي رهي هئي، ۽ جنهن وقت انگريزن جي ڪيمپ مان ڪئپٽن رچرڊسن ۽ جنگجو ڊيميٽرس جي موت تي ٽرمپيٽ جي دردناڪ صدا بلند ٿي رهي هئي، تنهن وقت جرنيل هوش محمد شيديءَ پنهنجي زندگي جا آخري ساهه کنيا. . . . . . ۽ پوءِ، ٽڪل ٽُنل ٻار وانگر، جيجل سنڌ جي هنج ۾ منهن رکي سمهي پيو.

# آدم جي ماءُ

جنهن ڏينهن مون آدم جي ماءُ کي ريگل بس اسٽاپ وٽ پنندي ۽ خيرات گهرندي ڏٺو، تنهن ڏينهن مون کي پڪ ٿي ويئي ته آدم نه بچندو. آدم مري ويندو.

آدم خان اسان جي آفيس ۾ جونيئر ڪلارڪ هو. سڄو سڄو ڏينهن ٽائيپ ڪندو هو، ڪنگهندو هو ۽ رت ٿوڪاريندو هو. شروعات ۾ هو تمام تيزيءَ سان ٽائيپ ڪري سگهندو هو. تڏهن، آدم نه ڪنگهندو هو ۽ نه ئي رت ٿوڪاريندو هو. جنهن ڏينهن کان هن سيني تي هٿ رکي ڪنگهڻ شروع ڪيو، تنهن ڏينهن کان سندس ٽائيپ ڪرڻ رفتار ڍري ٿيڻ لڳي. هو هڪ منٽ ۾ ويهه لفظ ٽائيپ ڪرڻ لڳو ۽ رت ٿوڪارڻ لڳو، تڏهن آفيس سپريڊنٽ پاران ڪيس پهرين وارننگ ڏني ويئي.

آدم سترهن ارڙهن سالن جو هو. ميٽرڪ ڪرڻ کان پوءِ اسان واري آفيس ۾ اچي جونيئر ڪلارڪ ٿيو هو. جنهن ڪمري ۾ بشير ڪافر، وهاب ٽارزن ۽ مان ويهندا هئاسين، ان ڪمري جي ٻاهران، ڪليل ورانڊي ۾ آدم کي ويهاريو ويو هو. اسين ٽيئي پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان آدم ڏانهن ڏسندا هئاسين ۽ ٽائيپ رائيٽر تي سندس آڱرين جي رفتار ڏسي حيران ٿيندا هئاسين. هڪ دفعي بشير ڪافر چيو هو، ”آدم جيڪڏهن ماٺوءَ بدران گهوڙو هجي ها ته جيڪر ڊربيءَ جي ريس کٽي اچي ها.“

پر، آدم ڪاٻه ريس کٽي نه سگهيو. هن کي کو مرض وڪوڙي ويو هو. سندس صحت ڪِرڻ لڳي ۽ ٽائيپ جي رفتار گهٽ ٿيڻ لڳي ۽ جنهن ڏينهن آفيس سپريڊنٽ پاران وارننگ ملي، تنهن ڏينهن هو ڪنبي ويو. سندس ساهه وڃي پيرن ۾ پيو. آدم جي نوڪري نه فقط ڪچي هئي، بلڪ هڪ سال اندر ڪنهن به وقت ختم ڪرڻ جوڳي هئي. اهي سموريون ڳالهيون ڪيس اپائنٽمينٽ آرڊر ۾ تحريري طور ٻڌايو ويون هيون. آدم کي نوڪري ڪندي فقط اٺ مهينا ٿيا هئا، جو ڪيس

پهرين وارننگ ملي هئي. وارننگ وٺڻ کان پوءِ هو ٽائيپ رائيٽر تي جهڪي ويو. هو ڏاڍيءَ جاکوڙ کان پوءِ هڪ منٽ ۾ ويهين بدران پنجويهه لفظ ٽائيپ ڪرڻ لڳو. ان کان مٿي هو ٽائيپ ڪرڻ جي رفتار وڌائي نه سگهيو.

هڪ منٽ ۾ پنجويهه لفظ ٽائيپ ڪرڻ وارو مدو آدم لاءِ مختصر ثابت ٿيو. هو جلد ئي هڪ منٽ ۾ اول 15 ۽ پوءِ 10 لفظ ٽائيپ ڪرڻ لڳو. نيٺ اُهو ڏينهن به آيو جڏهن آدم هڪ منٽ ۾ ڪوشش جي باوجود پنج لفظ ٽائيپ ڪري نه سگهيو. ان ڏينهن هن وراندي جي ٿلهه سان لڳي رت جي الٽي ڪئي هئي. الٽي ڪرڻ کان پوءِ هو ساٽو ٿي پيو هو. ٿلهه سان ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو هو. ان ڏينهن شام جو آدم گهر ويو ته ٻئي ڏينهن آفيس موٽي نه آيو. ٽئين ڏينهن آدم جي ماءُ موڪل جي درخواست کڻي آئي.

موڪل جي درخواست ڏسي آفيس سپريڊنٽ باهه ٿي ويو. هن موڪل جي درخواست تي ڳاڙهي مس سان لکي ڇڏيو ته آدم ڪم چور، سست ۽ نالائق آهي ـــ ڪيس موڪل وٺڻ جي عادت آهي ـــ جيستائين ڪنهن ڊاڪٽر جو سرٽيفڪيٽ پيش نه ڪندو، سندس موڪل جي درخواست منظور نه ڪئي ويندي.

مهيني کان پوءِ آدم جي ماءُ خيراتي اسپتال جو سرٽيفڪيٽ کڻي آئي. جنهن ۾ ڄاڻايو ويو هو ته آدم کي سلهه هئي.

آدم جي سلهه جي خبر آفيس ۾ باهه وانگر پکڙجي ويئي. مون ٽائيپ رائيٽر ڏانهن ڏسندي چيو، ”مشين آدم کي کائي ويئي“

”مشين آدم کي نه کائيندي آهي.“ بشير ڪافر چيو، ”آدم، آدم کي کائي ڇڏيندو آهي.“

وهاب ٽارزن ۽ مون بشير ڪافر ڏانهن ڏٺو. هو ڏينهن رات طرحين طرحين جا ڪتاب پڙهندو هو ۽ توائي ڳالهيون ڪندو هو.

بشير ڪافر چيو، ”پاڪستان ۾ پيغمبرن تي پابندي لڳائي ويئي آهي، ورنه گنجو آفيس سپريڊنٽ پاڻ کي پيغمبر چوائي ها.“

وهاب ٿارزن ڪيس ڇڙٻ ڏيندي چيو، ”تون پنهنجي بڪواس بند ڪر. هن وقت مان بيحد اُداس آهيان.“

”اُداس ماڻهو ٿيندا آهن.“ بشير ڪافر چيو، ”تون فقط ٿارزن آهين.“

وهاب ٿارزن جهٽ ڏيئي ڪرسي ڪٽي ورتي.

”ثبوت جي ضرورت ناهي.“ بشير ڪافر چيو، ”مون قبول ڪيو آهي، ته تون ٿارزن آهين.“

وهاب ڪرسي رکي ويهي رهيو. بشير ڪافر ڏانهن خارن مان نهاريندي چيائين، ”تون وڏو حراميءَ آهين.“

”مون کي ان ڳالهه کان انڪار ڪونهي.“ بشير ڪافر چيو، ”پر خدا جو شڪر آهي جو مان تو وانگر ٿارزن نه آهيان.“

وهاب هڪدم ڪرسي ڪٽي ورتي. بشير تي اُلر ڪندي چيائين، ”تون ڪافر آهين. خبردار جو پنهنجي غليظ ۽ ناپاڪ زبان تي خدا جو نالو آندو اٿئي!“

”ڇو؟“ بشير پڇيو، ”تون خدا جو باڊي گارڊ آهين ڇا!“

وچ ۾ نه پوان ها ته جيڪر جهيڙو ٿي پوي ها. وهاب ٿارزن کي چيم، ”بشير ڪافر، برابر ڪافر آهي. مرڻ شرط انشاء الله تعاليٰ دوزخ ۾ ويندو.“

وهاب ٿارزن ڪرسي رکي ڇڏي ۽ ويهي رهيو. چيائين، ”تنهنجي چوڻ تي ڇڏي ٿو ڏيان مردود کي، ورنه جيڪر ٿڏي تي دوزخ روانو ڪريانس ها.“

”اهو ڪم الله سائين جو آهي. تون الله سائين جي ڪم ۾ دخل اندازي نه ڪر.“ پوءِ مون بشير ڪافر کان پڇيو، ”آفيس سپريڊنٽ ڪو نئون انڪشاف ڪيو آهي ڇا؟“

بشير چيو، ”سپريڊنٽ فيصلو ڏنو آهي ته نوڪريءَ ۾ اچڻ مهل آدم صحت جو جيڪو سرٽيفڪيٽ ڏنو هو، سو جڙتو هو.“

بشير جي ڳالھ ٻڌي مون کي تعجب ٿيو. ڪائنس پڇيم، ”نوڪري ۾ اچڻ کان اڳ آدم کي سلھ ھئي ڇا؟“

بشير چيو، ”وھاب ٽارزن کي ڏسين ٿو.“

مون وھاب ڏانھن ڏٺو.

بشير چيو، ”ماڻھو تو لڳيئي يا گيندو!“

وھاب آپي مان نڪري ويو. بشير کي مارڻ لاءِ اُٺي ڪڙو ٿيو.

”ترس ٽارزن“ ڪيس ٻانھن ۾ ھٿ وجھندي چيم، ”ڳالھ ٻڌڻ ڏي.“

بشير چيو، ”ھڪڙي ڏينھن آدم اڌ سير جليبين 7 سير کير جي شرط تي وھاب ٽارزن سان چنبو ويڙھايو ھو.“

مون اچرج وچان وھاب ڏانھن ڏٺو. وھاب آفيس اچڻ کان اڳ ٻہ ڪلاڪ، ۽ شام جو روزانو چار ڪلاڪ ڪسرت ڪندو ھو. پولوءَ جي آکاڙي جو باقاعدي ميمبر ھو. بشير جي ڳالھ ٻڌي ھو ڦڪو ڦڪو پئي ٿيو.

بشير چيو، ” مان ريفري ھوس. آدم اڌ منٽ ۾ وھاب کي ڊاھي وڌو ھو.“

يقين نہ آيو. وھاب کان پڇيم، ”بشير ڪافر سچ پيو چوي؟“

وھاب ميز تان مَرُ لاھيندي چيو، ”آدم ۾ بيپناھ طاقت ھئي.“

وھاب ۽ بشير ڏانھن ڏسندي چيم، ”توھين ٻئي پلستر آھيو. مون کان ايڏي وڏي معرڪي جي خبر لڪائي اَٿو!“

بشير چيو، ”وھاب جو اميج بچائڻ خاطر اِھا خبر توکان لڪائي ھئيسين.“

ساڳي ڏينھن وھاب ٽارزن، بشير ڪافر ۽ مان آدم جي گھر وياسين.

پيم پوره جي ھڪ غليظ ۽ اونداھيءَ گھٽيءَ ۾ آدم جو گھر ھو. جتي ھو پنھنجي پوڙھيءَ ماءُ سان رھندو ھو. ان گھر ۾ ھڪ ئي ڪمرو ھو، جيڪو آدم ۽

آدم جي ماڻ لاءِ بيڊ روم، ڊرائينگ روم، ڊائيننگ روم، باٿ روم، اسٽور روم ۽ ڪچن جو ڪم ڏيندو هو.

اسان کي ڏسي آدم جي خشڪ ۽ ڪومايل چپن تي اُداس مرڪ تري آئي. هو واڻ جي ڇڳل کٽ تي وڇايل هڪ بيحد گدلي هنڌ تي ليٽيل هو. سندس هڏين تان ماس ڳري ويو هو ۽ سندس رنگت هيڊ جهڙي ٿي ويئي هئي. اکيون اُجهاميل، وار وکريل! کٽ جي ويجهو ڪَٽُ ڪاڏل بالٽيءَ ۾ رت ۽ بلغم پيو هو. وحشت وچان مون بالٽيءَ تان نظرون هٽائي ڇڏيون. نيم تاريڪ ماحول ۾ ڪمري جي پٽين ڏانهن ڏٺم. ڇت اُماوس جو آسمان نظر آئي. ڪُنڊن کان ڄارو لڙڪي رهيو هو. ڪمري ۾ هڪ ئي روشندان هو، جنهن جو شيشو ڊز ۽ دونهي سان لٽجي ويو هو.

سمورو منظر ڪنهن المناڪ اسٽيج ڊرامي جو آخري منظر محسوس ٿيڻ لڳو. سوچيم، اوچتو ئي اوچتو پڙدو ڪِرندو ۽ زمانو آدم جو انجام ڏسي سگهندو. پر ائين نہ ٿيو. جتي مان بيٺو هوس، سان اسٽيج نہ هئي. اُتي پڙدا هئا ۽ نہ پڙدن پٺيان تاڙيون وڄائيندڙ تماشائي هئا. اُتي مان هوس، ۽ مون سان گڏ وهاب ٿارزن ۽ بشير ڪافر.

بشير مون کي ڪن ۾ چيو، ”آدم قدرت جي تجريدي آرٽ جو نادر نمونو ٿي پيو آهي.“

مون سرباٽن ۾ بشير ڪافر کي چپُ جيڏي گار وهائي ڪڍي.

بشير پٽڪن ۾ چيو، ”ايڏي وڏي گار ٻڌڻ کان پوءِ چاليهن ڏينهن تائين مون تي دنيا جي ڪابہ گار خاطر خواه اثر ڇڏي نہ سگهندي.“

وهاب ٿارزن آدم کان پڇيو، ” ڪئين آهين، آدم.“

آدم اُٿي ويهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ويهي نہ سگهيو. چپن تي ساڳي اُداس ۽ وياڪل مرڪ تري آيس. جهيٽي آواز ۾ چيائين، ”خيراتي اسپتال جي ڊاڪٽر چيو آهي تہ مان تمام جلد نيڪ ٿي ويندس، ــ گهبرائڻ جهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي.“

”ڊاڪٽر نيڪ چيو آهي، آدم“ وهاب ٽارزن پنهنجن فولادي هٿن ۾ آدم جو ڪمزور، ۽ نبل هٿ جهليندي چيو، ”تون ضرور نيڪ ٿي ويندين ـ نوبنو، چاڪ چڱو ڀلو. مايوس نہ ٿيءُ. الله تي ڀروسو رک.“

آدم جي چپن تان مُرڪ غائب ٿي ويئي. هن پنهنجيون اُجهايل اکيون وهاب ٽارزن جي اکين ۾ اٽڪائي ڇڏيون. وهاب جي عقاب جهڙين اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. هن منهن ٻئي طرف ڪري ڇڏيو.

بشير ڪافر سرٻاٽن ۾ مون کي چيو، ”معاملو الله سائينءَ جي وس کان ٻاهر ٿي ويو آهي.“

سرٻاٽن ۾ بشير کي ڦٽ لعنت ڪندي چيم، ”تون وڏو جهنمي آهين، تنهنجو حشر عبرتناڪ ٿيندو.“

وهاب ٽارزن اسان جي گفتگو ٻڌي نہ سگهيو. هن آدم کان پڇيو، ”آدم، سينيٽوريم ۾ داخل ٿيندين؟“

بشير ۽ مون اول وهاب ڏانهن، ۽ پوءِ آدم ڏانهن ڏٺو.

آدم عجيب لهجي ۾ پڇيو، ”ڇا اِهو ممڪن آهي؟“

”ڇو نہ ممڪن آهي!“ وهاب مون ڏانهن ڏسندي چيو، ”اوجها سينيٽوريم جي هڪ سهڻي نرس سان گدڙ جي سخت ياري آهي. ان ڪم ۾ هوءَ گدڙ جي چوڻ تي ضرور اسان جي مدد ڪندي. ڪئين گدڙ!“

”ها، ها. ڇو نہ مدد ڪندي!“ چيم، ”ڊمپل سوين دفعا مون کي سينيٽوريم ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ايلاز ڪري چڪي آهي.“

”آدم سان چرچا نہ ڪر، مشڪرا.“ بشير ڪافر مون کي ڪن ۾ چيو، ”ورهيہ ٿيا جو آدم پنهنجي زندگيءَ جو آخري ٺهڪ ڏنو هو. هينئر هو تنهنجي ڪنهن بہ ٽرڊ ريٽ لطيفي تي کلي نہ سگهندو.“

آدم ويران نگاهن سان جاري واريءَ چت ڏانهن ڏسندي چيو، ”مون کي گڏريل مهيني جي پگهار بہ نہ ڏني اٿائون.“

”اسان جي ملڪ ۾ دفتر قاعدن جي بالادستي آهي، آدم.“ بشير چيو، ”تون ايڊهاڪ نوڪريءَ ۾ آهين. ايڊهاڪ وارن کي موڪل دوران پگهار نہ ملندي آهي.“

بشير جي جملي ماحول کي وڏيڪ اُداس ڪري ڇڏيو.

وهاب تارزن پنهنجو فولادي هٿ بشير جي ٻانهن ۾ وجهندي چيو، ”تون ماٺ ڪر، قاعدي قانون جا پٽ.“

ڪجھ گهڙين جي ماٺ ماحول ۾ اچي واسو ڪيو.

آدم اُماس جهڙي چت ڏانهن ڏسندي چيو، ”ڊاڪٽر مون کي کير، مکڻ، بيدا ۽ ميوا کائڻ لاءِ چيو آهي.“

”تہ پوءِ کائين ڇو نٿو!“ بشير ڪافر زهريلي لهجي ۾ چيو، ”کير، مکڻ، بيدا ۽ ميوا، الله سائين جون نعمتون آهن، ۽ اهي نعمتون انسان لاءِ پيدا ڪيون ويون آهن.“

وهاب تارزن جهٽ ڏيئي، بشير ڪافر کي ڪنڌ کان وجي ورتو. ڪيس ڏنڏاڙيندي چيائين، ”سڄو معاشرو تو جهڙن ڪجر ڪافرن سان ڀرجي ويو آهي، جن الله جي نعمتن تي قبضو ڪري ورتو آهي.“

”الله جون نعمتون نہ ٿيون، ڇڻ واٽين جون ڇڏيل ملڪيتون ٿيون ــ جنهن چاهيو، ڪليم ڀري قبضو ڪري ورتو.“ بشير ڪافر پنهنجو ڪنڌ ڇڏائيندي چيو، ”اسان جي معاشري ۾ ڏاڍي جي لٺ جا بہ مٽا ٿيندا آهن.“

وهاب ويهي رهيو، پر ڏند ڪرٽيندو رهيو، *۽ چپن ۾ بشير کي بد شد ڳالهائيندو رهيو

آدم پڇيو، ”اڄڪلھ بيدو گهٽي ملندو آهي؟“

دل گهاٽي ۾ پيڙجي ويئي.

”الله جي نعمتن جي هونءَ ته ڪابہ قيمت نہ هوندي آهي، آدم“ بشير ٽيڏيءَ اک سان وهاب ٽارزن ڏانهن ڏسندي چيو، ”پر معاشري ۾ جڏهن الله جا باڊي گارڊ پيدا ٿيندا آهن، تڏهن اُهي الله جي نعمتن تي قبضو ڪري، انهن نعمتن جي قيمت مقرر ڪري ڇڏيندا آهن.“

”مان وڌيڪ هڪ لفظ برداشت ڪري نہ سگهندس.“ وهاب ٽارزن هٿ مهٽيندي مون کي چيو، ”گدڙ، تون هن ڪافر جي اولاد کي سمجهاءِ ته پنهنجي بڪواس بند ڪري، ورنہ خدا ٿو ڄاڻي چيري ڦاڙي ڇڏيندومانس.“

مون بشير کي چيو، ”اڙي ڪافر، تون ڪجھ دير لاءِ پنهنجي بڪواس بند نہ ڪندين! توهين آدم کي ڏسڻ آيا آهيو يا ڊبيٽ ڪرڻ آيا آهيو!“

بشير ۽ وهاب هونءَ ته ماٺ ڪري ويهي رهيا، پر هڪٻئي ڏانهن شوڪي ڏسندا رهيا.

آدم چيو، ”هڪڙي ڏينهن منهنجي ماءُ صوف وٺڻ ويئي، ته ميوي واري ڪيس ڦتل ناشپاتي ڏيئي ڇڏي.“

”اسان کي صوف بدران ناشپاتي نصيب ٿيندي آهي، آدم.“ چيم، ”۽ اسين ڦتل ناشپاتيءَ کي صوف سمجهي کائي ڇڏيندا آهيون.“

ان وقت آدم جي ماءُ ٻاڪڙي واري ڪان ڪڙڪ چانهہ جا چار گلاس ڪٽائي آئي ـ ٽي گلاس اسان ٽنهي لاءِ ۽ هڪ گلاس آدم لاءِ. آدم جو گلاس ڪٽ جي پاتيءَ تي رکي هن ٻانهن جو سهارو ڏيئي آدم کي مٿيرو ڪيو. وهاب هڪدم ويهاڻو ٻيڻو ڪري آدم جي پٺن هيٺان ڏيئي ڇڏيو. آدم ايتري تڪليف بہ برداشت ڪري نہ سگهيو. هو سهڪي پيو. سندس نرڙ تي پگهر جي آلاڻ اُڀر آئي. اکيون بند ٿيڻ لڳس. وهاب هن جي پاسي کان ويهي رهيو. کيسي مان رومال ڪڍي آدم جو پگهر اُگهڻ لڳو. آدم اکيون کولي ٽارزن ڏانهن ڏٺو. وهاب کٽ جي ٻانهيءَ تان چانهہ جو گلاس کڻي آدم ڏانهن وڌايو. ڪنبندڙ هٿن ۾ چانهہ جو گلاس جهلي، سُرڪي ڀري. ڪجھ ڪجھ سامت ۾ آيو. چيائين، ”کير مهانگو ٿي ويو آهي نہ، تنهنڪري مان چانهہ پيئندو آهيان. ٻاڪڙي واري جي چانهہ ۾ سرس کير هوندو آهي.“

”ڪير، مڪڻ، بيدا ۽ ميوا توکي سينيٽوريم ۾ جام ملندا. تنهنجو علاج بہ چڱي طرح ٿي سگهندو.“ وهاب جي آواز مان سندس دل جو درد جهاتيون پائڻ لڳو. هن آدم جي نرڙ تان وار هٽائيندي چيو، ”ڏسجانءِ. سينيٽوريم مان تون نوبنو ٿي نڪرندين، ۽ وري منٽن ۾ منهنجو چنبو ميز سان لڳائي سگهندين.“

آدم جي اکين ۾ اُميدن جا غوراب غرق ٿي ويا.

”مون کي سمهاري ڇڏيو.“ آدم چيو، ”مان ٿڪجي ويو آهيان، مون کي سمهاري ڇڏيو.“

وهاب آدم کي ياکر ۾ ڀري مٿيرو ڪيو. بشير آدم جي پنن هيٺان ويهاڻو ڪڍي ورتو. وهاب آهستي آهستي آدم کي ليٽائي ڇڏيو.

آدم جو اکيون بند ٿي ويون.

اسين آدم جي گهر مان نڪري آياسين. گهر ٻاهران آدم جي ماءُ پَٽَ تي ويٺي هئي ۽ آسمان ڏانهن ڏسي رهي هئي.

۽ اُن کان پوءِ، ٽن مهينن تائين آدم اسان کان وسري ويو.

هڪڙي ڏينهن مون آدم جي ماءُ کي ريگل بس اسٽاپ وٽ پنندي ۽ خيرات گهرندي ڏٺو. هوءَ فوٽ پاٿ تي ويٺي هئي ۽ پاسي کان ايڪسري ۽ دوا جي خالي بوتل رکي هئس.

آفيس پهچڻ شرط مون آدم جي ماءُ جي باري ۾ وهاب ٺارزن ۽ بشير ڪافر سان ذڪر ڪيو. بشير کي منهنجي ڳالهہ تي اعتبار آيو. پر، وهاب منهنجيءَ ڳالهہ تي اعتبار نہ ڪيو. چيائين، ”گدڙ جي ڳالهہ تي ائين ئي اعتبار ڪونہ ڪندس. سڀ ڪجھ وڃي اکين سان ڏسي ايندس.“

پڪ ڪرڻ لاءِ وهاب ٺارزن ريگل بس اسٽاپ ڏانهن هليو ويو. ڪجھ دير ۾ موٽي آيو. لوھ جهڙو جوان، بيد جي لڪڻ وانگر ڪنبي رهيو هو. چيائين، ”برابر، آدم جي ماءُ فٽ پاٿ تي ويٺي هئي، پاسي کان ايڪسري ۽ دوا جي خالي بوتل رکي هئس. هوءَ پني رهي هئي.“

اسان ٽنهي ٻيٺي پير آدم لاءِ چندو وصول ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پڪو پهه ڪيوسين ته چندو آدم کي اڄ ئي گهر پهچائينداسين ۽ ٻئي ڏينهن هر حال ۾ آدم کي سينيٽوريم ۾ داخل ڪرائينداسين.

وهاب ٿارزن، بشير ڪافر ۽ مان ان لاءِ چندو گڏ ڪرڻ جي مهم تي نڪري پياسين.

سڀ کان پهرين آفيس جي ايڊمنسٽريٽر کان چندو وصول ڪرڻ وياسين. ڪيس ٻڌايوسين، ته اسان آدم جي ماءُ کي پنندي، ۽ خيرات گهرندي ڏٺو آهي.

ايڊمنسٽريٽر چيو، ”توهين ٽيئي پلستر آهيو ۽ ڪوڙ پيا ڳالهايو.“

وهاب ٿارزن اکين تي هٿ رکندي چيو، ”مون پنهنجين اکين سان آدم جي ماءُ کي ريگل بس اسٽاپ وٽ خيرات گهرندي ڏٺو آهي.“

”امپاسيبل ــ ناممڪن!“ ايڊمنسٽريٽر ميز تي مُڪ هڻندي چيو، ”آدم کي نه هئي ڪا ماءُ، ۽ نه ئي ڪو پيءُ.“

”ڳالهه ڏاڏي آدم جي ناهي.“ بشير چيو، ”اسين جونيئر ڪلارڪ آدم خان جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون.“

” اچا اچا، اهو آدم!“ ايڊمنسٽريٽر ٻٽوئي مان پنجاهه پيسن جو سڪو ڪڍي اسانکي ڏيندي چيو، ” مون آدم جي موڪل منظور ڪئي آهي، پر، موڪل دوران پگهار نه ملندس. مجبوري آهي. مان قانون بدلائي نه ٿو سگهان.“

”ايڊمنسٽريٽر جي ڪمري مان نڪري اسين سپرنڊنٽ جي ڪمري ڏانهن روانا ٿياسين. سپرنڊنٽ اتفاق سان ڪمري مان ٻاهر نڪتو. اسان ٽنهي کي ورانڊي ۾ ڏسي چيائين، ”توهين ٽيئي ڇا ڪري رهيا آهيو.“

چيم، ”اسين آدم جي دوا ۽ خوراڪ لاءِ چندو گڏ ڪري رهيا آهيون.“

”توهين غير قانوني ڪم ڪري رهيا آهيون.“ هن چيو، ”آفيس ۾ چندو گڏ ڪرڻ ڏوهه آهي.“

بشير ڪافر چيو، ”اسان آدم جي ماءُ ڪي پنندي ڏٺو آهي، مسٽر سپريڊنٽ!“

وهاب ٿارزن سپريڊنٽ جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو، ”ان ڪان مٿي ٻيو ڪهڙو ڏوهه آهي جو آدم جي ماءُ پني رهي آهي ـ خيرات گهري رهي آهي.“

سپريڊنٽ هيسجي ويو. ڪيسي مان ٻه رپيا ڪڍي اسان کي ڏنائين.

پنجن ڇهن ڪلاڪن جي جاکوڙ ۾ پنجيتاليهه رپيا گڏ ڪري ورتاسين. اهو مناسب نه سمجهيوسين ته چندي جا پيسا آدم جي ماءُ کي ريگل بس اسٽاپ تي ڏيئي اچون. سوچيوسين، شام جو آدم جي گهر وينداسين، آدم کي ڏسي ايندا سين ۽ سندس ما*ءُ کي پنجيتاليهه رپيا ڏيئي ڇڏينداسين، ۽ پوءِ سچ پچ آدم کي اوجها سينيٽوريم ۾ داخل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪنداسين.

شام جو اسين ٻيهر پوره وياسين. غليظ ۽ بدبودار گهٽيءَ ۾ جتي آدم جو ڪچو گهر هو، اتي پڪي اڏاوت واري عمارت ڏٺي سين. عجب ۾ پئجي وياسين.

وهاب ٿارزن در کڙڪايو.

ٺاهوڪي لباس ۾ هڪ نواجوان ٻاهر نڪري آيو. مون نوجوان کان پڇيو، ”هتي اڳ ۾ هڪ ڪچي جاءِ هوندي هئي، جنهن ۾ هڪ پوڙهي پنهنجي بيمار پٽ سان رهندي هئي.“

نوجوان اسان ٽنهي ڏانهن ڏسندي پڇيو، ”توهين ان پوڙهي جا مائٽ آهيو؟“

”مائٽ ته نه . . . “ ڪو جواب سُجهي نه آيو. چيم، ”اصل ۾ اسين . . . ٽيئي . . . منهنجو مطلب آهي، بشير ڪافر، وهاب ٿارزن ۽ مان . . . آدم جا . . .“

نوجوان چيو، ”ٻه اڍائي هينا اڳ ان پوڙهيءَ جو بيمار پٽ مري ويو هو.“

”ڇا!“ اسان ٽنهي جي وات مان رڙ نڪري ويئي، ”آدم مري ويو!“

”ها آدم مري ويو.“ نوجوان چيو، ”پوڙهي پنهنجي ڪونيءَ جي مسواڙ ڏيئي نه سگهندي هئي. هوءَ هتان هلي ويئي. مون ڪيس ريگل بس اسٽاپ وٽ پنندي ۽ خيرات گهرندي ڏٺو آهي.“

منهنجو ساهہ لُڪي ۾ اٽڪي پيو. مون پنهنجو هٿ وهاب ٿارزن جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو. وهاب برف وانگر ٿڌو ٿي ويو هو. بشير پٿر وانگر خاموش هو.

اسان کي گم سم ڏسي، نوجوان چيو، ”لڳيم ٿو توهين ٿيئي اُن پوڙهي جا مائٽ آهيو.“

اسين ڪيس ڪوبہ جواب ڏيئي نہ سگهياسين.

۽ پوءِ اسين هڪ ئي سوچ ۽ هڪ ئي جذبو کڻي ريگل بس اسٽاپ ڏانهن روانا ٿي وياسين.

ريگل بس اسٽاپ تائين اسان ٽنهي مان ڪنهن نہ ڳالهايو. خاموش رهياسين. ڪنڌ جهڪيل، ذهن سوچ ۾ وڪوريل! هلندا رهياسين،

ريگل بس اسٽاپ جي پرسان آدم جي ماءُ فٽ پاٿ تي ويٺي هئي. پاسي کان آدم جو ايڪسري *۽ دوا جي خالي بوتل رکي هئس. سندس ڪنڌ نميل، ۽ گوڏي تي رکيل هٿ ڪليل هو.

ڪيسي مان پنجيتاليھ رپيا ڪڍي ورتم. وک کڻڻ چاهيم، پر کڻي نہ سگهيم. پير ڌرتيءَ کي چنبڙي پيا. مون ۾ ايتري همت نہ هئي جو چندي جا پئسا آدم جي ماءُ جي ڪليل هٿ تي رکي اچان. سندس ڪليل هٿ جي رڪائن ۾ مون کي اُها تحرير نظر آئي جنهن کي صدين کان ڪوبہ ڏاهو پڙهي، سمجهي ۽ پروڙي نہ سگهيو آهي. مان پراسرار تحريرن تي پنجيتاليھ رپيا رکي نہ سگهيس. هڪدم پئسا وهاب ٿارزن کي ڏيندي چيم، ”آدم جي ماءُ کي پئسا ڏيئي اچ.“

”نہ، نہ.“ وهاب ڪنبدي چيو، ”مان اِهو ڪم ڪري نہ سگهندس. نہ، نہ. مان آدم جي ماءُ کي خيرات ڏيئي نہ سگهندس.“

تڏهن، بشير ڪافر بنا ڪنهن چوڻ جي منهنجي هٿ مان پنجيتاليھ رپيا کڻي ورتا. هُن اسان ٻنهي ڏانهن ڏٺو، ۽ پوءِ آدم جي ماءُ ڏانهن وڌي ويو.

بشير آدم جي ماءُ جي پرسان وڃي ويهي رهيو. هو ڪليل هٿ ڏانهن ڏسندو رهيو.

وهاب ٽارزن ۽ مان، بشير ڪافر ۽ آدم جي ماءُ ڏانهن ڏسندا رهياسين.

بشير، آدم جي ماءُ جي پرسان فوٽ پاٿ تي اوڪڙو ويهي رهيو. هن ڪنبندڙ هٿ سان پنجيتاليهه رپيا آدم جي ماءُ جي ترئ تي رکي ڇڏيا.صدين جي پراسرا تحرير، جنهن کي ڪوبہ پڙهي ۽ سمجهي نہ سگهيو هو، پنجيتاليهه رپين سان ڍڪجي ويئي.

بشير هڪدم اُٿي، ڇڙ واچوڙن ۾ تيز ڪائيندو، اسان ٻنهي وٽ اچي بيٺو. پنهنجي سموري وجود سان ٿڙڪي رهيو هو. اکين مان لڙڪ لڙي آيا هئس. ۽ پوءِ پڳل ۽ ٿنل، ڊنل ۽ مسمار ٿيل لهجي ۾ چيائين، ”مان آدم جي ماءُ کي خيرات ڏيئي آيو آهيان.“

۽ پوءِ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو بشير کي مون سڏڪن سان روئيندي ڏٺو.

# ڪپيل پانهن جو وارث

سول اسپتال ۾ مڙدي خاني ٻاهران عورتن، مردن ۽ ٻارن جو انبوهه هو. انبوهه مان روڄ راڙي، ۽ اوڇنگارن جا آواز پئي آيا.

ماڻهن جي انبوهه پنيان ميدان ۾ پوليس جون ٻه لاريون، هڪ ٽرڪ، هڪ پڪ اپ، ٻه جيپون ۽ ايس پيءَ جي نيري رنگ جي فوڪس ويگن ڪار بيٺي هئي. ڪجهه پريرو پپر جي وڻ هينان مئجسٽريٽ صاحب جي اڇي رنگ واري مزدا ڪار بيٺي هئي.

مڙدي خاني جي پوائٽي ورانڊي ۾ نوجوان مئجسٽريٽ ۽ وچولي عمر وارو ايس پي ويٺا هئا. ايس پيءَ جو پيٽ گولائيءَ ۾ ڪجهه سرس هو، جنهن مان سندس مالي خوشحالي ظاهر پئي ٿي. مئجسٽريٽ اڃا نئون نوڪريءَ ۾ گهڙيو هو، تنهن ڪري پوريءَ ريت خوشحال ٿي نه سگهيو هو. هو ٻئي چٽا نڪ تي رومال ڏيئي مڙدي خاني جي ورانڊي ۾ ويٺا هئا.

مڙدي خاني ۾ تازن فسادن ۾ مئل ماڻهن جا لاش پيا هئا. لاشن تي قانوني ڪاروائي ٿي چڪي هئي. لاش هڪ هڪ ڪري مئجسٽريٽ جي موجودگيءَ ۾ وارثن کي حوالي ڪيا پئي ويا. سول اسپتال جي تاريخ ۾ اڳ ائين ڪڏهن به نه ٿيو هو، جو مئجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ جي موجودگيءَ ۾ پوسٽمارٽم ڪيل لاش وارثن جي حوالي ڪيا ويا هجن. اُهو موقعو عجيب هو. ڪنهن به طرح عام رواجي نه هو. لاتعداد اخباري نمائندا، سماجي ڪارڪن، فوٽو گرافر اُتي موجود هئا.

مڙدي خاني جي غليظ، اونداهي ۽ هيبتناڪ ڪمري ۾ ڪجهه لاش پيا هئا. لاشن وٽ اسپتال جو ايڊمنسٽريٽر، ٻه ڊاڪٽر، ڇهه - ست وارڊ بواءِ، ڪجهه سپاهي ۽ هڪ صوبيدار بيٺا هئا. ڊپ ڪان بچڻ لاءِ هنن نڪ بند ڪري ڇڏيا هئا.

صوبيدار هڪ هڪ ڪري لاش ٻاهر ڪڍائي پئي آندو. ٻاهر وراندي ۾ بيٺل مئجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ آڏو لاش ٿرسائي، لاش سان گڏ ٻنهي صاحبن جو فوٽو ڪڍائي، لاش انبوهه ڏانهن ڪڍائي پئي ويو. فوٽو ڪڍائڻ مهل مئجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ نڪ تان رومال هٽائي پئي ڇڏيو.

نوجوان مئجسٽريٽ کان وڏيڪ ايس پي تجربيڪار هو. هن نوجوان مئجسٽريٽ کي سمجهائي ڇڏيو هو، ته اهي فوٽا اخبارن ۾ ڇپبا. حاڪمن تائين وڃي پڄندا، تنهنڪري اسان جي منهن مان بيزاري ظاهر ٿيڻ نه گهرجي.

صوبيدار مڙدي خاني مان هڪ هڪ ڪري لاش ڪڍائي پئي آيو ۽ وراندي ۾ مئجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ کي ٿي ڏيکاريو، جن نڪ تان رومال هٽائي ڪجهه هيٺ جهڪي، منهن تي غم ۽ رنج جا تاثر آڻي، ڪمال اداڪاريءَ سان فوٽو ڪڍائي پئي ورتو. ان ڪاروائيءَ کان پوءِ صوبيدار لاش وارثن جي حوالي ڪندو ٿي ويو.

ڪجهه دير کان پوءِ مڙدي خاني مان اسپتال جو ايڊمنسٽريٽر ٻاهر آيو. هو توائي پئي ڏنو. جنهن ڪم تي ڪيس بيهاريو ويو هو، سو پنهنجي مرتبي کان هيٺ پئي ڀانيائين. هو مئجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ وٽ اچي بيٺو. رومال سان منهن اُگهندي چيائين، ”سمورا لاش وارثن جي حوالي ڪيا ويا آهن، مان وڃان ٿو.“

مئجسٽريٽ پڇيوَ، ”ڪل گهٽا لاش هئا؟“

ايڊمنسٽريٽر وراڻيو، ”چوڏهن.“

”پڪ؟“ مئجسٽريٽ پڇيو.

”ها سائين، پڪ.“ ايڊمنسٽريٽر بيزار ٿيندي وراڻيو

مئجسٽريٽ هڪ ته جوان هو، مٿان بي انداز اختيار مليل هئس. ڏاڍي رعبدار نموني ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪندي ايڊمنسٽريٽر کان پڇيائين، ”مڙدي خاني کي گهٽا در ۽ گهٽيون دريون آهن؟“

ايس پيءَ حيرت مان نوجوان مئجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو.

ايڊمنسٽريٽر وراڻيو، ”مڙدي خاني کي ٻه دريون ۽ چار روشندان آهن ۽ هڪ در آهي.“

”درين کي لوهي شيخون لڳل آهن؟“

”ها.“

”۽ در؟“

”در کي تالو لڳل هوندو آهي.“

”ڀلا روشندان فرش کان ڪيترو مٿي آهن؟“

”اٽڪل ٻارهن فوٽ کن مٿي آهن.“

”روشندانن کي لوهي شيخون آهن؟“

”نه.“

”هون!“ مئجسٽريٽ وڏي سوچ ۾ پئجي ويو. اهڙو ڳنڀير ٿي ويو، ڄڻ خون جي ڪيس ۾ مغز ماري رهيو هو.

ايڊمنسٽريٽر ڪجهه خارباز طبيعت جو هو. هن چيو، ”سائين، يقين ڪريو، ڪوبه لاش مڙدي خاني مان ڀڄي نه ويو آهي. درين کي لوهي شيخون لڳل آهن. جيڪڏهن ڪوبه لاش روشندان مان ڀڄي نڪرڻ جي ڪوشش ڪري ها، ته ضرور ٽنگ ڀڄيس ها.“

نوجوان مئجسٽريٽ کي لونڊڙين تي پگهر اچي ويو. ٺڏي تي ايڊمنسٽريٽر جا لاهه ڪڍي ڇڏي ها، پر ايس پيءَ جي منهن تي مرڪ ڏسي سور پي ويو.

ايڊمنسٽريٽر هليو ويو. اخباري نمائندا ۽ فوٽو گرافر به روانا ٿي ويا. انبوهه ڇڙوڇڙ ٿيڻ لڳو. تڏهن اوچتو مڙدي خاني مان آواز آيو. ”ترسو.“

انبوھ پنڌ پھڻ تي ويو. مئجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ منھن ورائي مڙدي خاني ڏانھن ڏسڻ لڳا. مڙدي خاني جي دَر ۾ صوبيدار بيٺو ھو. ڪيس ڏسي ٻنھي جي لونءَ لونءَ ڪانڊارجي ويئي.

صوبيدار اڳتي وڌي آيو. سندس ھٿ ۾ کُلھي وٽان ڪپيل ھڪ ٻانھن ھئي. ھو ايس پي ۽ مئجسٽريٽ آڏو اچي بيٺو. ھن عجيب بي ڍنگي لھجي ۾ چيو ”ھي ٻانھن مڙدي خاني جي ڪنڌ ۾ پئي ھئي.“

ايس پي ۽ مئجسٽريٽ حيرت وچان ڪپيل ٻانھن ڏانھن ڏسڻ لڳا، جيڪا رت ۽ مٽيءَ سان ٿڦيل ھئي. ايس پيءَ پاڻ سنڀالي ورتو. صوبيدار کي ڪڙڪيدار آواز ۾ چيائين، ”ان ٻانھن کي مڙدي خاني ۾ اُڇلائي اچ.“

صوبيدار مڙدي خاني ڏانھن وڃڻ لڳو.

”ترس“ مئجسٽريٽ کيس روڪيو . چيائين ”انصاف جي تقاضا موجب ھي ڪپيل ٻانھن وارثن جي حوالي ڪئي ويندي.“

ايس پيءَ کيس سمجھائڻ جي ڪوشش ڪئي پر نوجوان مئجسٽريٽ نہ مُڙيو. ھن عدل جھانگير جو رڪارڊ ٽوڙڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو. چيائين، ”ھيءَ ٻانھن وارثن کي ڏني ويندي.“

ايس پي جڪ کاڌا.

مئجسٽريٽ ٻنھي ڊاڪٽرن کي گھرايو، جيڪي مڙدي خاني مان نڪرڻ کان پوءِ تازي ھوا کائي رھيا ھئا. کانئن پڇيائين، ”ڪو اھڙو لاش بہ وارثن کي ڏنو ويو آھي جا، جنھنکي ھڪ ٻانھن نہ ھئي؟“

ٻنھي ڊاڪٽر ڪاغذن جي جانچ ڪرڻ کان پوءِ انڪار ڪري ڇڏيو تہ ڪوبہ ٻانھن ڪپيل لاش مائٽن کي نہ ڏنو ويو آھي.

مئجسٽريٽ پاڻ کي اڪابر ثابت ڪرڻ لاءِ چيو، ”تہ پوءِ ھن ٻانھن جو لاش ڪٿي آھي!“

ايس پيءَ ڪنگھي پنھنجي ڪِل ھضم ڪري ويو. ھن مُرڪندي چيو، ”ممڪن آھي، جنھن شخص جي ھيءَ ٻانھن آھي، سو اڃا جيئرو ھجي.“

مئجسٽريٽ کي اھا ڳالھ پسند نہ آئي. چيائين، ”اھو ناممڪن آھي.“

ھڪ ڊاڪٽر چيو، ”جنرل وارڊ ۾ پنجن ڏينھن کان ھڪ زخمي داخل آھي، جنھن جي ڪُلھي وٽان ھڪ ٻانھن ناھي.“

”تہ پوءِ ھيءَ ٻانھن پڪ ان زخميءَ جي آھي.“ مئجسٽريٽ ڊاڪٽر کي چيو، ”مونکي مريض ڏانھن وٺي ھل. مان ھيءَ ٻانھن سندس حوالي ڪندس.“

ايس پيءَ ۽ انبوھ کي ترسڻ لاءِ چئي، مئجسٽريٽ صوبيدار کان ٻانھن ڪٽائي، ڊاڪٽر کي ساڻ ڪري جنرل وارڊ ڏانھن ويو.

ڊاڪٽر مئجسٽريٽ کي سڌو وٺي ان زخميءَ وٽ بيھاريو، جنھنکي ڪلھي وٽان ٻانھن نہ ھئي.

مئجسٽريٽ زخميءَ کي چيو، ”اسان کي مڙدي خاني مان ھڪ ٻانھن لڌي آھي. اسين سمجھون ٿا، ھيءَ ٻانھن تنھنجي آھي.“

زخمي دريءَ کان ٻاھر نھاري رھيو ھو. سندس منھن ۾ ڳھُنڊ ھو. ايذاءُ سبب چپ خشڪ ۽ اکيون ڏرا ڏيئي ويون ھئس. ھن ڪنڌ ورائي مئجسٽريٽ ڏانھن ڏٺو.

مئجسٽريٽ صوبيدار جي ھٿ ۾ جھليل ٻانھن ڏانھن اشارو ڪندي چيو، ”منھنجو خيال آھي، ھيءَ ٻانھن تنھنجي آھي.“

مريض مئجسٽريٽ تان نظرون ھٽائي، ٻانھن ڏانھن ڏسڻ لڳو. ڪجھ دير کان پوءِ ھن وري مئجسٽريٽ ڏانھن ڏٺو. پڇيائين، ”تنھنجي عمر ڪيتري آھي؟“

مئجسٽريٽ وائڙو ٿي ويو. ڪجھ سمجھ ۾ نہ آيس، چيائين، ”مان پنجويھن سالن جو آھيان.“

”مان بہ پنجويھن سالن جو آھيان، پاڪستان بہ پنجويھن سالن جو آھي.“ زخمي چيو، ”پنجويھن سالن ۾ ھن ملڪ تو جھڙن کي پنجويھ ٻانھون ڏيئي ڇڏيون آھن.

مونکان ٻن ٻانهن مان هڪ ٻانهن ڦڙي ورتي آهي.

مئجسٽريٽ اجايو ڪلڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس شڪل پولي جهڙي ٿي ويئي. چيائين، ”مان حڪومت پاڪستان طرفان توکي تنهنجي ٻانهن موٽائي ڏيڻ آيو آهيان.“

زخميءَ ڪرڙي اک سان مئجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو. ڇاڙيءَ جا هڏا هڪٻئي ۾ جڪڙجي ويس. منهن جو رنگ بدلجندو ويس. تڪليف بدران، سندس منهن مان بي پناهه نفرت ظاهر ٿيڻ لڳي.

مئجسٽريٽ کان زخمي جي خاموشي ۽ گهائل ڪندڙ گهور برداشت ٿي نه سگهي. چيائين، ”مان تو کي تنهنجي ٻانهن موٽائي ڏيڻ آيو آهيان.“

”مونکان جيئري جاڳندي ٻانهن وني، مونکي مئل ٻانهن ڏيڻ آيو آهين!“ زخميءَ ڏند ڪرٽيندي چيو، ”مان فنڪار آهيان. مان مئل ٻانهن کي ڇا ڪندس! مونکي جيئري ٻانهن موٽائي ڏيو.“

ڊاڪٽرن مئجسٽريٽ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، ”هن جو دماغ خراب ٿي ويو آهي. اسين ڪيس ڇرين جي اسپتال موڪليندا سين.“

مئجسٽريٽ نه مُڙيو. زخميءَ کي چيائين، ”توکي پنهنجي ٻانهن نه گهرجي؟“

”مان مئل ٻانهن ڇا ڪندس!“ زخميءَ چيو، ”پنهنجي حڪومت کي چئه ته مونکي منهنجي جيئري ٻانهن موٽائي ڏي. مونکي جيئري ٻانهن گهرجي. مان فنڪار آهيان. مان تصويرون ناهڻ چاهيان ٿو. مان ڪوي آهيان. مان گيت لکڻ چاهيان ٿو. مان سودائي آهيان. مان ڪهاڻيون لکڻ چاهيان ٿو. مونکي منهنجي ٻانهن موٽائي ڏيو. مونکي منهنجي جيئري ٻانهن موٽائي ڏيو.“

مئجسٽريٽ کي وحشت وني ويئي. هو ڊاڪٽرن ۽ صوبيدار سميت موٽي ويو.

مڙدي خاني جي ورانڊي ۾ ايس پيءَ چيس، ”منهنجي مڃو. هيءَ ٻانهن مڙدي خاني ۾ رکائي ڇڏيو.“

”نہ.“ نوجوان مئجسٽريٽ چيو، ”مان هن ڪپيل ٻانهن جي وارثن کي ضرور هٿ ڪندس.“

هن صوبيدار جي هٿ مان ڪپيل ٻانهن ورتي، مٿي ڪري، انبوهہ کي ڏيکاريندي چيو، ”هن ٻانهن جو جيڪڏهن ڪو وارث آهي تہ ثابتي ڏيئي ٻانهن وٺي وڃي.“

ٻانهن ڏسي انبوهہ ۾ چرپر چوٻول ٿيو.

ڪجهہ مرد ۽ عورتون اڳتي وڌي آيا. هو غور سان ٻانهن ڏانهن ڏسڻ لڳا، جنهن تي رت ۽ مٽيءَ جا چاپڙ چڙهيل هئا.

هڪ ننڍڙيءَ ڇوڪريءَ چيو، ”سائين، اها ٻانهن منهنجي پيءُ جي آهي.“ مئجسٽريٽ ڪنڌ ورائي ڇوڪري ڏانهن ورتو. پڇيائين، ”ڪيئن ٿي چوين تہ اها ٻانهن تنهنجي پيءُ جي آهي؟“

ڇوڪريءَ وراڻيو، ”منهنجو پيءُ جيئرو آهي. هن کي هڪ ٻانهن ڪانهي.“ مئجسٽريٽ ڪان چرڪ نڪري ويو. پڇيائين ”ڪڏهن کان تنهنجي پيءُ کي ٻانهن ڪانهي؟“

”مونکي ياد ناهي.“ ڇوڪريءَ وراڻيو، ”منهنجي ماءُ مونکي ٻڌائيندي آهي تہ منهنجي پيءُ کي ٻئي ٻانهون هونديون هيون. هو سچ لکندو هو. هڪڙي ڏينهن انصاف جا علمبردار آيا، ۽ بابا جي اُها ٻانهن ڪپي ويا، جنهن ۾ سچ لکندڙ هٿ هو.“

مئجسٽريٽ هٿ جي اشاري سان ڇوڪريءَ کي پري ڪري ٻيهاريو. پوءِ انبوهہ ڏانهن ڏسندي چيائين، ”ٻيو ڪو وارث آهي؟“

جهور ڪراڙي عورت ڪنبندڙ آواز ۾ چيو، ”هيءَ منهنجي پٽ جي ٻانهن آهي.“
”ثبوت ڏي مائي.“ مئجسٽريٽ چيو.

”هو سورنهن ڪلاڪ ڪم ڪرڻ کان پوءِ ٻه رپيا ڪمائي وٺندو هو، جنهن مان اسين هڪ ويلو ماني کائيندا هئاسين ۽ باقي مسواڙ ۽ دوائن ۾ لڳائي ڇڏيندا هئاسين.“ پوڙهي چيو، ”منهنجو پٽ جنهن ڏينهن چار ڇهه آنا وڌيڪ ڪمائي وٺندو هو، تنهن ڏينهن ابراهيم بوريءَ جي دڪان تان منهنجي لاءِ جليبيون وٺي ايندو هو.“

”پر تون ڪيئن دعوىٰ ٿي ڪرين ته هيءَ تنهنجي پٽ جي ٻانهن آهي؟“

”مونکي سَنڌن جو سور آهي. هو روز رات جو مونکي زور ڏيندو هو.“

ڪراڙيءَ ڪنبندڙ آواز ۾ چيو، ”مان ماءُ آهيان. مان پنهنجي پٽ جي ٻانهن سڃاڻي نه سگهندس! هيءَ ضرور منهنجي ئي پٽ جي ٻانهن آهي.“

”تنهنجو پٽ ڇا ڪندو هو، مائي؟“

”هو پيم پوري، وٽ لوسڻ وڪڻندو هو.“ مائي وراڻيو، گذريل فسادن ۾ هڪ ڏينهن جيئن گهران نڪتو، ته اڄ تائين نه موٽيو آهي.“

”تون ترس مائي.“ مئجسٽريٽ چيو، ”ٻين کان پڇڻ کان پوءِ مان فيصلو ڪندس ته ٻانهن جو حقيقي وارث ڪير آهي.“

هڪ سترهن ـ ارڙهن سالن جو ڇوڪرو اڳتي وڌي آيو. ٻانهن ڏانهن غور سان ڏسندي چيائين، ”مونکي پڪ آهي ته هيءَ ٻانهن منهنجي پيءُ جي آهي.“

”ثبوت ڏي.“

”هو گلوب ٽيڪسٽائيل مل ۾ مزور هو.“ ڇوڪري چيو، ”هو مان ڪپڙي جا ٿانَ ڪٽي گدام ۾ آڻي رکندو هو.“

”پر تو وٽ ڪهڙي ثابتي آهي ته هي تنهنجي پيُءَ جي ٻانهن آهي؟“

”جڏهن کان هو فسادن ۾ گم ٿي ويو آهي، تڏهن کان اسان جو گهر لنگهڻ تي آهي.“

”اهو ڪو ثبوت ڪونهي.“

چوڪري هڪدم وراڻيو، ”هو ڪپڙي جا ٽانڊ ٻانهن ۾ ڪڻندو هو. لاڳيتو وزن ڪڻڻ سبب سندس هڪ ٻانهن رونڊي ٿي ويئي هئي. هيءَ ٻانهن به رونڊي آهي.“
مئجسٽريٽ چيو، ”هيءَ ٻانهن ڪپڄڻ ڪان پوءِ سڪي ويئي آهي، تنهن ڪري رونڊي ٿي ڏسجي.“

”پر مونکي پڪ آهي ته هيءَ ٻانهن منهنجي پاءُ جي آهي.“

”ان جو فيصلو مان ڪندس.“ مئجسٽريٽ انبوهه ڏانهن ڏسندي چيو، ”ٻيو ڪو؟“

هڪ وچولي عمر وارو شخص اڳتي وڌي آيو، هو ڏسڻ ۾ عجيب پئي لڳو. ڪيس مٿي تي پراڻو ٽوپلو، ڍگهو ڪوٽ ڪالر وٽان ڦاٽل قميص ۽ تمام ڍلي پتلون پاتل هئي. ڪيس ڪوٽ جي ڪيسي ۾ اڌ درزن فائونٽن پينون ۽ چار ڳاڙهيون نيريون پينسلون ٽنبيل هيون. هن اڳتي اچي ٻانهن جو معائنو ڪيو. صوبيدار جي هٿ مان ڪپيل ٻانهن ورتي، چڱيءَ طرح جانچي، صوبيدار کي موٽائي ڏنائين. پوءِ ٿورو سيٽجي ۽ ٿورو آڪڙجي بيٺو. چيائين، ”مان سر چارلس نيپيئر ديسي آهيان.“

غمگين ۽ اُداس بيٺل ماڻهن کي کِلَ اچي ويئي.

”اڙي! توهين کلو ٿا!“ سر چارلس نيپيئر ديسيءَ چيو، ”وڏا ڪي بي شرم آهيو.“
ايس پيءَ مئجسٽريٽ کي ڪَن ۾ چيو، ”هيءُ موهن جي دڙي جو گم ٿيل انگريز نڪ ۾ دم ڪندو.“

”اي ڪوٻلا.“ سر چارلس نيپيئر ديسيءَ ايس پيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”مان توکي سڃاڻان ٿو. تون جيڪب آهين.“

ماڻهو کِلي پيا.

”کلو نه روئو ـــ هنجون هاري روئو، ڇو جو توهان کي خبر ناهي ته هيءَ ڪپيل ٻانهن ڪنهن جي آهي.“ سر چارلس نيپيئر ديسيءَ انبوهه تي نگاهه ڄمائي ڇڏي.

نوجوان مئجسٽريٽ ڏڪندي ڏڪندي ڪانئس پڇيو، ”سر، توهان کي خبر آهي تہ هيءَ ٻانهن ڪنهن جي آهي؟“

”ها. مون کي خبر آهي تہ هيءَ ٻانهن ڪنهن جي آهي.“

”ڪيئن سائين؟“

” 1843ع کان اها ٻانهن ڪپيندو آيو آهيان.“

”1843ع کان!“

”ها 1843ع کان.“ سر چارلس نيپيئر ديسيءَ وراڻيو، ”مان هر دور ۾ اها ٻانهن ڪپيندو آيو آهيان. تنهنڪري مونکي خبر آهي تہ هي ٻانهن ڪنهن جي آهي.“

ايس پي چپن ۾ مُرڪڻ لڳو. مئجسٽريٽ لوندڙين تان پگهر اُگهندي سر چارلس نيپيئر ديسيءَ کان پڇيو، ”سر، هيءَ ٻانهن ڪنهن جي آهي؟“

”هيءَ ٻانهن جنرل هوش محمد شيديءَ جي آهي.“ سر چارلس نيپيئر ديسيءَ وراڻيو.

”جنرل هوش محمد شيدي!“

”ها. جنرل هوش محمد شيدي.“ سر چارلس نيپيئر ديسيءَ چيو، ”هر دور ۾ مان ان ٻانهن کي هوشوءَ جي ڪلهي کان ڪپي ڌار ڪندو آهيان، پر وري ٻئي ڪنهن دور ۾ اها ٻانهن هوشوءَ جي ڪلهي سان لڳي جيئري ٿي پوندي آهي. اها ٻانهن ملڪ ۾ وڳوڙ وجهندي آهي. نوجوانن کي هٿياربند جدوجهد جي ترغيب ڏيندي آهي. حاڪمن لاءِ مصيبت پيدا ڪندي آهي. پر هن دفعي مان ان ٻانهن کي پڄي رهندس.“

مئجسٽريٽ ڪانئس پڇيو، ”توهين هن ٻانهن کي ڇا ڪندا، سر؟“

سر چارلس نيپيئر ديسيءَ وراڻيو، ”نظريہ پاڪستان جي حفاظت، قومي يڪجهتي *۽ سرحدي بقا لاءِ مان ان ٻانهن کي هٿ ۾ چمچو ڏيئي ڇڏيندس. چمچو جهلڻ کان پوءِ اها ٻانهن هٿيار کڻڻ جي قابل نہ رهندي.“

مئجسٽريٽ ڪيس ٿارڻ لاءِ چيو، ”سر، ٻانهن هر حال، ۽ هر صورت ۾ توهان ڪي ڏني ويندي. في الحال ٻين وارثن جي ڳالهه ٻڌڻ ڏيو.“

”ٻڌبي نمري ۽ دادرو آهي.“ سر چارلس نيپيئر ديسيءَ چيو، ”تون تفتيش ڪر، پورلا.“
مئجسٽريٽ پگهر اُگهيو. ايس پي چپن ۾ مُرڪيو.

مئجسٽريٽ انبوهه کان پڇيو، ”ٻيو ڪو آهي، هن ٻانهن جو وارث؟“

هڪ نوجوان ڇوڪري انبوهه مان نڪري آئي. هوءَ حسين هئي. اُداس ۽ ويراڳڻ ٿيڻ کان پوءِ وڌيڪ دلڪش ٿي ڏٺي.

ايس پيءَ سڙٻاٽن ۾ مئجسٽريٽ کي چيو، ”هيءَ ڇوڪري رنڊي آهي. نالو فرزانه اٿس.“

فرزانه ٻانهن وٽ اچي بيٺي. اکيون روئڻ سبب ڳاڙهيون ٿي ويون هئس. ٻانهن ڏانهن ڏنائين ته روئي پيئي. سڏڪن ۾ چيائين، ”هيءَ ٻانهن مونکي ڏيو.“

”ثابتي.“

”هيءَ ٻانهن شهمير جي آهي.“

”شهمير ڪير هو؟“

”شهمير مانجهي مڙس هو. مشڪلن جي اکين ۾ اکيون وجهي ڏسندو هو.“

”هو تنهنجو ڪير هو؟“

ڇوڪريءَ جون اکيون رڻ ۾ ڦاٿل هرڻيءَ جي اکين وانگر وياڪل ۽ وائڙيون ٿي ويون. هن ڇپر ڪٽي مئجسٽريٽ ڏانهن ڏٺو. چيائين، ”شهمير منهنجي لاءِ سڀ ڪجهه هو.“

”تنهنجو مڙس هو؟“

”نہ.“

”توهان جو مڱڻو ٿيو هو؟“

”نہ.“

”تہ پوءِ؟“

فرزانہ منجهي پئي. ڪو جواب سجهي نہ آيس.

ايس پيءَ مئجسٽريٽ کي آهستي چيو، ”هيءَ رنڊي آهي. هوندس ڪو خاص گراهڪ.“

مئجسٽريٽ ڇوڪريءَ کي چيو، ”توکي ثابت ڪرڻو پوندو تہ تون هن ٻانهن جي وارث آهين.“

ڇوڪري چيو، ”شهمير هڪ دفعي منهنجو هٿ پنهنجي هٿ ۾ قابو ڪندي چيو هو تہ مڙس زندگيءَ ۾ فقط هڪ عورت جو هٿ جهليندو آهي *۽ اها عورت تون آهين. هن مون کي پنهنجو ڪيو هو. هو زماني جي ريتن رسمن جو قائل نہ هو. چوندو هو، تہ مرد جي وچن کان وڌيڪ مضبوط ٻيو ڪوبہ ٻنڌڻ ناهي.“

مئجسٽريٽ چيو، ”پر تو وٽ ڪهڙو ثبوت آهي تہ هيءَ ٻانهن تنهنجي شهمير جي آهي؟“

ڇوڪريءَ جون اکيون ترسيل ساوڻ وانگر وسي پيون. چيائين، ”شهمير جي هٿ ۾ عمر واري ليڪ تمام وڏي هوندي هئي، پر شهمير ان ليڪ تي ڪڏهن بہ اعتبار نہ ڪيو. هو چوندو هو تہ انسان پنهنجا ليڪا پاڻ ٺاهيندو آهي.“

ڇوڪري ڳالهائيندي ڳالهائيندي خاموش ٿي ويئي. هوءَ پنهنجن سڏڪن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. جڏهن ڪجهہ سامت ۾ آئي تڏهن چيائين، ”فسادين جي هڪ وڏي انبوهہ سان اڪيلي سر وڙهندي منهنجو شهمير مارجي ويو. هٿ ۾ عمر واري وڏي ليڪ هوندي بہ جوانيءَ ۾ مارجي ويو. فسادي سندس لاش جيپ سان ٻڌي، رستن تان گهليندا ڪٺي ويا. توهين ان ڪپيل ٻانهن جي هٿ ۾ عمر واري ليڪ ڏسو. ضرور وڏي هوندي.“

صوبيدار چيو، ”ٻانهن جو هٿ رهڙجي ويو آهي. سموريون ليڪون ڊهي ويون اٿس.“

”تون ترس.“ مئجسٽريٽ چيو. ”مان ٻين دعويدارن کان پڇي وٺان.“

”وڏيڪ ڦڏيبازي نہ ڪر، مئجسٽريٽ، پولا.“ اوچتو سر چارلس نيپيئر ديسيءَ ڳالهايو. چيائين، ”تو مونکي پرامز ڏنو آهي، تہ اها ٻانهن مون کي ڏيندين.“

مئجسٽريٽ موقعي جي نزاڪت ڏسندي، ڪاوڙ کي قابو ڪندي چيو، ”هيءَ ٻانهن هر حال ۾ توهان کي ڏني ويندي، سر چارلس نيپيئر ديسيءَ.“

”ٿينڪ يو.“ سر چارلس نيپيئر ماٺ ٿي ويو.

مئجسٽريٽ ماڻهن ڏانهن منهن ڪندي وڏي واڪ پڇيو، ”ٻيو ڪو هن ٻانهن جو دعويدار آهي؟“

هڪ منڊڙو پوڙهو گهوڙين تي هلندو اڳتي وڌي آيو. چيائين، ”هيءَ منهنجي پٽ جي ٻانهن آهي.“

”ثبوت.“

”منهنجي دل ٿي چوي، اها منهنجي پٽ جي ٻانهن آهي.“

”قانون جي نگاهن ۾ دل ڪابہ معنيٰ نہ رکندي آهي، اسانکي ثبوت گهرجي.“

”ثبوت!“

”ها، ثبوت.“ مئجسٽريٽ پڇيو، ”تنهنجي پٽ جو نالو ڇا هو؟“

”خاوند.“ وري هڪدم چيائين، ”خاوند ڏنو.“

”ڇا ڪندو هو؟“

پوڙهي وراڻيو، ”لالو کيت ۾ سنڌي هوٽل جي ٻاهران پڪوڙا وڪڻندو هو.“

”ڪهڙو ثبوت اٿئي تہ هيءَ ٻانهن تنهنجي پٽ جي آهي؟“

پوڙهي جي اکين ۾ پاڻي تري آيو، پر سندس اکين ۾ چمڪندڙ پدري شفقت ۽ ذهانت ٻوڙي نہ سگهيو. پوڙهي چيو، ”پيءُ ـ پٽ جو رشتو ثبوت جو محتاج نہ هوندو آهي، سائين. روح جي چڪ سندن ڪسوٽي هوندي آهي.“

”مان مئجسٽريٽ آهيان. فلاسفر ناهيان.“ مئجسٽريٽ چيو، ”ٻانهن حاصل ڪرڻ لاءِ توکي ثبوت ڏيڻو پوندو.“

پوڙهو سوچ ۾ ٻڏي ويو. منهن انيڪ ليڪن ۾ وراهجي ويس. ڪجھ دير کان پوءِ چيائين، ”هڪ دفعي منهنجي هڪ گهوڙي پچي پئي هئي. جيستائين ٻي گهوڙي واڍي کان نهرايان، تيستائين مان پنهنجي پٽ خاوند جي ٻانهن جي سهاري هلندو هوس. ها، مونکي ياد آهي. هيءَ ئي خاوند جي ٻانهن آهي. اڄ هو جيئرو هجي ها، تہ توهين سندس جيئريءَ ٻانهن سان هيءَ ڪپيل ٻانهن پيٽي ڏسو ها، پوءِ اعتبار ڪريو ها.“

مئجسٽريٽ کي پوڙهي جو ثبوت قانون جي دائري کان ٻاهر لڳو. هن پوڙهي کي پري ڪري بيهاري ڇڏيو. هن ماڻهن ڏانهن منهن ڪندي چيو، ”ٻيو ڪو دعويدار آهي؟“

هڪ ڏهن ٻارهن سالن جي ڇوڪري رئي سان اکيون اُگهندي اڳتي وڌي آئي. چيائين، ”هيءَ ٻانهن منهنجي پاءُ صديق جي آهي.“

”ڇا ڪندو هو تنهنجو پاءُ؟“

”هو سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ ڪلارڪ هو.“ ڇوڪريءَ چيو، ”گذريل فسادن ۾ گهران نڪتو تہ ٻِترا ٻِترا ٿي گهر وارن کي مليو. ظالم ڪيس ڪُهي، وڍي، هڪ ٻوڻ ۾ وجهي راتو واھ اسان جي ڏيڍيءَ آڏو ڇڏي ويا هئا.“

ڇوڪري اوڇنگارون ڏيئي ۽ سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

مئجسٽريٽ پڇيس، ”تو وٽ ڪو ثبوت آهي، تہ هيءَ ٻانهن تنهنجي ڀاءُ جي آهي؟“

ڇوڪري مُنجهي پيئي. روئڻ بند ٿي ويس.

مئجسٽريٽ ورائي پڇيس، ”ٻانهن تي و داغ، ڏک جو نشان يا ترُ وغيره هوس؟“

ڇوڪريءَ جون آليون اکيون چمڪڻ لڳيون. چيائين، ”فسادن کان ٻه ڏينهن اڳ اسان سندس مڱڻو ڪرايو هو. مون سندس هٿ تي مينديءَ لاتي هئي. ڏسوس، ان هٿ تي مينديءَ ضرور لڳل هوندي.“

مئجسٽريٽ صوبيدار ڏانهن ڏٺو.

صوبيدار چيو، ”ٻانهن سڪي، ڪاراٺجي ويئي آهي. ٻيو ته هٿ بلڪل ڇليل آهي، رهڙجي ويو آهي. مينديءَ جو نالو نشان به ناهي.“

ڇوڪريءَ مايوس ٿي ويئي. آليون اکيون اُگهندي پري وڃي ويٺي.
ان کان اڳ جو مئجسٽريٽ ڪپيل ٻانهن جي ٻئي ڪنهن دعويدار کي سڏ ڪري، سر چارلس نيپيئر ديسيءَ وڏي واڪ چيو، ”اجائي جک ٿو مارين، مئجسٽريٽ موڳا.“

ڪجھ ماڻهو ٺهه ٺهه ڪري کِلي پيا.

مئجسٽريٽ کي خار وٺي ويا. هن ڪجھ کهري لهجي ۾ چيو، ”توهين مانٺ ڪري ويهو، سر چارلس نيپيئر ديسي.“

”اڙي ماٺ ڪري وري ڪيئن ويهان!“ سر چارلس نيپيئر ديسيءَ چيو، ”توري دير ۾ اها ٻانهن جيئري ٿيڻي آهي. توري دير ۾ وري ممڻ مچڻو آهي. توري دير ۾ وري نظريه پاڪستان ۽ اسلام خطري ۾ پوڻو آهي، تنهنڪري دير نه ڪر، مئجسٽريٽ، پولا. اها ٻانهن مونکي ڏي ته هٿ ۾ چمچو ڏيئي ڇڏيانئس. پوءِ اها ٻانهن گڙٻڙ نه ڪندي.“

مئجسٽريٽ کي هڪ اٽڪل سجهي آئي. چيائين، ”سر چارلس نيپيئر ديسي، مون فيصلو ڪيو آهي ته هيءَ ٻانهن توکي ڏيئي ڇڏيان.“

”تو زندگيءَ ۾ پهريون دفعو صحيح فيصلو ڪيو آهي، مئجسٽريٽ پولا.“ سر چارلس نيپيئر ديسي چيو، ”ان ٻانهن جي هٿ ۾ چمچو اچڻ کان پوءِ، تاريخ ۾ وري ڪڏهن به هوشو شيدي پيدا ٿي نه سگهندو.“

”توهان بلڪل صحيح فرمايو آهي.“ مئجسٽريٽ چيو، ”توهين چمچو ڪٽي اچو، اسين هيءَ ٻانهن توهان جي حوالي ڪنداسين.“

”مان چمچو ڪٽي ٿو اچان.“ سر چارلس نيپيئر ديسي چيو، ”پر ياد رک، متان ڪا پرپٺ بدمعاشي ڪئي اٿئي، مئجسٽريٽ پولا.“

سر چارلس نيپيئر ديسي هليو ويو.

مئجسٽريٽ پگهر اُگي ايس پيءَ ڏانهن ڏٺو، جيڪو مٿس ذري گهٽ ڪِلي رهيو هو.
مئجسٽريٽ انبوهه ڏانهن ڏسندي چيو، ”هن ڪپيل ٻانهن جو ٻيو ڪو دعويدار آهي ڇا؟“

انبوهه مان ڪو جواب نه آيو. پُراسرار ماٺ ماحول کي ڳڙڪائي ويئي.

هن ٻيهر پڇيو، ”هن ٻانهن جو ٻيو ڪو وارث آهي ڇا؟“

تڏهن اوچتو، هڪ تمام ننڍڙو ٻار، جيڪو مشڪل سان پنڌ ڪرڻ لائق هو. اڳتي هليو آيو. هو هلندو اچي ڪپيل ٻانهن جي پرسان بيٺو. ٻار جو قد ڪپيل ٻانهن کان ننڍو هو. هن مئجسٽريٽ کي تمام چِٽي آواز ۽ لهجي ۾ چيو، ”مان هن ڪپيل ٻانهن جو وارث آهيان.“

مئجسٽريٽ ۽ ايس پيءَ کان ڇرڪ نڪري ويو. ايتري ننڍڙي ٻار کي اهڙي چٽي نموني ڳالهائيندي ڏٺي ٻنهي کي بدن ۾ سياٽو محسوس ٿيو.

ٻار چيو، ”ان ٻانهن ۽ منهنجي وچ ۾ جيڪو رشتو آهي، سو زمان ۽ مڪان جي پابندين کان آزاد آهي. مان ان ڪپيل ٻانهن جي آڳر جهلي محبت ۽ نفرت، ڪوڙ ۽ سچ جي ڇڪتاڻ ۾ ڇجندڙ ماحول ۾ هلندو آهيان. پوءِ هلندي هلندي، جڏهن مان جوان ٿيندو آهيان، تڏهن اِها ڪپيل ٻانهن تاريخ ٿي پوندي آهي. وقت جا ويري تاريخ سان پڄي نه سگهندا آهن. هو منهنجي ٻانهن ڪپي ڇڏيندا آهن. وري ڪو ٻار ان ڪپيل ٻانهن جي آڱر جهليندو آهي، ۽ تاريخ ٺهي ويندي آهي. هيءَ ڪپيل ٻانهن منهنجي آهي، ۽ مان ئي هن ٻانهن جو وارث آهيان.“

پوءِ ان کان اڳ جو ڪنهن کي خبر پئجي سگهي تہ ڇا ٿي رهيو هو، ٻار هٿ وڏائي ڪپيل ٻانهن جي سڪل آڱر ۾ مٺ وڌي. ٻانهن صوبيدار جي هٿ مان ڇڏائجي ويئي. صوبيدار دهشت ۾ خوف کان هٽي ويو. مئجسٽريٽ ۾* ايس پيءَ پٿ سان لڳي بيهي رهيا. هر ڪو پنهنجي جاءِ تي پند پهڻ ٿي ويو.

ڪپيل ٻانهن هوا ۾ اُڀي ٿي بيٺي، ائين، ڄڻ ڪنهن غيبي انسان جي ڪلهي سان لڳل هئي. ٻار جي مٺ ٻانهن جي آڱر ۾ لوهہ ٿي ويئي. ٻار وک وڌائي، ٻانهن هوا ۾ لڏڻ لڳي، ۽ ٻار جي وک سان وڻ لڳي. ٻانهن تي سڪل رت ۽ مٽيءَ جا چاپڙ آلا ٿيڻ لڳا. ڏسندي ڏسندي، ٻانهن مان ٽِمندڙ رت ۾ ٻار جو آڱر جهليل هٿ آلو ٿي ويو. ٻار ڪپيل ٻانهن جي آڱر جهلي اڳتي وڌندو ويو.

# پنجين موسم

---

مان تمام تيزيءَ سان ڊوڙندو پئي ويس. اوچتو ڪنهن جي روئڻ جو آواز ٻڌي بيهي رهيس.

ان وقت مان مارگلہ جي ٽڪرين جي هنج ۾ گهاٽي جهنگ مان ڊوڙندو پئي ويس. مان ان ڪري پئي ڊوڙيس جو موت منهنجو پيڇو ڪري رهيو هيو. ڊاڪٽرن چيو هو، جيستائين ڊوڙندو رهندين، جيئرو رهندين. ڊوڙندين نہ تہ وقت کان اڳ مري ويندين. مان وقت کان اڳ مرڻ نٿو چاهيان. مان مرڻ کان اڳ ڪليل اکين سان جاڳندين هڪ خواب ڏسڻ جو خواهشمند آهيان. اصل ۾ هڪ خواب خاطر مان گهاٽي، اونداهي جهنگ ۾ ڊوڙندو رهندو آهيان. اسلام آباد هڪ گڙنگ ڪامورن، سرمائيدارن ۽ اچن ڪارن سفارتڪارن جو شهر آهي. ان قسم جا ماڻهو گهڻو ڪري دل جي بيمارين، منن پيشابن ۽ ٽولهہ جي مرض ۾ مبتلا هوندا آهن. هو بہ موت جي ڊپ کان ڊوڙندا رهندا آهن. سندن ڊوڙڻ لاءِ خاص رستا ۽ جهنگ مان گذرندڙ پيچرا ٺاهيا ويا آهن. شام ٿيندي ئي سنهڙن ٽنگن ۽ پخال جهڙن پيٽن وارا گنجا انهن پيچرن تي ڊوڙندي ۽ سهڪندي نظر ايندا آهن. مان نہ ڪامورو آهيان، نہ سرمائيدار آهيان، ۽ نہ ئي سفارتڪار آهيان. مان تنهن هوندي بہ ڊوڙندو رهندو آهيان. مان سمهي نہ سگهندو آهيان، مان جاڳندو رهندو آهيان. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ مون جهڙا سودائي وقت کان اڳ مري ويندا آهن. مان وقت کان اڳ مرڻ نہ ٿو چاهيان. وقت کان اڳ مرڻ وارا هميشہ نہ مرندا آهن. هو عارضي طرح مري ويندا آهن. ڪليل اکين سان هڪ خواب ڏسڻ جي آرزوءَ ۾ هو ٻيهر جنم وٺندا آهن. مان ٻيهر جنم وٺڻ جي حق ۾ نہ آهيان. خواب منهنجو نرواڻ آهي. مان هن جنم ۾ ئي ڪليل اکين سان هڪ خواب ڏسڻ جو خواهشمند آهيان. هڪ خواب خاطر مان ڪامورن جي امير پرور شهر اسلام آباد ۾ ڊوڙندو رهندو آهيان.

هيءَ گذريل هفتي جي ڳالهہ آهي. مارگلہ ٽڪرين جي هنج ۾ گهاٽي جهنگ مان گذرندڙ پيچرن تان مان ڊوڙندو پئي ويس. وچ جهنگ ۾ جتي ٻڙن جا قديم

وڻ آهن، ۽ ٻڙن جي سڪل ٽارين تي سج لٿي مهل چٻرا اچي ويهندا آهن، مون ڪنهن جي روئڻ جو آواز ٻڌو. ڊوڙندي ڊوڙندي مان بيهي رهيس. ۽ روئڻ جو آواز ٻڌڻ لڳس. ڪو هنجون هاري روئي رهيو هيو، سڏڪي رهيو هيو. مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو، پر روئڻ وارو شخص مونکي نظر نہ آيو. مون دل ۾ الله سائينءَ جا لک ٿورا مڃيا تہ روئڻ جو آواز ڪنهن مرد جو هيو، عورت جو نہ هيو. عورت جو آواز هجي ها تہ پوءِ مان جيڪر هڪ ڪن لاءِ اتي نہ ترسان ها، ۽ ڪيس ڏائڻ سمجهي اتان ڀڄي وڃان ها. مان ڏائڻ ڪان ڏاڍو ڊڄندو آهيان. اسلام آباد ۾ آدمخورن کان سواءِ ڏائڻيون بہ چڱي چوکي تعداد ۾ آباد آهن. جڏهن بہ مان ڪنهن ڏائڻ ڪي بيوٽي پارلر ۾ داخل ٿيندي يا بيوٽي پالر مان نهي نڪي ٻاهر ايندو ڏسندو آهيان، تڏهن منهنجو ساهہ وڃي پيرن ۾ پوندو آهي، ۽ پير وڃي ساهہ ۾ پوندا آهن. مون جهنگ ۾ اڪثر چٻرن ڪي موت جي خوف کان ڊوڙڻ وارن جي حال تي ڪلندي ڏٺو آهي، جهنگ ۾ روئڻ جو آواز ٻڌي سوچيم، ضرور ڪو دانشور چٻرو آهي ۽ ماڻهن جي حال تي ڪلڻ جي بدران روئي رهيو آهي، ۽ اهڙي طرح چٻرن جي تاريخ ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ڪري رهيو آهي.

مون ڪنڌ مٿي ڪري ٻڙ جي ٽارين تي وينل چٻرن ڏانهن ڏٺو. چٻرا هميشہ وانگر ڪلي رهيا هئا. ڪوبہ چٻرو مونکي روئندي نظر نہ آيو.

مون وڏي واڪي چيو، ”ابا روئڻا، تون ڪٿي آهين؟ مون ڪي نظر چو نہ ٿو اچين؟“

سڏڪن هاڻو آواز آيو، ”افسوس، اي رحمدل انسان تون مونکي ڏسي نہ سگهندين.“

”چونہ ڏسي سگهندس؟“ پڇيم، ”تون جن ، يا ڀي غيبات آهين ڇا؟“

”نہ، مان جن وغيره نہ آهيان،“ هن روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو، ”تون جنهن وڻ جي ٿڙ وٽ بيٺو آهين، مان ان ٿڙ جي ٻئي پاسي وينو آهيان.“

هڪڙي چٻري زور سان ٽهڪ ڏنو.

مون روئڻي کي چيو، ”تنهنجو ڏک سور معلوم ڪرڻ ۽ توکي ڏسڻ لاءِ مان ٽڙ جي ٻئي پاسي اچي رهيو آهيان. تنهنجي روئڻ مونکي ٻه روئڻهارڪو ڪري وڌو آهي.“

مان ڦيرو ڪائي ٽڙ جي ٻئي پاسي کان وڃي بيٺس. مون کي تعجب ٿيو. ٽڙ جي ٻئي پاسي ڪوبه نه هو. روئڻ جو آواز بدستور اچي رهيو هيو. مونکي ڪجهه ڪجهه ڪاوڙ لڳي. چيم، ”اجايو چرچا نه ڪر، تون ته هتي به موجود نه آهين.“

جواب آيو، ”هينئر مان ٽڙ جي ٻئي پاسي وڃي بيٺو آهيان. مان جهڙي حال ۾ آهيان. تنهنجي سامهون نه ايندس. مان نه ٿو چاهيان ته تون مونکي ڏسين.“

”توکي ڇونه ڏسان!“ ڪانئس پڇيم، ”يار، تون اگهاڙو ته ناهين!“

”نه ـ“ هن روئندي چيو، ”مونکي ڏسي تون ڊڄي ويندين ـ“

”ڇو ڊڄي ويندس!“ ڪانئس پڇيم، ”ٻن ٻدران چار ٽنگون اٿئي ڇا؟“

هٻڪندي هٻڪندي چيائين، ”ها“

پڇيومانس، ”تون ڪتي ڪو جانور، يا جانورن جو مائٽ مٽ ته نه آهين؟“

هن روئيندي چيو، ”مان هڪ خونخوار جانور آهيان.“

”ته پوءِ مڙئي خير آهي“ چيم، ”ٽيليويزن تي روزانا قسمين قسمين جانور ڏسڻ کان پوءِ اسان جانورن کان ڊڄڻ ڇڏي ڏنو آهي. توکي ڏسڻ لاءِ مان ٽڙ جي ٻئي پاسي اچي رهيو آهيان. خدا جي واسطي مونکي گوءِ نه ڏجانءِ.“

مان هڪدم ڦيرو ڪائي ٽڙ جي ٻئي پاسي کان وڃي بيٺس. ڏٺم ته، هڪ شينهن ٽڙ کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو هو، ۽ هنجون هاري روئي رهيو هيو. مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪنهن شينهن کي روئيندي ڏٺو هو. مونکي پنهنجين اکين تي اعتبار نه آيو. هونءَ به مون پنهنجين اکين تي اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. هڪ دفعي اسلام آباد ۾ مون هڪ بي انتها سهڻي ڇوڪري گهمندي ڦرندي ڏٺي هئي. هوءَ هميشه پنهنجين پينرين سان سير سپاٽا ڪندي هئي، ۽ هوندا

سوڪ ڪار ۾ گهمندي رهندي هئي. هوءَ ڇهن ئي ڀينرين کان تمام ننڍي لڳندي هئي. مان مٿس اکن ڇڪن تي پيس. سوچيم،ڪجهه به تي پوي، مان ساڻس شادي ضرور ڪندس! جڏهن پڇا ڳاڇا ڪيم ته خبر پئي ته هوءَ ڇهن ڇوڪرين جي ننڍي ڀيڻ نه هئي. هوءَ ڇهن ڇوڪرين جي وڏي ڀيڻ به نه هئي. هوءَ ڇهن ڇوڪرين جي ماءُ به نه هئي. ڇوڪرين جي ماءُ مري ويئي هئي. هوءَ ڇهن ئي ڇوڪرين جي ناني هئي. پر پريان ڇهن ئي ڇوڪرين جي ننڍي ڀيڻ لڳندي هئي. مان سوچيان ٿو ته اهو سمورو ڏوهه ويچارين اکين جو به نه آهي. جڏهن پنجين موسم ماحول تي ڇانئجي ويندي آهي، تڏهن اسين جيڪي ڪجهه ڏسندا آهيون. سو اصل ۾ اهو نه هوندو آهي، جيڪي اسان کي نظر ايندو آهي؛ ۽ اصل ۾ جيڪي ڪجهه هوندو آهي سو اسان کي نظر نه ايندو آهي.

مونکي شينهن جي هئڻ تي شڪ ٿيڻ لڳو. سوچيم، هي ضرور ڪو ٻڪر آهي، ٻڪر جو پٽ آهي، يا ٻڪر جو پيءُ آهي، ۽ شِينهن جي کل پائي ڪاسائين کان بچڻ جي اٽڪل ڪري رهيو آهي. مان سوچ ۾ گم سم هيس، جو شينهن چيو، ”توکي ڇيو هوم نه، ته مونکي ڏسي ڊڄي ويندين!“

”اهڙِي ڳالهه ڪونهي.“ چيم، ”اصل ۾ مان تنهنجي باري ۾ سوچي رهيو هوس.“

پڇيائين، ”منهنجي باري ۾ ڇا پئي سوچيئه؟“

چيم، ”سوچيم پئي ته ، بظاهر ته تون ڏسڻ ۾ هوبهو ٻبر شينهن جهڙو آهين، پر اصل ۾ ڪير آهين؟“

گجگوڙ ڪندي چيائين، ”مطلب جي ڳالهه ڪر.“

چيم، ”سمجهان پيو ته تون سچ پچ ۾ شينهن آهين، يا شينهن جي کل ۾ ٻڪر آهين، ٻڪر جو پيءُ آهين يا گدڙ آهين!“

”اجائي ٻخي نه هڻ“ شينهن ناراض ٿيندي چيو، ”مان اصلي ۽ خالص شينهن آهيان. منهنجي کل ڇڪي ڏس.“

”معاف ڪجانءِ يار اصلي شينهن.“چيم، ”ڏوهه منهنجو به ڪونهي! اصلي شينهن کي مون هميشه پڃرن ۾ بند ڏٺو آهي. تون پهريون شينهن آهين ، جنهن کي مون آزاد گهمندي بلڪ روئندي ڏٺو آهي“

”مونکي خبر آهي، مون کي خبر آهي.“ شينهن گجگوڙ سان روئڻ لڳو. ڇبرا ٻڙ جي ٽارين تان اڏامي ويا.

چيم، ”تنهنجي روڄ راڙي مان ڪجهه هٿ حاصل نه ٿيندو. تون جيڪڏهن سچو پچو شينهن آهين ته هڪ ڏينهن پڃري ۾ بند ڪيو ويندين. تون وڏيڪ عرصي تائين آزاد گهمي ڦري، بلڪه روئي به نه سگهندين.“

”مان پڃرن کان نه ٿو ڊڄان.“ شينهن پنهنجي ڇنبي سان نڪ اگهندي چيو، ”بس، مان سرڪس وارن کان، بلڪه سرڪس وارن جي رنگ ماسٽر کان ڊنل آهيان.“

چيم، ”ڏاڍي عجيب ڳالهه ڪئي اٿئي!“

شينهن گجگوڙ واري نوع ۾ روئيندي چيو، ”مان رنگ ماسٽر جي اشاري تي ڪرتب ڏيکاري نه سگهندس. مان خودڪشي ڪندس.“

ان کان اڳ جو مان شينهن کي دلداري ڏيان؛ شينهن چيو، ”تون جيڪڏهن چاهين ته منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو.“

”ڪهڙي قسم جي مدد؟“ مون ڪانئس پڇيو. شينهن چيو، ”مونکي خدا جي واسطي هڪ ٻڪر يا ڪنهن گدڙ جي کل آڻي ڏي.“

”ڇاجي لاءِ؟“ مون تعجب مان وراڻيو.

وراڻيائين، ”توهان ماڻهن جي معاشري ۾ گدڙن ۽ ٻڪرن جو قدر ڪيو ويندو آهي، شينهن جو نه. مون کي خدا جي واسطي ٻڪر يا گدڙ جي کل آڻي ڏي. مان گدڙ يا ٻڪر ٿي جيئرو رهندس، ۽ قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪندس.“

شينهن جي قومي جذبي کان ڏاڍو متاثر ٿيس. چيم، ”تنهنجي قومي جذبي کان مان ڏاڍو متاثر آهيان. تون دنيا جو واحد شينهن آهين، جنهن ٻڪر يا گدڙ ٿي قوم جي خدمت ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي، مان توکي سلام ٿو ڪريان، ۽ واعدو ٿو ڪريان ته سياڻي شام تائين توکي ٻڪر يا گدڙ جي کل آڻي ڏيندس ته جيئن تون قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪري سگهين.“

شينهن چڪي مونکي چاتيءَ سان لاتو. چيائين، ”مان تنهنجو انتظار ڪندس، پرديسي بابو.“

چيم، ”اهو ڊائلاگ تنهنجي واتان بنهه نه ٿو نهي. اهو ڊائلاگ ڪنهن دردناڪ فلم ۾ پهاڙي حسينه جي واتان ٺهندو آهي.“

ان کان پوءِ اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي خدا حافظ چئي موڪلايو.

مان وري جهنگ ۾ ڊوڙڻ لڳس. دوڙندي ڊوڙندي مان شينهن لاءِ ڪنهن ٻڪر يا گدڙ جي کل هٿ ڪرڻ لاءِ ترڪيبون سوچيندو رهيس. اوچتو مون کي ياد آيو ته ڪيترائي ڪاسائي منهنجي مامي جا جگري دوست آهن. ڪانئن هڪ ٻڪر جي کل هٿ ڪري سياڻي شام تائين شينهن کي پهچائيندس. مون سوچيو، ان نيڪ ڪم ۾ مون کي دير نه وجهڻ گهرجي. پنجين موسم ۾ شينهن گهڻي دير تائين آزاد نه گهمي سگهندا آهن. پنجين موسم ۾ شينهن پڃرن ۾ بند ٿي ويندا آهن: يا سرڪس وارن جي هٿ لڳي ويندا آهن، ۽ پوءِ رنگ ماسٽر جي اشارن تي ڪرتب ڏيکاريندا آهن. مونکي شينهن جي حال تي رحم آيو.

پنهنجي گهر جي بدران مان ڊوڙندو پنهنجي مامي جي گهر ويس. منهنجو مامو ٽن ٽنگن واري ڪرسيءَ تي وينو هو، ۽ آواز بند ڪري ٽيليويزن تان خبرون، يا خبرون ٻڌائڻ واريءَ کي ڏسي رهيو هيو.

مونکي ڏسندي مامي پڇيو، ”اڄ وري ڪهڙي ماليخوليائي خبر کڻي آيو آهين.“

”اڄ مون هڪ شينهن کي روئيندي ڏٺو آهي.“ ان کان پوءِ مون مامي کي شينهن سان پنهنجيءَ ملاقات ۽ سموريءَ گفتگوءَ جو سربستو احوال ڏنو!

”اجائي بڪ بڪ ٿو ڪرين.“ مامي سخت ڪاوڙ وچان چيو. ”جاڳندي هڪ خواب ڏسڻ جي تمنا توکي پاڳل ڪري ڇڏيو آهي.“

”مان پاڳل ناهيان، ماما.“ مون آهستي چيو. ”جڏهن پنجين موسم ايندي آهي، تڏهن ماڻهو مون وانگر محسوس ڪرڻ لڳندا آهن.“

”اڙي کهڙي پنجين موسم!“ مامي ڪاوڙ وچان ڪنبندي چيو، ”تون چريو ٿي پيو آهين، تون صفا چريو ٿي پيو آهين. مان توکي گدو بندر موڪلي ڇڏيندس.“

”جيڏانهن وڻيوَ مون کي موڪلي ڇڏيو.“ چيم، ”پر، ڪيڏانهن موڪلڻ کان اڳ هڪ ٻڪر جي ڪل جو انتظام ڪري ڇڏجو. هڪ مظلوم شينهن سان مونکي واعدو نڀائڻو آهي.“

مامي ساڙ ڪائيندي چيو، ”اڙي تنهنجي لاءِ نه ڪريان هڪ ڪوتي جي ڪل جو انتظام!“

”في الحال هڪ شينهن جي عزت جو سوال آهي.“ چيم، ”ڪيترائي ڪاسائي اوهان جا دوست آهن. روزانا اوهان سان ڪچهري ڪرڻ ايندا آهن. اوهين ڪين چوندا ته هو سولائيءَ سان هڪ ٻڪر جي ڪل جو بندوبست ڪري ڏيندا.“

”اڙي هو سڀئي ڊاڪٽر آهن.“ مامي ميز تي مڪ هڻندي چيو، ”هو ڪاسائي نه آهن.“

”هو سڀئي ڪاسائي آهن.“ چيم، ”الائي ڇو، سڀئي ڪاسائي اوهان کي ڊاڪٽر نظر ايندا آهن!“

”بدبخت، مان توکي قتل ڪري ڇڏيندس.“ مامي ڪاوڙ وچان چيو، ”منهنجي سمورن دوست ڊاڪٽرن چيو هو ته تنهنجو پاڻيجو چريو ٿي پيو آهي. ڪيس چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏ“

”اوهان جا ڪاسائي دوست جنهن جاءِ کي چرين جي اسپتال سڏين ٿا، سا جاءِ اول ۾ چرين جي اسپتال نه آهي.“ ماما کي ٻڌايم، ”ان هنڌ اوهان جا ڪاسائي

دوست ڳئون، مينهون ۾ ٻڪر ذبح ڪندا آهن. اوهين سولائيءَ سان هڪ ٻڪر جي ڪل مون کي ڏياري سگهو ٿا. هڪ مظلوم شينهن اوهان کي بہ پنهنجي دعائن ۾ شامل ڪندو.“

ماما فون ڏانهن ويندي چيو، ”مان اجهو ٿو تولاءِ ٻڪر جي ڪل جو بندوبست ڪريان. تون فڪر ئي نہ ڪر.“

ماما ٻہ چار دفعا فون جا مختلف نمبر ڦيرايا. هن رسيور وات ۾ وجهي تمام آهستي ڳالهايو. مان سندس گفتگو ٻڌي نہ سگهيس.

ٿوري دير کان پوءِ ماما جا ڪاسائي دوست، جن کي هو ڊاڪٽر سڏيندو هو، پهچي ويا. کين ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيس. زور زور سان تاڙيون وڄايم ۽ پوءِ ڪيتري دير تائين تاڙيون وڄائيندو رهيس. هو مون کي ڪمال شفقت ۽ پيار سان هڪ اهڙي ڪمري ۾ وٺي ويا، جتي بي انتها روشني هئڻ جي باوجود اوندهہ هئي. گهگهہ گوندهہ هئي. ڪپڙا لاهي هنن مون کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ اک ڇنڀ ۾ هنن منهنجي جسم تان منهنجي ڪل لاهي ڇڏي. سڀ ڪجهہ بي انتها هيبتناڪ هو.

ان کان اڳ جو مان تڪليف وچان سور اسرافيل سان ابدي اوندهہ کي روشنين ۾ بدلي ڇڏيان، هنن منهنجي جسم تي ٻڪر جي ڪل چاڙهي ڇڏي. مان اڪثر وساري ويهندو آهيان تہ ٻڪر خواب نہ ڏسندا آهن. جاڳندي هڪ خواب ڏسڻ جي تمنا ۾ مان گهاٽن جهنگن ۾ ڊوڙندو رهندو آهيان - اهڙا گهاٽا جهنگ، جتي قديم ٻڙ جا وڻ آهن ۽ جن جي ٽارين تي چٻرا وينل هوندا آهن. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ موت منهنجو پيڇو ڪري رهيو آهي. مونکي ڊوڙڻ گهرجي. مان ڊوڙندو آهيان. تسلسل جي ٽٽل پيچرن تي مان ڊوڙندو رهندو آهيان. ۽ ڪڏهن ڪڏهن جهنگ ۾ هيڪلي روئيندڙ شينهن کي ياد ڪندو آهيان، جنهن، ٻڪر جي ڪل پائي زندهہ رهڻ جي تمنا ڪئي هئي.

# ڏند ڪٿا

يوناني ديوتا يوناني ڏند ڪٿائن جو اسان جي حقيقتن سان مقابلو ڪري رهيو هوءِ ذري گهٽ وائڙو ٿي رهيو هو يوناني ديوتا چيو حيقتن ۽ ڏند ڪٿائن ۾ وڏو فرق آهي . پر توهان جي حقيتن يوناني ڏند ڪٿائن جا ڏند پيجي ڇڏيا آهن.

چيم” اسان وٽ اهڙا اهڙا تہ ڀهروپيا اجگر آهن .جو يوناني ديوتائن کي ڏند ڪٿائن سميت جيڪر جيئري اڳري ڇڏين“

يوناني ديوتائن وراڻيو، ”باقي هڪ ڏند ڪٿا رهجي ويئي آهي،جيڪا تو کي نہ ٻڌائي اٿم،“

”ٻڌاءِ“چيم،”ان ڏند ڪٿا جي مقابلي ۾ بيان ڪرڻ لاءِ ڪانہ ڪا مناسب حقيقت اسان وٽ ضرور موجود هوندي،“

”سراسر ناممڪن،“يوناني ديوتا چيو،”ان ڏند ڪٿا جي مقابلي ۾ بيان ڪرڻ لاءِ اوهان وٽ ڪابہ حقيقت نہ هوندي،“

” تون ٻڌاءِ تہ سهي ديوتا،“ چيم، ” تنهنجي آخري ڏند ڪٿا بہ اسان جي حقيقت کان مات ڪائيندي،“

يوناني ديوتا مون ڏانهن ڏسي، ڪليو. هن ڏند ڪٿا ٻڌائڻ شروع ڪئي، ” يونان ۾ فونيڪس نالي هڪ پکي هوندو هو. هنس کان وڏو، ۽ وڏيڪ سهڻو. ڪنهن ڳالھ تان يوناني ديوتا فونيڪس کان ناراض ٿي پيا. هنن کيس مسلسل عذاب ۾ ڇيچلائڻ جي سزا ۽ بد دعا ڏني. پوءِ ٿيو ائين، جو جڏهن بہ فونيڪس پکي اڏا مندو هو، پرواز جي آواز سان کيس باھ وڪوڙي ويندي هئي، ۽ هو اڪ چنپ ۾ سڙي رک ٿي ويندو هو.

بد دعا مطابق پنهنجي رک مان فونيکس ٻيهر جنم وٺندو هو. نئون جنم وٺي اڏامندو هو، ۽ پرواز جي آواز سان باهه ۾ وڪوڙجي سڙي رک ٿي ويندو هو، پنهنجي رک مان هو ٻيهر جنم وٺندو هو سهڻا پر پکيڙي وري اڏامندو هو. اڏامڻ شرط ڪيس باهه وڪوڙي ويندي هئي ۽ هو سڙي رک ٿي ويندو هو. پنهنجي پرواز جي آواز سان سڙي رک ٿي وڃڻ، ۽ رک مان ٻيهر جنم وٺي اڏامڻ ۽ اڏامڻ شرط سڙي رک ٿي وڃڻ جو عذاب فونيکس لاءِ صدين تائين هلندو آيو.“

ڏند ڪٿا ٻڌائڻ کان پوءِفخر سان يوناني ديوتا مون ڏانهن ڏٺو. منهنجن چپن تي مرڪ ڏسي پڇيائين ”چو؟ ڪلين چو ٿو، جواب ڏي .“چيم ، ”جواب ڏيڻ بدران مان توکي اهو منظر ڏيکاريندس جنهنجي آڏو فونيڪس واري ڏند ڪٿا توکي نيچ نظر ايندي .“

۽ پوءِ، مون ڪيس اهو منظر ڏيکاريو.

هڪ نوجوان جا هٿ پير زنجيرن ۾ جڪڙيل هوا، ۽ زنجير ٻڙ جي ٿڙ سان ٻڌل هو نوجوان جو وات سبيل هو. ڪنن تي تاڪيون چڙهيل هئس. سندس ٻئي اکيون نڪتل هيون. جن مان رت ٿمي رهيو هوس. نوجوان جي اکين مان ٽمندڙ رت جڏهن ڌرتيءَ کي چوهيو تڏهن سندس ٻي نور اکين ۾ نور موٽي آيو، ۽ هو حال کان مستقبل ۾ نهارڻ جهڙو ٿي پيو. تڏهن اوچتو، ٻڙ جي ٿڙ جي پوئتان هڪ ڄامڙو ٺهڪ ڏيندو نڪري آيو، ۽ خنجر جي ڇهنب سان نوجوان جون اکيون ڪڍي وري وجي ٻڙ جي وڻ پنيان لڪيو. نوجوان جي اکين مان رت وهڻ لڳو. وهندڙ رت جڏهن ڌرتيءَ کي چميو ، تڏهن نوجوان جي ٻي نور اکين ۾ نور موٽي آيو ۽ وري حال ۽ مستقبل ۾ نهارڻ جهڙو ٿي پيو. تڏهن، اوچتو ڄامڙو ٺهڪ ڏيندو ٻڙ جي پنيان نڪري آيو ۽ خنجر جي ڇهنب سان نوجوان جو اکيون ڪڍي وري وجي ٿڙ جي پنيان لڪيو.

يوناني ديوتا ڪيتري دير تائين تعجب، اچرج ۽ خوف وچان اهو منظر ڏسندو رهيو. هن دهشت مان پڇيو ، ” هيءُ نوجوان ڪير آهي، ۽ سندس ڏوهه ڪهڙو آهي؟“

وراڻيم، ” هيءُ نوجوان ڏرتيءَ جو پٽ آهي. ۽ ڪيس پنهنجي ماءُ سان پيار آهي. اهو ئي سندس ڏوهه آهي.“

” ۽ ڇامڙو؟“

”ڇامڙي جي هٿ ۾ وقت جي واڳ آهي.“

منهنجو جواب ٻڌي يوناني ديوتا پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ۽ يونان موٽي ويو.

# محرم علي

مان ڪجھ دير سان گھر پهتس. ٿڪل هوس. منهنجي زال مونکي در مان داخل ٿيڻ شرط چيو، ”هو ٻُچيءَ ڏاڙهيءَ وارو پساري آهي نہ ــ ڇا نالو اٿس؟“

”محرم علي“ کيس پساريءَ جو نالو ياد ڏياريم.

”ها. مئو محرم علي.“ منهنجيءَ زال چيو، ”هن توکي سڏايو آهي. چوايو اٿائين، جئين ماستر صاحب گھر پهچي تہ کيس هڪدم مون ڏانهن موڪلجو.“

”وري هوندس ڪا درخواست لکائڻي!“ بيزار ٿيندي چيم، ”مان ان پوڙهي سيهڙ مان اچي ڦاٿو آهيان.“

محرم علي اسان جي پاڙي ۾ رهندو هو. گھر جي مهڙ ۾ پسارڪو دڪان هوس، پر وڪڻندو ڪٽمنڙا ۽ پيگل بسڪوٽن جي پور هو. پوڙهو، نوڙهو، منهن سُڪل، جهڙو ڇوهارو! ڄاڙين تان وار غائب هئس. اٺ ـ ڏهہ ڇپا ٽنداءِ گھنڊيدار وار، ڪاڏيءَ تان لٽڪندا رهندا هوس. ان عجيب اوسر کي سڏيندو هو سونهاري! ماڻهو سادو هو، جهڙي موري. هر ڪو هضم ڪري ڇڏيندو هوس. ٻڌو هئائين تہ ماڻهو ٽي ويلا ماني کائيندا آهن. پر محرم علي ۽ سندس ڪٽنب ٻہ ويلا ماني کائيندا ها.

محرم علي منهنجو مٿو بہ کائيندو هو. مان سندس پاڙيسري هوس. مون کان ذري گھٽ روزانو سرڪار کي هڪ درخواست لکائيندو هو. ڪراچيءَ کان ٽيهہ ـ چاليهہ ميل پري، پيپري ـ دابيجيءَ وٽ اباڻي زمين هئس، جنهن جي ايراضيءَ جي کيس ڪابہ خبر نہ هئي. ان زمين ۾ عرصي کان نانگ بلائون رهندا هئا. پر پوءِ جڏهن ڪراچيءَ جو شهر آباديءَ سان ڇلڪڻ لڳو ۽ هر طرف کان فيڪٽرين ۽ ڪارخانن جي گهيري ۾ ونجي ويو، تڏهن ماڻهن محرم عليءَ جي اباڻي زمين تان نانگ بلائن کي لوڏي ڪڍيو ۽ زمين تي قبضو ڪري ورتو. زمين جو ملهہ

وجي آسمان سان لڳو. سرڪار سڳوريءَ اٿندي ئي اها زمين اتان جي غير قانوني رهاڪن ۾ ورهائي ڇڏي. تڏهن وجي محرم عليءَ کي ٻه هوش آيو. دستگير جي ڳنڍ ٻڌي ويهي رهيو. چيائين، ”پنهنجي موروثي زمين اٿم. ضرور هٿ ڪندس. عوامي دور آيو آهي ـــ ضرور عرض اگهبو.“

بس سائين، زمين محرم عليءَ جي، قلم منهنجو ۽ ٻولي انگريز جي! مهينن جا مهينا لنگهي ويا، پر محرم عليءَ جي درخواست تي نه تي ڪا قوت نه ڪا ٻوٽ! هڪڙي ڏينهن محرم علي کي سمجهائيندي چيو هوم، ”يار محرم علي نانگن بلائن کان زمين جو قبضو ڇڏائڻ سولو آهي، پر ماڻهن کان قبايل زمين جو قبضو موٽائي وٺڻ ناممڪن آهي.“ پر محرم علي نه مڙيو. مڙس اُميد جي ٻڙ کي چنبڙي پيو هو، سو ٻيرن جي آس تان ساهه ڪٽي ئي نه. اسان جي اک ۾ شرم، انڪار پڇيئي نه! نيٺ هڪڙي ڏينهن، جڏهن محرم عليءَ جي اميد ٽٽڻ لڳي، تڏهن سرڪار سڳوريءَ جي ڪنهن ڪاموري جو محرم علي جي نالي خط آيو، جنهن ۾ لکيل هو ته، ’پپري داٻيجيءَ جي ڏاڪڻي طرف سروي نمبر فلاڻي مطابق جيڪا زمين آهي، سا برابر محرم عليءَ جي ملڪيت آهي، پر اها زمين سرڪار غريبن ۾ ورهائي ڇڏي آهي. تنهن ڪري محرم عليءَ کي زمين جي قبضي بدران ڪو مناسب معاوضو ڏنو ويندو.‘

ان خط اچڻ کان پوءِ محرم عليءَ جي درخواستن جي نوعيت بدلجي ويئي. اڳ زمين جي قبضي بابت سرڪار کي درخواستون لکرائيندو هو، پوءِ معاوضي جي ترت وصولي لاءِ سرڪار کي درخواستون لکائڻ لڳو.

جنهن ڏينهن جي ڳالهه مان اوهان کي ٻڌائي رهيو آهيان، تنهن ڏينهن مان درخواست لکڻ وغيره جي موڊ ۾ نه هوس. مون پنهنجي زال کي چيو. ”الله بچائي، اڄ مان محرم عليءَ کي ڪابه درخواست لکي نه ڏيندس. اڄ مان بيحد ٿڪجي پيو آهيان.“

”چو!“ الله بچائيءَ، يعني منهنجيءَ زال پنهنجو هٿ منهنجي نرڙ تي رکيو، جنهن مان ٿوم جي ڌپ نڪري رهي هئي. پڇيائين. ”دشمنن جي طبيعت ته نيڪ آهي نه؟“

”خدا ڪري تہ دشمنن جي طبيعت ڪڏهن بہ نيڪ نہ هجي!“ ڪٽ تي ويهندي چيم، ”الله بخش، خدا بخش، قادر بخش ۽ مولا بخش لاءِ خيراتي اسپتال مان دوا وٺڻ ويو هوس. پيھہ ايڏي چڙ خدا جو سمورو ملڪ بيمار هجي. پيھہ جي نيلهن ۽ ڏڪ ڏڪان ۾ جهجي پيو آهيان.“

الله بخش منهنجي وڏي پٽ جو نالو آهي ۽ خدا بخش ٻئي نمبر پٽ جو نالو آهي. منهنجي ٽئين نمبر پٽ جو نالو قادر بخش آهي ۽ چوٿين نمبر پٽ جو نالو آهي مولا بخش. ڪهاڻيءَ ۾ جئين تہ منهنجن پٽن جو ذڪر آيو آهي، تنهنڪري مان پنهنجو ذڪر پڻ ضرور ڪندس. منهنجو نالو علي بخش آهي. مان پاڪستان جي سڀ کان وڏي شهر ڪراچيءَ جي سڀ کان وڏي علائقي، نيو ڪراچيءَ جي سڀ کان ننڍي اسڪول ۾ ماستر آهيان. منهنجي چئني پٽن کي دائمي ڪنگھہ لڳل آهي. مان ڪنگهڻ کي عام رواجي بيماري نہ سمجهندو آهيان. جيڪو شخص زندگيءَ ۾ ڪنگهندو آهي، سو ترقي ڪري نہ سگهندو آهي ۽ جيڪو شخص زندگيءَ ۾ ڪنهن تي بہ نہ ڪنگهندو آهي ۽ هر ڪنهن کي ڪٽ ۾ آٽيندو آهي، سو شخص زندگيءَ جي پاتار ۾ لهي ويندو آهي. زندگيءَ ۾ ڪنهن تي نہ ڪنگهڻ ۽ ڪنهن تي نہ ڪنگهڻ جي عادت انسان کي ٻاراڻيءَ وهيءَ ۾ پوندي آهي. مان نٿو چاهيان تہ منهنجا چاريئي پٽ ڪنگهڻ جي مرض ۾ مبتلا ٿين، ۽ پوءِ وڏي هوندي هر ڪنهن تي ڪنگهڻ جي مشق جاري رکن پوءِ هڪڙي ڏينهن زندگيءَ جي پاتار ۾ لهي وڃن! مان تنهنڪري پنهنجي پٽن جي ڪنگھہ جو لاڳيتو علاج ڪرائيندو آهيان. پر، علاج جي باوجود نہ ڪنگھہ منهنجن ٻارن کي ڇڏيو آهي ۽ نہ ئي منهنجن ٻارن ڪنگھہ کي ڇڏيو آهي.

مون دوائن جون شيشيون ميز تي رکي ڇڏيون.

منهنجي زال چيو تہ ”ٻچيءَ ڏاڙهيءَ واري پساريءَ جو ٽيون نمبر پٽ توکي ٽي دفعا سڏڻ آيو هو.“

ان وقت دروازو کڙڪيو. الله بچائيءَ وجي دروازو کوليو. محرم عليءَ جو چوٿون نمبر پٽ اندر آيو. هو شاهراھ پاڪستان جي چئوواٽي تي سائيڪلن جا پنڪچر ڳنڍيندو هو. هن چيو، ”چاچا، توکي بابا سڏايو آهي.“

مون دل ۾ پاڻ کي، محرم عليءَ جي چوٿين نمبر پٽ کي ۽ محرم علي کي پاراتا ڏنا. پوءِ، بيدليو محرم عليءَ جي گهر هليو ويس.

محرم عليءَ کي ڏسي مون کان ڇرڪ نڪري ويو. هو وائڙو وائڙو پئي لڳو ـــ ڄڻ ڪنهن سخت پريشانيءَ ۾ مبتلا هو. مون کي ڏسي اُٿي بيٺو. مٺل ڏنيري جي اکين جهڙين اکين ۾ زندگيءَ موٽي آيس. ڪنبندڙ آواز ۾ چيائين، "ڪٿي آهين يار علي بخش! اصل ماري وڌو اٿئي."

"خير ته آهي نه، محرم علي؟" مون ڪائنس پڇيو.

"ها، هون ته مڙيئي خير آهي." هن پنهنجي چوٿين نمبر پٽ کي ڇڙٻ ڏيندي چيو، "اڙي تون اجان تائين ڇو بيٺو آهين! هل هتان، هل."

محرم عليءَ جو چوٿون نمبر پٽ هليو ويو. ڪوٺيءَ ۾ مان ۽ محرم علي اڪيلا رهجي وياسين.

محرم عليءَ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي، خبرداريءَ سان پنهنجي سٿڻ جي اُبداڻي مان هڪ ڪاغذ ڪڍي مون کي ڏنو. چيائين "هيءُ خط منهنجي وڏي پٽ ڏسي ورتو آهي. بدبخت انگريزيءَ جا ٻه چار اکر پڙهي ڄاڻي. چيائين ته معاوضي جي رقم بابت ڪا ڳالهه آهي."

مون ڪاغذ پڙهي ڏنو. عقل چرخ تي ويو. محرم عليءَ کي ڪلهن کان وٺي ڌونڌاڙيندي چيم، "محرم عليءَ، تنهنجا وار نيار ٿي ويا آهن. سرڪار سڳوريءَ توکي ڇئن لکن روپين جو معاوضي ڏيئڻ جي آڇ ڪئي آهي."

"آهستي!" محرم عليءَ منهنجي وات تي پنهنجو هڏائون هٿ رکي ڇڏيو. چيائين، "آهستي ڳالهاءِ علي بخش. منهنجي زال، پٽ ۽ ڌيئون پئسن جي ڳالهه نه ٻڌي وٺن."

ڏسندي ئي ڏسندي محرم عليءَ کي ڪنبڻي وٺي ويئي. مون ڪيس پاڻيءَ جو گلاس ڀري، آڻي ڏنو. هو يڪ ساهي پاڻيءَ جو گلاس پي ويو. هو ڪجهه ڪجهه سامت ۾ آيو. چيائين، "منهنجو وڏو پٽ چور آهي. هن هيءُ ڪاغذ ڏسي ورتو آهي."

”تنهنجو وڏو پٽ ڏاڍو نيڪ آهي، محرم عليءَ.“ چيم، ”هو ويچارو خالي دٻا ۽ بوتلون وڪڻي پنهنجو خرچ پکو ڪڍندو آهي ـــ توتي بار ته نه آهي.“

”توکي خبر ڪونهي علي بخش.“ محرم عليءَ چيو، ”دولت بڇڙي بلا آهي.“

محرم علي ٻئي هٿ مٿي تي رکي کٽ تي ويهي رهيو ۽ سوچ ۾ گم ٿي ويو. ڪجھ دير کان پوءِ پڇيائين، ”پڪ اٿئي ته مون کي پئسا ملندا؟“

”ها محرم علي.“ چيم، ”تون عنقريب لکاپتي ٿي ويندين.“

محرم عليءَ ڪنڌ مٿي ڪري پنهنجي گھر جي ڪچيءَ ڇت ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ پتين ڏانهن ڏٺو. پڇيائين ، ”هن ڪچي گھر مان چور ۽ ڌاڙيل منهنجا چار لک رپيا چورائي ته نه ويندا؟“

وراڻيم، ”چار لک وصول ڪرڻ کان پوءِ تون هن ڪچي گھر ۾ ڇو رهندين!“

پڇيائين، ”ته پوءِ ڪيڏانهن ويندس؟“

”ڪنهن سٺي، سهڻي ۽ ڻاهوڪي بنگلي ۾.“

”ته ڇا، هيءُ اجھو مونکي ڇڏڻو پوندو؟

”ها محرم عليءَ. چيم، ”دولت ملڻ کان پوءِ ماڻهو سمورا پراڻا رشتا ٽوڙي، نوان رشتا جوڙيندو آهي.“

ان وقت محرم عليءَ جو وڏو پٽ، جيڪو خالي دٻا ۽ بوتلون وڪڻندو هو، سو اندر آيو. مونکي چيائين، ”چاچا، ڪاغذ ۾ پئسن جي ڳالھ لکيل آهي نه؟“

”اڙي هل هتان.“ محرم عليءَ ڪيس ڇڙٻيندي چيو، ”تنهنجو ڪهڙو ڪم ته ڪاغذ ۾ ڇا لکيل آهي!“

هو ويچارو خالي دٻي جهڙو منهن ڪڻي هليو ويو. محرم علي کٽ تي ويٺو رهيو، ۽ سوچيندو رهيو. پوءِ هٿن جون تريون مهٽيندي مون کان پڇيائين، ”يار علي بخش، چار لک مان ڪيڏانهن ڪندس؟“

”سوال اهو ناهي محرم علي، ته چار لک رپيا تون ڪيڏانهن ڪندين.“ چيم، ”ڏسڻو اِهو آهي ته، اِهي چار لک توکي ڪيڏانهن تا ڪن.“

محرم علي وڏيڪ پريشان ٿي ويو. پڇيائين، ”يار، مان ڪيڏانهن گم ٿي ويندس ڇا؟“

”ممڪن آهي.“ چيم، ”پر، في الحال ڪجھ چئي نه ٿو سگھجي.“

محرم عليءَ کي جڏهن ڪجھ سمجھ ۾ نه آيو، تڏهن پڇيائين، ”تون ئي ڪا صلاح ڏي. مان ته آهيان ڪورو ڄٽ. مون کي سمجهاءِ ته مان ڇئن لکن کي ڪيڏانهن ڪريان.“

”چار لک نه.“ چيم، ”ڇن لکن جي ڳالھ ڪر محرم علي.“

محرم علي ڪجھ ڪجھ حيران ٿيندي چيو، ”رقم ته چار لک رپيا ڏيڻي ڪئي اٿائون نه!“

”ها“

”پوءِ سڄو سمورو هڪ لک ڪيڏانهن ويندو؟“

”هنود قاصائيءَ جي ڪڏ ۾.“

”هان!“ وات ڦاٽي ويس.

”خط ۾ توکي چار لک رپيا ڏيڻ جي آڇ ڪئي اٿائون. تو کي ڇئن لکن جو چيڪ نه موڪليو اٿائون.“ محرم عليءَ کي ڪامورڪي لڏي جو سرشتو سمجهائيندي چيم، ”تون جڏهن ڇئن لکن جو چيڪ وٺڻ ويندي، تڏهن گهٽ ۾ گهٽ 25 سيڪڙو رقم صاحبن ۽ صاحبن جي چمچن کي نذر نياز ۾ ڏيئي ايندين.“

پڇيائين، ”۽ جيڪڏهن نه ڏيان ته پوءِ؟“

”ته پوءِ اها رقم تنهنجن پڙپوٽن کي به نه ملندي.“

”سو وري ڇو؟“

”اهو ڪامورا شاهيءَ جو اڻ لکيل دستور آهي.“

محرم علي ڏڄي ويو. منهن جا گهنج وڏيڪ ڇٽا ٿي پيس. نرڙ ۾ گهُنڊ پئجي ويس. پوءِ هو ڪٿ تان اُٿيو. ٻئي هٿ ڪڇن ۾ ڏيئي، ڇڻ سيءُ ٿيندو هجيس، هو ڪونيءَ جي ڪنڊ ۾ وڃي ويٺو.

محرم عليءَ جي حال تي مون کي رحم آيو. مون وڏي وڃي سندس ڪلهي تي هٿ رکيو. پڇيومانس، ”ڇا پيو سوچين، محرم علي؟“

هن منهن ورائي مون ڏانهن ڏٺو. پوءِ مظلوماڻي لهجي ۾ چيائين، ”تون ئي ڪا صلاح ڏي، علي بخش مان ڇا ڪريان.“

مان سوچ ۾ پئجي ويس. ڪا صلاح سمجهه ۾ نه آئي.

”ڪجهه ته ڳالهاءِ.“ محرم عليءَ التجا ڪندي چيو، ”يار، ڪا ته صلاح ڏي.“

”مان ڪهڙي صلاح ڏيانءِ، محرم علي.“ چيم، ”مان پاڻ مولائي مڙس آهيان. مون کي ڪهڙي خبر ته ايڏن پئسن مان ڇا ڪري سگهجي ٿو!“

”ڳالهه ته ٺيڪ پيو ڪرين، يار“ محرم عليءَ چيو. ”تون اخبار پڙهندو آهين. ووٽن ۽ چوندن جون ڳالهيون ڪندو آهين. تون ڪانه ڪا چڱيرڙي صلاح ته ڏيئي سگهين ٿو!“

گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ به مون کي ڪا صلاح سمجهه ۾ نه آئي. محرم عليءَ کي چيم، ”هيئن ڪر محرم علي، سموري رقم الله جي نالي ۾ مسڪينن ۽ محتاجن ۾ ورهائي ڇڏ.“

محرم عليءَ اکيون چنجهيون ڪري مون ڏانهن ڏٺو ـ ڄڻ ، منهنجي صلاح نه وڻي هجيس. پوءِ ڪياڙي کنهيندي چيائين، ”يار، مون مسڪين کي الله سائينءَ جيڪا رقم ڏني آهي، سا رقم ٻين مسڪينن کي وري ڪيئن ورهائي ڇڏيان! اها ته الله سان نڳي ٿيندي.“

”تہ پوءِ يتيم خانو هلاءِ.“

”يتيم خانو هلايان.“

”ها. ثواب جو ثواب. نيڪيءَ جو نيڪي ۽ فائدي جو فائدو.“

”فائدو وري ڇا جو؟“

”اول تہ يتيمن کي ڪو سودمند ڌنڌو سيکارجاءِ، جھڙوڪ: گلم غاليچا ناهڻ، پيتيون ناهڻ، خيرات گھرڻ، چوريون ڪرڻ، کيسا ڪترڻ وغيره. پوءِ وينو لکين رپيا ڪمائجانءِ.“ محرم عليءَ کي زماني سازيءَ جو درس ڏيندي چيم، ”۽ ٻيو تہ، ان ڪم مان نامياچار ٿيندءِ. انسان دوست ۽ غريبن جو هڏڏوکي سڏبين. هر سال، سرڪار کان يتيم خاني لاءِ هزارين رپين جا فنڊ وينو وصول ڪندين.“

محرم علي عجب وچان مون ڏانهن ڏٺو. پڇيائين، ”علي بخش ينگ تہ نہ پيتي اٿئي.“

”ينگ اسان جي معاشري پي چڙي آهي.“ چيم، ”جيڪي زماني ۾ ڏٺو اٿم، سوئي وينو ٻڌايانءِ.“

”يار زماني جي ڳالھ کي ٻاھ ڏي.“ محرم عليءَ چيو، ”ڪو مفيد ڌنڌو ٻڌاءِ، جنهن ۾ سموري رقم لڳائي ڇڏيان.“

الاءِ ڪئين ذهن ۾ هڪدم هڪ خيال اُڀري آيو. چيم، ”پنهنجي ڪٽنب سميت، بلڪ مٽن مائٽن ۽ اوڙي پاڙي سميت عمري ڪرڻ جو ڌنڌو شروع ڪر.“

مون کي اک ڏيڪاريندي پڇيائين، ”اڙي علي بخش، عمرو ڌنڌو آهي؟“

”اڳين وقتن جي مون کي ڪا خبر ڪونهي. باقي ويهين صديءَ جي پوئياڙيءَ ۾ عمرو ڌنڌو ٿي پيو آهي.“ مون کي پنهنجو لهجو زهريلو محسوس ٿيو ۽ بنھ نہ وڻيو. چيم، ”تون پنهنجي ڪٽنب ۽ آڪھ سميت هر سال عمرو ڪجانءِ ۽ اتان واچون، ريڊيا، ٽيپ ريڪارڊر، ولايتي ڪپڙو ۽ سون آڻي پنجوڻي بلڪ ڏهوڻي قيمت ۾ وينو وڪڻجانءِ ۽ موج ڪجانءِ.“

”نہ بابا نہ.“ محرم عليءَ چيو، ”مون کان ڦڏي جو ڪم نہ ٿيندو.“

”تون عمري ڪي ڦڏو ٿو سمجهين!“ مون محرم عليءَ کي چيو، ”تون ڪفر ٿو بڪين.“

هڪدم چيائين، ”حج ۽ عمرو ڪندس، پر اهو ڪم نہ ڪندس.“

مان ڪليس ـ محرم عليءَ جي سادگيءَ تي. چيم، ”تون اهڙا اهڙا ڪم ڪندين، جو خود حيران ٿي ويندين.“

ڏچي ويو. پڇيائين، ”ڪهڙا ڪم ڪندس؟“

”تون ادبي مزاڪرن، سنگيت جي محفلن ۽ مشاعرن جي صدارت ڪندين.“

”مان!“

”ها، تون.“ چيم، ”تون پينٽنگن جي نمائش جو بہ افتتاح ڪندين.“

هو مُنجهي پيو. چيائين، ”پر مان ڪورو ڄٽ آهيان.“

مون کي محرم علي تي ڪل آئي. چيم، ”دولت اچڻ کان پوءِ ماڻهو سڀ ڪجهہ ڪري سگهندو آهي.“

”يار!“ چيائين، ”ٻيو ڪو ڌنڌو ٻڌاءِ ـ ڪم جو هجي.“

”مڇي مارڻ جون بہ لانچون خريد ڪر.“

”مهاڻو ٿيان؟“

”نہ.سمگلر ٿجانءِ.“

”سمگلر؟“

”مڇي مارڻ جي بهاني جهاز ۾، چرس ۽ آفيم پيو ڪٽي وڃجان ۽ موٽ ۾ سون ۽ واچون پيو ڪٽي اچجانءِ.“

”يار تون تہ ابتيون صلاحون پيو ڏئين.“ محرم عليءَ چيو، ”ڪا سنئين سڌي صلاح ڏي.“

”تہ پوءِ غور سان ٻڌ.“ چيم، ”سياست ۾ ڪاهي پئہ.“

”سياست ۾ ڪاهي پوان! مان؟“

”ها، تون.“

”پر مان تہ ٻہ درجا بہ پڙهيل نہ آهيان.“

”ان لاءِ علم جي ضرورت نہ هوندي آهي.“ چيم، ”سچ پڇين تہ محرم علي، تو جهڙا ماڻهو سياست ۾ ڏاڍا ڪامياب ٿيندا آهن.“

”يوڳ نہ ٿو ڪريان.“ چيم، ”تون چوٽ ۾ ڪنهن سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏ.“

محرم علي سوچ ۾ پئجي ويو.

مون چيو، ”پر پارٽي مضبوط ۽ طاقتور هئڻ گهرجي. ٻڏندڙ ٻيڙيءَ ۾ پير رکڻ نہ گهرجي.“

محرم عليءَ مون ڏانهن ڏٺو.

مون چيو، ”۽ پوءِ توکي قومي يا صوبائي اسيمبلي جي سيٽ لاءِ چونڊ لڙڻ جي تياري ڪرڻ گهرجي.“

محرم عليءَ هبڪندي هبڪندي پڇيو، ”مون ٻڌو آهي، چونڊن جي چڪر ۾ قارون جا خزانا بہ ختم ٿي ويندا آهن؟“

”ها، ائين برابر آهي.“ چيم، ”تون سياست ۾ اچڻ ڪان پوءِ جڏهن ماڻهو نہ رهندين ۽ ليڊر ٿي پوندين، تڏهن ٻہ ـ چار بنگلا تہ تڙي ڪڙي ناهرائي سگهندين ۽ ٻہ ـ چار موٽرون بہ در تي بيهاري سگهندين.“

ان وقت محرم عليءَ جو ٽيون پٽ اندر آيو ۽ پيءُ کان هريڙ گهرڻ لڳو. پيٽ ۾ ڳڙٻڙ هئس. پڻهس چڙپ ڏيئي پيجائي ڪڍيس. هو هليو ويو.

محرم عليءَ چيو، ”تہ تنهنجي صلاح آهي، تہ مان سياست ۾ ڀهرو وٺان؟“

”ها.“ چيم، ”ملڪ کي تو جهڙن قابل ماڻهن جي سخت ضرورت آهي.“

محرم علي قائل ٿيڻ لڳو. پڇيائين، ”تہ پوءِ شروعات ڪئين ڪجي؟“

”ڪنهن وڏيءَ هوٽل ۾ پريس ڪانفرنس سڏائي، ڪنهن مضبوط سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪري ڇڏ.“ چيم، ”پر اعلان ڪرڻ کان اڳ هڪ ڳالهہ جو يقين رکجانءِ، تہ جنهن پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪرين، تنهن پارٽيءَ جي 1976ع وارين چونڊن ۾ ڪاميابيءَ يقيني هجي. ان باري ۾ اول خوب سوچبو.“

اندران محرم عليءَ جي زال جو آواز آيو، چيائين، ”اڪبر ڏندو هٽي جهانگير جو مٿو ڦاڙي وڌو آهي. هينئر شاهجان ٻنهي ڀائرن کي مار ڏيڻ لاءِ تيار بيٺو آهي.“

”اورنگزيب کي چئي، ٽنهي کي ڪڪڙ ڪرائي ڇڏ.“ محرم عليءَ جواب ڏيندي چيو، ”مان هن وقت سخت مصروف آهيان. علي بخش کان سرڪار سڀڳوريءَ کي درخواست لکائي رهيو آهيان.“

پڇيومانس، ”تہ پوءِ ڪهڙو فيصلو ڪيو اٿئي - سياست ۾ ڀهرو وٺندين يا سمگلر ٿيندين؟“

”مان سمجهان ٿو، ملڪ کي منهنجي ضرورت آهي.“ محرم عليءَ گنڀير ٿيندي چيو، ”مان سياست ۾ ڀهرو وٺندس، علي بخش.“

مون محرم عليءَ کي چيو، ”تو کي ٻي شادي ڪرڻي پوندي.“

”ٻي شادي!“ محرم علي کان ڇرڪ نڪري ويو. پڇيائين، ”ڇو؟“

”تنهنجي زال معاف ڪجانءِ، پڙهيل ناهي ۽ نہ ئي وري ڪا سهڻي آهي.“ محرم عليءَ کي سمجهائيندي چيم، ”توکي ڪا اهڙي زال ڪرڻي پوندي، جيڪا عورتن جي فلاح ۽ بهبوديءَ تي تقريرون ڪري سگهي، ۽ ميلاد جي محفلن جي صدارت ڪري سگهي.“

”نہ بابا.“ محرم عليءَ چيو، ”مان ٻي شادي هرگز نہ ڪندس.“

چيم، ”تہ پوءِ سياست ۾ ڀرو ونڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏ.“

پڇيائين، ”ڇو ڪڍي ڇڏيان؟“

وراڻيم، ”ڇو جو گهڻي پڙهيل، پر چالاڪ، سهڻي ۽ فيشني زال کان سواءِ اڄڪلهہ جي سياست اڌوري سمجهي ويندي آهي.“

محرم علي ڪشمڪش ۾ پئجي ويو. ڪجهہ دير کان پوءِ چيائين، ”مان اڌ اڪري ڇوندجي ويس تہ اسيمبليءَ ۾ وڃي ملڪ لاءِ ڇا ڪندس؟“

”ملڪ جو گاڏو پيو گهلجي.“ چيم، ”تو رڳو پنهنجو فڪر ڪر محرم علي.“

مان اڳتي توهان کي ڪجهہ نہ ٻڌائيندس، تہ اڄڪلهہ محرم علي ڪٿي آهي، ڪئين آهي، ۽ ڇا ڪندو آهي! مان توهان کي فقط ايترو ٻڌائيندس، تہ هو اڄڪلهہ نهايت اهم شخص آهي. اک جي اشاري سان ڪنهن جا بہ لاهہ ڪڍائي سگهندو آهي.

# عشق ۾ انٽرويو

مان بيروزگار هوس (اجان بہ آهيان) ۽ محبت ڪندو هوس (هينئر جيڪي محبت ڪندا آهن، انهن جو ڪم خراب ڪندو آهيان.) مان پنهنجي ملڪ کي بدنام نٿو ڪرڻ چاهيان. ملڻ لاءِ نوڪريون تہ جام آهن جهڙوڪ ڪنڊيڪٽري، ڪلارڪي، پٽيوالي، اردلي، پنگي، چهڙو وغيره پر مان ڪنهن خاص قسم جي نوڪريءَ جي ڳولا ۾ آهيان. جيئن تہ ڪسٽم ۾ پروينٽو آفيسر، پوليس ۾ صوبيدار، آبپاشيءَ ۾ آبدار ۽ ڪنهن آباد علائقي جو مختيار ڪار يا تپيدار. ان چڪر ۾ اجان تائين بيڪار آهيان.

مان، رمل ۽ ڏنو سولجر بازار ۾ پنگين جي پاڙي پرسان هڪ ڪڏيءَ ۾ رهندا آهيون. پيدرو ڊسوزا روڊ تي ڪڏين جي قطار آهي، جتي گهڻو ڪري ڪلارڪ، ڪنوارا ۽ بيروزگار رهندا آهن. اسان جي ڪڏي اولهہ طرف پچاڙيءَ ۾ آهي جتان ڊسوزا روڊ جي ٻئي پاسي وارن بنگلن جي پٺ نظر ايندي آهي. ان ڪڏيءَ ۾ مان، رمل ۽ ڏنو گذريل ٽن سالن کان رهيل آهيون. زندگي اسان وٽ رهيل آهي. اجان جيئرا آهيون.

رمل ميجسٽڪ سئنيما ۾ ٽڪيٽون وِڪڻندو آهي ۽ هڪ ڏينهن ايس. پي جو امتحان پاس ڪري ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ جا خواب ڏسندو آهي. هر آچر تي رمل پنهنجي انڌي ضعيف ماءُ کي خط لکندو آهي تہ پوڙهي تون خيال نہ ڪر، خوش رھ، ايندڙ آچر تي مان ڊپٽي ڪمشنر ٿيندس ۽ تنهنجا ڏک سور لاهيندس.

منهنجو پيءُ روهڙي ۾ دُرگي حلوائيءَ جي دڪان تي جليبيون تريندو آهي. مان کيس خط نہ لکندو آهيان. هو منهنجا خط پڙهڻ کان اڳ ڦاڙي ڇڏيندو آهي. مون کيس هڪ ئي نموني جا ايترا خط لکيا آهن، جو هو خط کولڻ کان اڳ خط جو مضمون سمجهي ويندو آهي.

اسان جو يار ڏنو فقط ڏنو آهي. مٿو ماڻهن جيترو اٿس، پر ماڻهو چوندا آهن ته ڏني جي مٿي ۾ اُٺ آهي. اسان جو به اهوئي خيال آهي ته ڏني جي مٿي ۾ نه فقط اُٺ آهي، پر هڪ ڏاند به وينل آهي. ڏنو درگاهي مجاور آهي ۽ خيرات جي پئسن مان ڪاليج ۾ پڙهندو آهي. گذريل ٽن سالن کان بي. اي جي آخري سال ۾ آهي. هو پنهنجي ڪورس جا سبق ياد ڪرڻ بدران، محبت جا ڊائيلاگ ياد ڪندو آهي.

آچر جي ڏينهن رمل 'آف' هوندو آهي، ۽ ڊپٽي ڪمشنر تي چا ڪندو، ان موضوع تي صبح کان رات تائين ڳالهائيندو رهندو آهي. اڪثر ٻڌائيندو آهي، ته پاڻ ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ کان پوءِ ڪڏين جي مسواڙ گهٽ ڪرائيندو، ڪڏين جي چرسي مالڪن کي مجبور ڪري ڪڏين ۾ رنگ روغن ۽ بجلي هٽائيندو ـ سئنيما جي بڪنگ ڪلارڪن جون پگهارون وڌرائيندو ـ قفط مارا ماري وارن فلمن جي حمايت ڪندو، چو جو لڙائي سان پرپور فلمون ڏسڻ کان پوءِ قوم ۾ وڙهڻ جو جذبو ۽ جوش وڌي ويندو آهي، وغيره.

جنهن آچر جي هيءَ ڳالھ آهي، ان آچر تي رمل پنهنجو پروگرام ٻڌائيندي ٻڌائيندي اوچتو خاموش ٿي ويو. ڪجھ دير تائين سوچيندو رهيو. اڪ نانگ ۾ اتڪائي چڙيائين، ۽ پوءِ کابي هٿ جو آڱونو نانگ جي ڦڻ تي رکي، اکيون بند ڪري چڙيائين. اکيون بند ڪري پيران پير دستگير ۽ ٻن چئن مقامي پيرن کي ياد ڪيائين، جيڪي پنهنجي علائقي جا نامي گرامي پير آهن، پر بين الاقوامي شهرت حاصل نه ٿي آهي. (قفط-خواجه غريب نواز بين الاقوامي پير آهي*.) مونکي رمل جي اها حرڪت پسند نه آئي. هٿ وڌائي سندس آڱوني تي نونگو هنيم. رمل نانگ جي ڦڻ تان هٿ ڪٽي ورتو، ۽ ڪرڙيون اکيون ڪندي چيائين، "وڏو ڪو واهيات آهين، ڪاريگر . مزي سان مرڻ به نٿو ڏئين."

ٻيهر سنيالي نانگ جي ڦڻ تي آڱونو رکي چڙيائين.

ڪڪ ٿيم ته چيومانس. "يار بيزار نه ڪر رمل. جلد ڪر."

"مرڻ ۾ جلد بازي فقط عاشق ۽ بيروزگار ڪندا آهن." رمل وراڻيو، "مان مئجسٽڪ سئنيما جو بڪنگ ڪلارڪ آهيان، عاشقن جو دشمن آهيان."

”اجائي جک نہ مار.“

”مان جلدي مرڻ نٿو چاهيان. مان ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ ٿو چاهيان.“

”وڃي چائي پاءِ.“ مان اٿي ڪڙو ٿيس.

رمل مونکي ٽنگ کان وٺي سَٽ ڏيئي ويهاري ڇڏيو. چيائين ”ڪيڏانهن ٿو وڃين ڪاريگر. اڄ آچر آهي. اڄ هرڪا شيءِ سست آهي. زندگي، ٽريفڪ، موت ۽ محبت سڀ سست آهن.“

”تون پنهنجي بڪواس بند ڪر. سخت بور ڪيو اٿئي.“

”آچر ڏينهن هرڪا شيءِ بور ۽ بينل هوندي آهي. رڳو ريس ڪورس جا گهوڙا ڊوڙندا رهندا آهن.“

وراڻيم، ”تون ڊپٽي ڪمشنر ٿيڻ وارو آهين، تنهن ڪري تقرير ڪرڻ کان رهي نہ سگهندين.“

”اڙي نہ نہ. ترس ظالم، ترس.“ رمل مون کي ٻانهن کان ڇڪيندي چيو. ”مون ٻن سالن کان بوٽ نہ پاتو آهي. مون کي پيلا بوٽ وٺي ڏيندين.“

”اڄڪلهہ رشوت وانگر بوٽن جو ملهہ بہ وڌي ويو آهي. ايندڙ ڏهن سالن تائين تون ۽ مان بوٽ پائي نہ سگهنداسين.“

”پيلا سليپر وٺي ڏيندين؟“

”سليپر جي قيمت هن ڪڏيءَ جي مسواڙ، راڌا پنگياڻيءَ جي ريٽ جيتري آهي.“

”پيلا چمپل.“ رمل منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو، ”ڏس ڪاريگر، منهنجو چمپل تنهنجي دل وانگر ڇڳل ڪٽل آهي.“

”ڏاڍو ڪو واهيات آهين رمل.“

”سچ ٿو چوان ڪاريگر، مونکي هڪ چمپل جي سخت ضرورت آهي.“

”ڪنهن مسيت مان وجي چوراءِ.“

”ائين بہ جيڪر ڪيان، پر خدا ڪان وڏيڪ پوليس واري جو خوف ٿو ٿيم،“ رمل بيهر منهنجي ٻانهن ۾ هٿ وجهندي چيو، ”وٺي ڏيندين ڪاريگر؟“

”مان بيروزگار آهيان.“

”تون بيروزگار آهين، پر قسمت جو ڏٺي آهين.“

”نہ يار هوءَ سياڻي صبح جو هلي ويندي.“

”ڪجھ ڏيئي تہ وينديءَ.“

هن چيو ۽ مان خاموش رهيس. دل جون ڪنگريون ڪِري پيون. رمل ڏانهن ڏٺم. هو مون ڏانهن ڏسي رهيو هو.

چيائين، ”خدا تہ ڄاڻي ٿو، پر تون بہ ڄاڻين ٿو تہ مون کي هڪ چمپل جي سخت ضرورت آهي.“

”ونجانءِ.“

”جيئي تنهنجي محبت ۽ محبوبہ.“ رمل خوش ٿي نعرو هنيو. آڱوٺو نانگ جي ڦڻ تان ڪٽي ورتائين. چڪو ڪاٺ جي گلاسڙيءَ ۾ وجهي زور زور سان لوڏڻ لڳو. ٻہ اچنس تہ نانگ. چار تہ پار. گلاسڙيءَ لوڏيندي، ٻن چئن مقامي ۽ بين الاقوامي پيرن مرشدن کي ياد ڪري چڪو قلابازيون کائيندو، ٽڙندو، رڙهندو نانگن ۽ ڏاڪڻين جي وچ ۾ بيهي رهيو.

رمل جي منهن جو پنو لهي ويو. پنهنجي ڳوٽ اٺانوي تان لاهي ستاويهين خاني ۾ آڻي بيهاڻائين، هڪ اونهو ساهہ کڻندي چيائين، ”يار ڇڪي جو هڪ پاسو خالي بہ هجي ها، بلڪل خالي، اسان جي زندگيءَ جهڙو خالي.“

”۽ نوڪريون جيڪڏهن jack بدران ڇَڪي تي ملن ها، تہ پوءِ هميشہ ڇَڪي جو خالي پاسو اسان جي حصي ۾ اچي ها.“

رمل راند تان اٿي ويو. پاڻو ڪڻي ڪٽ تي اچلايائين.

پڇيائين، ”سياڻي تنهنجو انٽرويو آهي نہ، ٻارن روڪائڻ واري مهم ۾ ڪنهن پوسٽ لاءِ؟“

”تياري ڪئي اٿئي؟“

”ها. ٻارن جا سيئي رسالا پڙهي دل سان هندايا اٿم.“

رمل هڪ پير ڪٽ جي پاڻيءَ تي رکندي چيو، ”مان تنهنجو ڪچو انٽرويو ٿو وٺان. سمجهہ تہ مان انٽرويو بورڊ جو ميمبر آهيان.“

انٽرويو بورڊ جا ميمبر ٿلها، بندرا ۽ نوڙها هوندا آهن. تون هينڊسم آهين.“

” take it granted`“ رمل چيو، ”سمجهہ ڪٽي تہ مان انٽرويو جو ميمبر آهيان، ۽ توکان سوال ٿو پڇان.“

“Sir Yes”

”تون ٻار گهٽ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اُپاءُ تجويز ڪرين ٿو؟“ رمل کهري ۽ ڪڙڪيدار آواز ۾ ڳالهايو.

مان منجهي پيس. هڪ ٻن ڪنٽراسيپٽوز جا نالا ٻڌايامانس، پر ڪيس جواب پسند نہ آيو.

”Rejected“، بلڪل عام ۽ واهيات جوب ڏنو اٿئي،“ رمل ڪنهن سخت ميمبر جو نقل ڪندي چيو، ”معقول ۽ عمل ۾ ايندڙ تجويز ٻڌاءِ.“

ڪجهہ دير سوچڻ کان پوءِ چيم، ”Sir، ملڪ ۾ عورتن بدران ڪدڙن کي ترجيح ڏني وڃي. جيڪڏهن خواجہ سرائن سان شادي جائز قرار ڏني وڃي، تہ جيڪر ٻار پيدا ٿيڻ ئي بند ٿي وڃن.“

"Silly" رمل کل روکيندي ڳالهايو، "پٽ ڪاريگر، جيڪڏهن اهو جواب انٽريو بورڊ کي ڏنو اٿئي تہ پوءِ بورڊ وارا توسان بہ اُهائي جٺ ڪندا، جيڪا هٽلر يهودين سان ڪرائي هئي."

"Sir، مون کي صحيح جواب کان آگاهہ ڪيو وڃي."

"O.K."، رمل آفيسرن جي انداز ۾ ڳالهائيندي، پڳل ريڊيو جهڙي آواز ڪڍيو، چيائين، "ان سوال جو جواب آهي، تہ مردن کي عورتن خلاف ۽ عورتن کي مردن خلاف هر پليٽ فارم تي پڙڪايو وڃي، جهڙوڪ، سياسي پليٽ فارم، سماجي پليٽ فارم، ازدواجي پليٽ فارم، ريلوي پليٽ فارم وغيره. ٻنهي گروهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرت پيدا ڪئي وڃي. جڏهن مرد ۽ عورتون گڏ سمهندا ئي نہ، تہ پوءِ ٻار پيدا ٿيڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي."

"واهہ، رمل، واهہ" رمل جي پني ٽپيندي چيم، "واهہ جو جواب ڏنو ٿئي. بدبخت تون بہ اپلاءِ ڪرين ها نہ."

"مان ٿيندس تہ ڊپٽي ڪمشنر، نہ تہ مئجسٽڪ سئنيما ۾ ٽڪيٽون وڪڻندو رهندس،" پوءِ رڌڻي ڏانهن ويندي چيائين، "مون کي چڪن برياڻيءَ جو بہ خيال رکڻو آهي. مان وڃانءِ ٿو."

رمل رڌڻي ڏانهن هليو ويو. ڪڏهن ۾ مان رهجي ويس ۽ منهنجي اڪيلائي. ڪڏيءَ ٻاهران ڪنهڙي وٽ ڏنو محبت جو ڊائلاگ ياد ڪري رهيو هو. مون ڏني کي ڊسٽرب ڪرڻ نہ چاهيو، ۽ ڪيس محبت جا ڊائيلاگ ياد ڪرڻ لاءِ ڇڏي ڏنم. رڌڻي مان ڪفگير ۽ ديڳڙيءَ جي جلترنگ سان گڏ رمل جي ڳائڻ جو آواز اچي رهيو هو، جنهن ۾ هو ڪڪڙ جي تعريف ڪري رهيو هو.

انٽرويو جي پڪي تياري ڪئي هيم، پر تڏهن بہ دور ڪرڻ لاءِ شيلف تان ٻارن جا رسالا لاهي، فرش تي تڏو وڇائي ويهي رهيس.

بي انت نوڪرين لاءِ (خاص قسم جون) بي انت انٽرويو ڏيندي ڏيندي سمجهي ويو آهيان، تہ عام معلومات General Knowledge جا ڪتاب جهڙوڪ: Pear's Encyclopedia ۽ Encyclopedia Britannica، ڊوگر جو جنرل نالج، ٽائيمس مئگزين

وغيره بيڪار ۽ بيسود ڪتاب آهن، ۽ ڪم جا ڪتاب آهن ٻچون ڪي دنيا، ڪلونا، گل ڦل (جيڪو ناياب ۽ قلمي ڪتابن وانگر ڪڏهن ڪڏهن نظر ايندو هو، ۽ اڄڪلهه "اِنا لله وَ اِنا اليہ راجعون" تي ويو آهي) ۽ هالا سنڌ مان نڪرندڙ ٻارن جا رسالا. نوڪرين لاءِ انٽرويو ۾ جيڪي بہ سوال پڇيا ويندا آهن. انٽرويو ۾ هن قسم جا سوال پڇيا ويندا آهن: گنجن ڪي مٿي تي وار ڇو نہ ٿيندا آهن. گڏهہ ڳالهائي ڇو نہ سگهندا آهن. عاشق، محبت ۾ برباد ٿيڻ کان پوءِ فلمي گانا ڇو ڳائيندا آهن. يا، موهن جي دڙي جو پهريون چيف انجنيئر ڪير هو ۽ هن رشوت جي پيسن مان ڇا ڇا اڏايو هو ۽ ورتو هو. راوڻ جو قد ڪيترو هو. انسان ۽ سوئر ۾ بنيادي مشابهت ڪهڙي آهي، وغيره.

پر ڪڏهن ڪڏهن انٽرويو ۾ اهڙا تہ خوفناڪ سوال پڇندا آهن، جن جا جواب شايد انٽرويو بورڊ جي ميمبرن کي بہ نہ ايندا هوندا.

هڪ دفعي ڪلارڪيءَ (خاص ڪاتي جي) واري انٽرويو ۾ هڪ ميمبر، ڪنهن سنڌي سياستدان وانگر واڇ ڇٻي ڪندي پڇيو هو، "شاهہ ايٿوپيا، شهنشاهہ هيل سلاسيءَ جي ساليءَ جو نالو ڇا آهي؟"

مان منجهي پيو هوس. سڄو جنرل ناليج ڪنن مان سيٽيون وڄائيندو نڪري ويو هو. سنڌي سياستدان جهڙو ميمبر کلڻ لڳو هو.

الاءِ ڇو ۽ الاءِ ڪيئن وراڻيو هئم تہ، "اڄهو ڪجهہ مهينا اڳ، هيل سلاسيءَ جي باڊي گارڊ ڇويهہ ميلن جي ڊوڙ ۾ دنيا جو نئون رڪارڊ قائم ڪري، ڪارن جو ڪنڌ اوچو ۽ اڇن جو نيچو ڪري ڇڏيو آهي."

"اسان تو کان سلاسيءَ جي ساليءَ جو نالو پڇيو آهي."

ٿڏو ساهہ کڻي وراڻيو هئم، "سائين شهنشاهہ هيل سلاسيءَ جي ساليءَ جو نالو هيل سالي سلاسي آهي."

منهنجو جواب ٻڌي، انٽرويو بورڊ جا ميمبر پنهنجين پنهنجين ڪرسين تان ائين ڪڄي ويا، ڄڻ تہ ڪرسين جي ڪشن جا اسپرنگ ڇڏائجي، سندن ويهڪن ۾ وڃي لڳا هئا. سيئي حيرت مان هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳا هئا. منجهائن

جيڪو وڏيڪ بندرو، گنجو ۽ مشڪرن جهڙو هو، تنهن پڇيو، ”توڪي ڙي ڪيئن خبر پيئي تہ هيل سلاسيءَ جي ساليءَ جو نالو هيل سالي سلاسي آهي؟“

ادب سان وراڻيو هيم، ”سائين، مان هيل سلاسيءَ جو ساليءَ جو غلام آهيان.“

ان جواب تي مون کي بہ جواب ملي ويو هو ۽ نوڪري نہ ملي هئي.

پر هڪ دفعي ذري گهٽ نوڪري (خاص ڪاتي ۾) ملندي ملندي رهجي وئي هئي. ان دفعي مون انٽرويو ۾ ڏاڍا ناهوڪا ۽ نهڪندڙ جواب ڏنا هئا. ٻارن جي رسالي مان جيڪي ڪجھ ياد هئم، مغز مان ڪڍي ميمبرن آڏو رکيم. ميمبرن بہ مون کي منجهائڻ ۾ ڪسر نہ ڇڏي، پر مون بہ تياري تيارين جهڙي ڪئي هئي. ڪٿان ٿو وَرِ چڙهان! مون کين آمريڪا جي مرحوم و مغفور صدر حضرت جان ايف ڪينيڊيءَ جي بيگم محترم جيڪولين ڪينيڊيءَ جي جسماني خدوخال کان وٺي صدر ناصر جي خار، پوليس جي مار ۽ جمعو ڪينياتا جي بلڊپريشر تائين نهڪندڙ جواب ڏنا. پوءِ منجهائڻ جيڪو چيئرمين هو ۽ دفتريءَ مان ڊپٽي ڊائريڪٽر ٿيو هو، تنهن چروٽ وات ۾ وجهي، مون کي سوال سان منجهائي ڇڏيو هو. پڇيو هئائين، ”انگريزي فلمن ۾ سيڪرٽ ايجنٽ کي گولي چو نہ لڳندي آهي ۽ طاقتور بدمعاش ڪيس چو نہ پڄي سگهندا آهن؟“ ڪجھ دير سوچڻ کان پوءِ وراڻيو هئم، ”ان جا بہ سبب آهن Sir. هڪ تہ فلمي بندوقون خالي ۽ ڪوڙيون هونديون آهن ۽ فقط ٺڪاڪن جهڙا آواز ڪنديون آهن. ٻيو تہ سرزمين تي شوٽنگ مهل پروڊيوسر، ڊائريڪٽر، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر، ڪئميرامين، وغيره موجود هوندا آهن ۽ هيرو صاحب کي مار کائڻ نہ ڏيندا آهن.“

منهنجو جواب ٻڌي هڪ ميمبر حيرت مان پڇيو هو، ”يانئجي ٿو تون سيڪرٽ ايجنٽ آهين.“

”No Sir“ عرض ڪيم، ”مان بيروزگار آهيان ۽ نوڪريءَ لاءِ ڪينڊيڊيٽ آهيان.“

ساڳئي ميمبر پڇيو هو، ”تجربو اٿئي؟“

”ڇا جو، مارا ماريءَ جو؟“

”نوڪريءَ جو.“

”نوڪري ملڻ کان اڳ تجربو ڪٿان ايندو!“

ميمبرن کي ڪجھ ڪجھ ڪاوڙ لڳي. هڪ پڇيو، ”سڄو ڏينهن ڇا ڪندو رهندو آهين.“

”نوڪرين ۽ ٽپال کاتي جا اشتهار پڙهندو آهيان، پنجابي فلمن جا گانا ڳائيندو آهيان، ۽ رات جو ڪنهن خاص کاتي ۾ نوڪريءَ جا خواب ڏسندو رهندو آهيان.“

“You are Dangerous ”

“No sir, I am harmless ”

(مٿيان ٻئي جملا سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿي نٿا سگهن.)

”پيٽ ڪئين پاليندو آهين.“

”منهنجو هڪ دوست سئنيما ۾ ٽڪيٽون وڪڻندو آهي ۽ ٻيو مجاور آهي. مان ٻنهي جي رحم و ڪرم تي آهيان.“

”ڇئبو تہ تون بلڪل نڪمو آهين.“

”نہ سائين. مان بنگالي ٻولي سکندو آهيان، جئين تومي اماڪي گھيرينا ڪارو بولائي، امي تو ماڪي ڀالو ڀاشي.“ ڪئين پسند آيو جملو.“

”ڀلا اردو ٻولي بہ ڄاڻين؟“ (انٽرويو انگريزي ۾ هلي رهيو هو.)

”ها فلمن جي ذري گھٽ سيئي ڊائلاگ سمجھي ويندو آهيان.“

پوءِ ميمبرن پاڻ ۾ صلاح ڪئي هئي. (اميدوارن کي ٽڏي تي جواب پئي ڏنائون) جڏهن ڇپن ۾ پڻ پڻ ڪري رهيا هئا، تڏهن هنن مان جيڪو وڏيڪ ٺلهو هو، تنهن چيو، ”هن نوڪريءَ ۾ توکي سڄو ڪم اردو ۾ ڪرڻو پوندو. جئين تہ توکي اردو چڱي طرح نٿي اچي، تنهن ڪري اسان توکي نوڪريءَ ۾ نہ ڪڻنداسين.“

منهنجا ڇهه ڇڇي پيا. دل آهه ڪئي. چپ ٽڙڪي اٿيا، ۽ وراڻيو هئم، ”سائين، منهنجي پيءُ ڪي انگريز مائي باپ ان ڪري نوڪريءَ ۾ نه ڪنيو هو، جو منهنجو پيءُ انگريزي ڪونه ڄاڻيندو هو. توهان مونکي نوڪريءَ ۾ ان لاءِ نٿا ڪڍو، جو مان اردو نٿو ڄاڻان. ڪٿي ائين ته ناهي انگريز سوٽ لاهي، شيرواني پائي موٽي آيا آهن.“

ميمبرن کي سخت بڇان لڳي. ساڄئي ٿلهي ميمبر چيو هو، ”تون بلڊي فول آهين. سمجهه کان ڏيوالو آهين ۽ تنهنجو general knowledge به ڪمزور آهي.“

”ڪئين ڪمزور آهي!“ هڪدم وراڻيو هئم،“ ”مان عورت جي چالاڪي ۽ مرد جي بيوفائيءَ کان وٺي مذهب جي مام ۽ سياست جي زهر تائين هر هڪ موضوع تي ڳالهائي سگهان ٿو.“

ٿلهي ميمبر منهنجين اکين ۾ گهور ڪندي پڇيو هو، ”يلا ٻڌاءِ، هاٿيءَ جا ڏند ڏيکارڻ لاءِ هڪڙا کائڻ جي لاءِ ٻيا ڇو هوندا آهن؟“

کهڙو جواب ڏيانس ها! وراڻيو هئم، ”سائين، مان پنهنجي گذريل جنم ۾ ڏاند هوس. منهنجي ماضيءَ جا آثار موهن جي دڙي مان به مليا آهن. مان توهان جي سوال جو جواب ڏيئي نٿو سگهان.“

ٿلهي ميمبر ڪرسيءَ تان اٿي مون کي ٻانهن کان اچي ورتو هو. سٽ ڏيئي در تائين وٺي ويو هو، ۽ ٻاهر ڌڪو ڏيندي چيو هئائين، ”تون بلڊي فول آهين، ۽ ايندڙ هڪ هزار سالن تائين نوڪري ڳولي نه سگهندين.“

ان ڳالهه جو مون کي ڏک ٿيو هو ۽ مون ان ڏينهن کا زور شور سان ٻارن جا رسالا پڙهڻ ۽ پڙهي دل سان هنڊائڻ شروع ڪيا آهن. (اڳ فقط سرسري پڙهندو هوس.)

ٻارن روڪائڻ واري مهم ۾ نوڪري هٿ ڪرڻ لاءِ ٻارن جي هڪ رسالي مان هاٿيءَ تي مضمون حفظ يعني ياد ڪري رهيو هوس، جو ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. منهن ورائي ڏٺم، مائيڪل بينو هو ۽ چئينگم (سنڌيءَ ۾ چيغم) چٻاڙي رهيو هو.

مائيڪل سولجر بازار جي ڪرستان ٻارن جو داداگير آهي، ۽ سڄو ڏينهن گهٽين ۾ سائيڪل هلائيندو آهي.

چيائين، ” That lousy woman wants to see you“ (هوءَ ڇسي عورت توسان ملڻ چاهي ٿي.)“

Do not be silly” “ (واهيات نہ ٿيءُ.)‘

I am sorry Chum”“” “ (مونکي افسوس آهي، يار.)“

زرينہ جو نياپو ڪٽي آيو هو. دل عشق ۽ انٽرويو جي وچ ۾ گهڙيال جي لڏڪٽي وانگر لڏڻ لڳي. ٻارن جا رسالا شيلف تي رکي ڇڏيم.

مائيڪل پڇيو، Why don't you are read comics“

ٻڌايومانس تہ مون انٽرويو جي تيار پئي ڪئي، نہ ڪي لطيفا پئي پڙهيم.

مائيڪل کي منهنجي ڳالهہ سمجهہ نہ آئي. ان جو اظهار انگريز ايڪٽرن وانگر ڪلها لوڏي ڪيائين.

مائيڪل هليو ويو.

مون ڪڏيءَ جي پوئين دريءَ مان ٻاهر نهاريو، جتان پيڊرو ڊسوزا روڊ جي پوئين پاسي وارن بنگلن جي پٺ نظر ايندي آهي. اسان جي ڪڏيءَ جي سامهون جيڪب آباد جي هڪ ڪراڙي زميندار جو بنگلو آهي. پاڻ سال ۾ فقط آگسٽ جو مهينو گذارڻ ايندو آهي. باقي يارهن مهينا بنگلي ۾ سندس دوست، سرڪاري آفيسر *۽ پوليس وارا شراب پيئندا، جوئا کندا ۽ پيشو ڪرائيندڙ عورتون آڻيندا آهن.

زميندار سٺ سالن جو آهي ۽ وارن، مڇن ۽ ڏاڙهيءَ کي ”جوڪر چاپ“ خضاب لڳائي، قدرت کي شهہ ڏيندو آهي. سندس زال، زرينہ، سورهن سالن جي آهي ۽ سانوري ۽ سهڻي آهي.

سنڌي زميندار صاحب جڏهن حڪيمن جا نسخا ۽ ڪشتا آزمائڻ لاءِ سوسائٽيءَ جا اڏن ۽ ڪراچيءَ جي مهذب ۽ فيشن ايبل هوٽل ڏانهن هليو ويندو آهي، تڏهن زرينہ بنگلي جي پوئين پٽر ۾ اچي بيهندي آهي. ڏسي وٺانس تہ دريءَ مان اولڙ هٽانس، نہ تہ هوءَ پاڻ ئي مائيڪل هٿان نياپو ڪندي آهي. مائيڪل ڪي سولجر بازار جي سڀني عاشقن جي خبر آهي. ايتري قدر جو ڪيس پنهنجن ٽن پينرن جي پندرهن عاشقن جي بہ خبر آهي. تنهن ڪري مائيڪل هٿان نياپو موڪلڻ ۾ زرينہ حجاب نہ ڪندي آهي.

مائيڪل نياپو ڏيئي، سائيڪل تي چڙهي هليو ويو. مان ڪڏيءَ مان نڪري، ڪٺهڙي وٽ آيس. ڏنو، اسان جو يار، محبت جو ڊائلاگ ياد ڪري رهيو هو.

ڏني کي ڳالهائڻ ۾ هٻڪ آهي. لفظ کي پيجي پرزا پرزا ڪري ڇڏيندو آهي. هڪ دفعي هڪ ٽائيپسٽ ڇوڪريءَ تي عاشق ٿي پيو هو. رمل ڪيس چيو هو تہ جڏهن ڇوڪري وٽانئس اچي لنگهي، تڏهن هو جذباتي لهجي ۾ چئي وجي تہ، ”مان توسان محبت ڪيان ٿو“ ۽ ان لاءِ آگاهہ ڪيو هئائينس، جيئن تہ اڄڪلهہ سينڊلن ۾ لوهي چنهنبائي ڪڙيون هونديون آهن، تنهن ڪري ڊائلاگ چوڻ وقت ڏني کي مٿي تي پراٽو فولادي ٽوپلو، ٽئو يا ديگڙي هئڻ گهرجي. ڏني کي رمل جي پهرين ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي هئي ۽ ٻي نہ. پوءِ جڏهن ڇوڪري ڏني جي پرسان لنگهي هئي. تڏهن ڏني چوڻ شروع ڪيو هو، مممان تنتو سسا محححبت ڪڪڪيان ٿٿٿو. جيستائين ڏني ڊائلاگ پورو ڪيو تيستائين ڇوڪري ڪانئس اڌ ميل ڪن پري هلي وئي هئي. ان ڏينهن ڏني کي ڏاڍو ڏک ٿيو هو ۽ هن رات جي ماني نہ کاڌي هئي (ٻئي ڏينهن صبح جو ڊبل نيرن ڪئي هئائين.)

ان ڏينهن ڪان ڏنو واندڪائيءَ جي وقت ۾ ڪونہ ڪو محبت جو ڊائلاگ ياد ڪندو رهندو آهي. مان جڏهن ڪٺهڙي وٽان لنگهيس تڏهن ڏنو ياد ڪري رهيو هو، ”ممان مممحبت. . . .“

”نہ يار نہ.“ سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيم، ”چئہ تہ، مان، منهنجي آرزو، مان توسان محبت ڪيان ٿو، تون منهنجي روح، منهنجي زندگي، منهنجي ڪائنات آهين.“

ڏني منهن ورائي منهنجين اکين ۾ نهاريو. ڪجھ چوڻ چاهيائين پر چئي نه سگھيو. تڏهن اوچتو سندس چپ ڪنبڻ لڳا ۽ اکين ۾ پاڻي تري آيس.

ڏوري ڪي جهليندي، دلداري ڏيندي چيومانس، ”دل نه لاھ ڏنا، مان تو ڪي محبت جا اهڙا اهڙا ته گر ڏسيندس جو چالاڪ کان چالاڪ عورت به تنهنجي دام ۾ ڦاسي پوندي.“

رڌڻي جي جاري مان رمل پڇيو، ”ڪيڏانهن ٿو وڃين ڪاريگر؟“

”سرحد پار.“

”چڪن برياني ته نري ويندي.“

”اجهو ٿو موٽان.“

”ڏھ منٽ؟“

”ها، ڏھ منٽ؟“

ڪڏيءَ مان نڪري پيڊرو ڊسوزا روڊ تي اچي بيٺس. روڊ مان ڦٽندڙ گهٽين ۾ مائيڪل پنهنجن ساٿين سميت سائيڪل هلائي رهيو هو. پريان ئي هٿ لوڏيائين. رستو پار ڪندي هٿ لوڏي ڪيس جواب ڏنم.

زرينه پوئين در جي وٽيءَ مان آهستي آهستي چيو، ”الا ڪيڏو نه سڪايو ٿئي.“

”سچ!“

”توهان ڪراچيءَ وارا ڏاڍا سنگدل آهيو.“

”ڪراچيءَ وارا! بيو ڪو به آهي ڇا؟“

”ڏاڍو پورو تو ٿئين! شيطان!“

”شيطان سڏيو اٿئي، تنهن ڪري پاڻ کي خوش نصيب ٿو سمجهان.“

وٺي وڏائيندي چيائين، ”اندر اچ ته ڪو ڏسي نه وٺي.“

اندر ويس. هن در بند ڪري ڪڙو چاڙهي ڇڏيو. منهن ورائي مونکي ڀڄائڻي پاتائين.

چيائين، ”منهنجي قرب لاءِ تو وٽ ٿر جيترو به قرب ڪونهي.“

”آهي، ڇو نه آهي!“

”ڪوڙا.“

هوءَ مون کي ٻانهن کان ڇڪيندي ڪمري ۾ وٺي وئي. مون کي پلنگ تي ليٽائي، پاڻ پاسي واري ڪمري ڏانهن هلي وئي.

پلنگ جي پاسي سائيڊ بورڊ رکيل هو، جنهن تي ڪنهن ڪراڙي جي فريم ۾ جڙيل تصوير رکي هئي. هڪ نظر ۾ ڀانيم ته منهنجي ڏاڏي جي تصوير هئي. پاسو ورائي غور سان تصوير ڏانهن ڏٺم. نه. تصوير منهنجي ڏاڏي جي نه، پر زرينه جي زميندار مڙس جي هئي. تصوير جي پاسي ۾ ميڪ اپ جو سامان، ۽ مردانه طاقت وڌائڻ، پيدا ڪرڻ ۽ ديرپا جٽاءِ لاءِ دوائن جون به چار شيشون رکيو هيون. ”بيمثال“ ڪيپسولن جي شيشي کڻي استعمال ۽ ترڪيب جو اشتهار پڙهڻ لڳس. سوچيم، سياڻي انٽرويو آهي، متان ڪو مت جو ماريل نوڙهو ميمبر انهن ڪيپسولن جي باري ۾ سوال پڇي ويهي! هڪدم هٿ وڌائي ”سلاجيت“ گورين جي شيشي کڻي، گورين جا حيرت انگيز ڪارناما پڙهڻ لڳس. زرينه ڪمري ۾ موٽي آئي. ان وقت مان ”نائيٽ پلز“ جي تعريف پڙهي رهيو هوس، جنهن تي آدمخور چيتي جي تصوير ٺهيل هئي. زرينه کان پڇيم، ”هي دوائن کائڻ کان پوءِ، ماڻهو انسان مان ڦري جانور ٿي پوندو آهي ڇا؟“

جهٽ ڏيئي شيشي منهنجي هٿ مان ڦري ورتائين. چيائين، ”توکي وري هنن ڪنين گورين جي کهڙي گهرج!“

جواب ڏيڻ لاءِ وات کوليم ته هن هڪ گلاب جمون منهنجي وات ۾ وجهي ڇڏيو، ۽ پرسان ئي پلٽي ماري، پلنگ تي چڙهي ويٺي.

گلاب ڄمون اُڳري، اوڳرائي ڏيئي، نڙي صفا ڪندي چيم، ”تنهنجو مڙس منهنجي ڏاڏي جيڏو آهي.“

زرينہ هڪ ٻيو لڏون منهنجي وات ۾ وجهندي وراڻيو، ”منهنجي گهر واري کي ٽين زال مان جيڪا ڌيءَ آهي، سا مون کان وڏي آهي.“

لڏون کائي رهيو هوس تہ هن حبشي حلوي جو ٽڪر مون ڏانهن وڌايو. ڪيس منع ڪيم، ”نہ نہ ترس. اڄ اسان چڪن برياني رڌي آهي. مان هيءَ مٺائي پنهنجي ڪڏيءَ ۾ ڪٽي ويندس وڃي دوسرن سان کائيندس.“

هن حبشي حلوي جو ٽڪر مٺائيءَ جي پيتيءَ ۾ رکندي پڇيو. ”چڪن برياني ڇا هي؟“

”ڪڪڙ جو پلاءُ.“

”ڪنهن رڌو آهي؟ تو؟“

”رمل.“

”اهو رمل ڪير آهي؟“

”رمل منهنجو سنگتي آهي *۽ ايندڙ آچر تي ڊپٽي ڪمشنر ٿيندو؟“

”تپيدار نہ ٿيندو؟“

”نہ. ڪيس هڪ رات ۾ تاج محل نهرائڻ جي تمنا ناهي.“

هوءَ منهنجي پير ۾ ليٽي پيئي ۽ آڱرين سان منهنجن وارن ۾ ڦڻي ڪرڻ لڳي.

مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. ڪن رکي چيم، ”هن ڪمري ۾ ڇهہ دريون، اٺ روشندان، ۽ ٻہ در آهن. آهن نہ؟“

”ڇو؟ پڇي ويندين ڇا؟“

”چري، سڀاڻي مون کي انٽرويو ڏيڻو آهي.“ وراڻيم. ”پنهنجي Observation يعني مشاهدي جو امتحان پئي ورتم.“

”اهو انٽريٽ ڇا آهي؟“

”ڪجهه نوڙها، پوڙها ۽ سياڻا ماڻهو، اسان بيروزگارن ۽ ڇوڪرن کي نوڪريءَ ۾ رکڻ کان اڳ ڪانئن حساب ڪتاب وٺندا آهن. ان سموري جٺ کي انگريزي ۾ انٽرويو چئبو آهي.“

”آئي مان منيس! الاءِ ڇا چئي وئين!“

”نہ سمجهيئہ؟“

”نہ.“

”چڱو جو نہ سمجهيئہ،“ وراڻيم، ”اها اسانجي ئي سمجهڻ جي ڳالهہ آهي.“

زرينہ خاموش رهي. مون اکيون بند ڪري ڇڏيون. هوءَ منهنجن وارن ۾ آڱريون ڦيرائيندي رهي.

پڇيومانس، ”تنهنجو ڏاڏي جيڏو مڙس ڪيڏانهن ويو؟“

خفي ٿيندي وراڻيائين، ”مون کي گنهگار تہ نہ ڪر.“

”۽ هي جو مان تو سان گڏ سمهيو پيو آهيان، سو جڻ ـــــ“

هن مون کي جملو پورو ڪرڻ نہ ڏنو ۽ منهنجي وات تي هٿ رکي ڇڏيائين.

ڪجهه دير رکي، گهٽيل آواز ۾ چيائين، ”اسان سڀاڻي صبح جو جيڪب آباد موٽي ويندا سين.“

”سڀاڻي صبح جو مون کي انٽرويو ڏيڻو آهي.“

ڪو وقت ٻئي خاموش رهياسين. پوءِ جهيڻي آواز ۾ ڳالهيائين، ”اسان ايندڙ اونهاري موٽي ايندا سين. تون مون کي ڏاڍو ياد ايندين.“

هوءَ اڳتي سري آئي ۽ پنهنجو منهن منهنجي ڪلهي تي رکي ڇڏيائين.

ڪانئس پڇيم، ”جيڪب آباد سپ ڪان وڏيڪ گرمي ڪهڙي ڏينهن پئي هئي ۽ ان ڏينهن ٽمپريچر ڪيترو هو؟“

”ڏاڍي گرمي ته پوئين ٻڪر واري عيد ڏهاڙي پئي هئي.“ هن وراڻيو، ”ان ڏينهن اسان جا ٻه ڪتا ۽ هڪ ڪڙمي ڪانيون ڪندي مري ويو هو. پر اهو مُئو ٽپريچر ڇا آهي؟

”ٽمپريچر معنيٰ بخار.“

”ان ڏينهن ڪنهن کي ٻه بخار نه ٿيو هو.“

پوءِ هن ڪيتريءَ دير تائين مون کي پنهنجين ٻانهن مان نه ڪڍيو. چيائين، ”تون گذريل سال ڪان ڏٻرو ٿي ويو آهين.“

وراڻيم، ”ڏٻرا ڍور ٿيندا آهن. مان ماڻهو آهيان، ڳري ويو آهيان.“

”تون روز مکڻ ۽ بسري ڀوري کائيندو ڪر.“

”حاضر، ٻيو ڪو حڪم.“

”ڪڪڙ، تتر ۽ ڦاڙهي جو گوشت جام کائيندو ڪر.“

”ٻيو ڪجهه؟“

چوندي رهي، ”توهان شهري ماڻهو ڊالڊو گيهه کائيندا آهيو. تون نه کائيندو ڪر. تون سنڌ جو سچو گيهه کائيندو ڪر.“

”حاضر.“

اوچتو پڇيائين، ”مون کي وساري ته نه ڇڏيندين؟“

”نوڪري ملي ويئي ته پوءِ نه وساريندومانءِ.“

ٻاهرين در تي ڪڙڪو ٿيو.

هوءَ ڇرڪ ڀري اٿي بيٺي. چيائين، ”پايان ٿي هو اچي ويا آهن. تون وڃ.“

”منائي جو دٻو ڪٿي ويان؟“

”ها.“ سائيڊ بورڊ جي خاني مان نوٽن جي مٺ ڀري منهنجي ڪيسي ۾ وجهندي چيايئن، ”جيئرا رهياسين ته ايندڙ سال ملنداسين.“

”مان جيئرو هوندس. ان جي مون کي پڪ آهي. تون منهنجو خيال نه ڪر.“ وراڻيم، ”مصيبتون مون کي مرڻ نه ڏينديون.“

هوءَ مون کي پڌر جي پوئين در تائين ڇڏڻ آئي. اکين ۾ آب هئس. چيائين، ”شل صوبيدار ٿئين.“

”واهه، پوءِ ته مان تنهنجي مڙس جو سنگتي ٿي پوندس.“

چيائين، ”اڇ ته موڪلايون.“

موڪلايوسين. مون ڪيس پنهنجين ٻانهن ۾ ڪٽڻ چاهيو، پر ڪٽي نه سگهيس. پڇيم، ”تنهنجو وزن اڍائي سؤ پائونڊ کن ٿيندو؟“

”الاءِ، پر ٽن مڻن کان مٿي نه ٿينديس.“ هن مون کي پنهنجين ٻانهن ۾ ڀيڪوريندي چيو.

چيم، ”زور نه ڏجانءِ، مون کي سپاٽي انٽرويو ڏيڻو آهي.“

زرينه مون کي پنهنجي ڀاڪر مان آزاد ڪيو. مان ڊوڙ پائي، بلٽ ڪولي، پيڊو ڊسوزا روڊ تي وڃي بيٺس.

ڪڏهن جي ڪٿهڙي وٺ ڏنو بيٺو هو، ۽ محبت جو ڊائلاگ ياد ڪري رهيو هو. سندس ڪليل وات ۾ هڪ جمو وجهي ڇڏيم. هو جمو چٻاڙڻ لڳو ۽ محبت جو ڊائلاگ چوڻ ڇڏي ڏنائين. ڪيس ٻانهن کان ڇڪيندو ڪڏيءَ ۾ وٺي آيس.

ڪڏيءَ جي وچ ۾ فرش تي رمل تڏو وڇائي ويٺو هو. اڳيان چڪن برياني‍ءَ جو ديڳڙو ۽ خالي ٿالهه هئس.

بک ۾ پاهه پئي ٿيس. چيم، ”يار رمل، سخت بک لڳي آهي.“

وراڻيائين، ”اول ٽي رپيا پنجانوي پيسا ڪڍ، پوءِ مرغ برياني‍ءَ جو گرهه ملندءِ.“

”ڇو؟ ڇا جا پئسا؟“

”واهه پٽ ڪاريگر! ڇا جا پئسا!“ رمل نج شڪارپوري لهجي ۾ چيو، ”چمپل جا، پيو وري ڇا جا، پيٽو.“

”وٺ بابا وٺ، مرين ڇو ٿو،“ رمل کي ٽي رپيا پنجانوي پئسا ڏنم.

رمل پيسا کيسي ۾ وجهي، ديڳڙي جو ڍڪ لاهي ڇڏيو. بکايل هئاسين. پوءِ جڏهن دال ـــ چانور ديڳڙي مان ڪڍي ٿالهه ۾ وڌائين، تڏهن ڪجهه جهڪياسين ۽ گرهه مٿان گرهه ڪٽندا وياسين.

# دولت، ناموس ۽ ڪنوارو

مان ڪنوارو آهيان.

پر جڏهن کان پنجويهين سالگره ملهائي اٿم، تڏهن کان منهنجو ڪنوارپڻو سيني کي ککڻ لڳو. بابا صبح جو سڏ ڪندي چيو:

”مونکي سيٺ نور ڀائي جي ڇوڪري پسند آهي.“

ان کان اڳ جو مان ڪجهه جواب ڏيان، امان پريان ئي رڙ ڪئي:

”شرم نٿو اچيو، هن عمر اهڙيون ڳالهيون ٿا ڪريو.“

”تون وچ ۾ بڪ بڪ نہ ڪر. پنهنجو ڪم ڪر.“

”مان بڪ بڪ ٿي ڪيان؟“

”تونکي ٿي هزار ٿي سو ٿي دفعا چيو اٿم تہ بزنس جي معاملي ۾ نہ ڳالهائيندي ڪر.“

اما جواب نہ ڏنو ۽ نرم ڪشن جي صوفا سيٽ تي ڏڙام ڪري ويهي رهي. منهنجي ماءُ هن شهر جي مشهور هستي آهي. ڪيترن ئي جماعتن جي سرگرم رڪن آهي ۽ عورتن جي ترقي پسند جماعت ايل پي اي جي جنرل سيڪريٽري آهي. الاءِ ڪيئن بابا جي چڙٻ سهي ويئي. ڪوچ تي پاسا پي بدلائين. سندس رخ مان ظاهر هو تہ هو جلد ئي ڪنهن فيصلي تي پهچي بک هڙتال جو اعلان ڪندي.

بابا چيو: ”ڇوڪري مونکي پسند آهي. اهڙو سڱ سالن ۾ هڪ دفعو ملندو آهي. تنهنجي ڪهڙي راءِ آهي؟“

”توهان بزرگ آهيو.“

”شاباس. فرمانبردار اولاد هجي تہ اهڙي.“

”مان توهان جو ۽ توهان جي فيصلن جو احترام ڪندو آهيان.“

”شاباس. سيٺ نور ڀائي جي ڌيءَ تو بہ تہ ڏٺي هوندي؟“

”ها. اڪثر ڪلبن ۾ هوٽلن ۾ ڪيس ڏٺو اٿم.“

”ڪيئن آهي؟“

”توهان کي پسند آهي تہ سمجهو تہ مون کي بہ پسند آهي.“

”شاباس. نورو ڀائي شادي ۾ ڌيءَ کي هڪ لک روپيا روڪڙ، هڪ بنگلو ۽ هڪ ڪار ڏيندو.“

”ائين چئو نہ“ اما اٿي کڙي ٿي. ”دولت تي ڀنيليا آهيو.“

”شٽ اپ!“ بابا رڙ ڪئي. ”فقط دولت جي ڳالهہ ڪونهي، ڇوڪري بہ مونکي پسند آهي.“

”شرم ڪونهي. ٻيو سڀ ڪجهہ آهي، اڃن وارن ۾ عقل وڃايو اٿو.“

”ڇا!. هن گهر ۾ مونکي ڪنهن بہ فيصلي ڪرڻ جو حق ڪونهي؟“

”آهي، پر جائز هئڻ گهرجي.“

”تون ڪير ٿيندي آهين حق ۽ لاحق جي ساهمي سنڀاليندڙ!“

”مان ڪا پراڻي زماني جي دقيانوسي عورت نہ آهيان. مان اهو مسئلو ايل . پي . اي جي هنگامي اجلاس ۾ پيش ڪنديس.“

مون وچ ۾ پئي صلح ڪرائڻ خاطر چيو: ”اما. هيءَ ويهين صدي آهي. ترقي پسند زمانو آهي. بابا کي اسلام ٻي شادي ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.“

”What “ بابا آرام ڪرسي تان راڪيٽ وانگر اٿي ڪڙو ٿيو. ڪشميري ٽيبل تي پير رکندي چيائين: ”ٻي شادي! بدتميز! نالائق!“

”پر بابا توهان.........“

”Shut up بابا جا ٻچا!“

”پر.........“

”No. تون اهڙي واهيات ڳالهه زبان تي آڻڻ جي جرئت ڪئي؟“

”هن جو ڪهڙو ڏوهه، توهان ئي ته نورو موئي جي ڏيءَ جا ڪلما ٽا پڙهيو.“

”Old Woman، تونکي ٿي هزار ٿي سو ٿي دفعا چيو اٿم ته پنهنجو ڪنڊو وات بند رکندي ڪر.“

”ڪنڊا هوندا توهان. مون ڪي ٻٽيهه ڏند آهن.“

”سڀ نقلي آهن. چوچن جا چيني ڊينٽيسٽ جا ٺهيل آهن.“

”بابا، توهان ئو چيو پئي، ته سيٺ نوروءَ جي ڏيءَ توهان ڪي پسند آهي.“

”آهي. Bloody Fool، پسند آهي.“

”ته پوءِ؟“

”پسند ڪئي اٿم. پنهنجي جي لاءِ نه، پر تنهنجي لاءِ! “

”ڇا؟“

”اسان ڪي پاڻ جهڙن سان ڪلهو هٽٽو آهي.“

اما جي ڪاوڙ ڪافور ٿي وئي. سندس منهن تي خوشي موٽي آئي.

مون همت ڪندي چيو: ”اها ڇوڪري مونکي پسند ناهي.“

”ڇو پسند ناهي؟ لک روپيا روڪ، هڪ ڪار، هڪ بنگلو، پسند نہ اٿئي؟“

”سڀ ڪجھ پسند اٿم، پر ڇوڪري مونکي پسند ناهي.“

”ساڳي دقيانوسي پسند، اڙي بيوقوف عقل کان ڪم وٺ. اسان سنڌين کي ترقي ڪرڻي آهي.“

”نہ نہ. ڇوڪري ڪاري آهي، ٿلهي آهي، منهن تي ماتا جا داغ اٿس ۽ هڪ دفعو پنهنجي ڊرائيور سان ڀڄي بہ ويئي هئي.“

”غلطي انسان جي فطرت آهي.“ اما ڪاوڙجندي چيو:”توهان مرد سنگدل آهيو، عورت جي هڪ غلطي هزار سالن تائين سوچيندا رهندا آهيو.“

”هي سيني عورتن جو مسئلو ناهي.“ مون وراڻيو.

”آهي. مار پوي مئي شيڪسپير کي، سوين سال اڳ هڪ دفعو چيو هئائين Frailty the name is Woman توهان اڄ تائين انهن اکرن جو تعويذ ٻڌي ٿا گھمو.“

”تو کي ٿي هزار ٿي سو. . . . . .“

”مان اهو مسئلو ايل . پي . اي جي هنگامي اجلاس ۾ پيش ڪنديس.“

”ڪجھ بہ هجي، پر مان سيتاقل سان شادي هرگز نہ ڪندس.“ مون جواب ڏنو.

بابا اکيو ڦوٽاري مون ڏانهن ڏٺو.

اما چيو: ”مان احمد جي ماءُ آهيان. ڇوڪري پسند ڪرڻ منهنجو ڪم آهي.“

”تو ڪير ٿيندي آهين ڇوڪري پسند ڪرڻ واري؟ ڇوڪري مان پسند ڪندس!“

”ڇوڪري پسند ڪرڻ عورتن جو ڪم آهي. توهان عورتن جي معاملي ۾ نہ پئو“

”اڄ جي شادي بزنس آهي. بزنس ۾ عورتن کي دخل ڏيڻ نہ گھرجي.“

”توهان عورتن جي توهين ڪري رهيا آهيو.“

”ڪراڙي، بيعقل......“

”خبردار جو مونکي ڪراڙو سڏيو اٿو.“

”بيوقوف ناهين تہ ٻيو ڇاهين؟ وساري ڇڏيو اٿئي تہ انيتا ڪي شادي ۾ اسي هزار ڪيش ۽ هڪ ڪار ڏني هئي سين؟“

انيتا منهنجي ڌيءَ آهي. بيحد ذهين ۽ حاضر جواب آهي. امريڪا وڃڻ کا اڳ انڪساري ڪان ڪم وٺندي هئي. هڪ دفعو بابا ڪيس سمجهائيندي چيو هو:” اسان سنڌي آهيون. ترقيءَ طرف قدم کنيو اٿئون. اسان ڪي پاڻ جهڙن سان ڪلهو هڻڻو آهي.“
”سڀ انسان هڪ جهڙا آهن. دولت انسان جي وچ ۾ ديوار ٿي نہ سگهندي.“ هن جواب ڏنو هو.

ان اعتراض جو جواب اما ڏنو هئس: ”سڀ انسان گهوڙا هجن ها، تہ گڏهن جو ڪم ڪير ڪري ها؟“

”ڪجھ بہ هجي، مان بهادر خان جهڙي شرابيءَ جي زال ٿيڻ تي موت کي ترجيح ڏيان ٿي.“ انيتا هڪ ڏينهن انقلابي فيصلو ڪيو هو:”مان رشيد سان شادي ڪنديس. هو غريب آهي. مسڪين آهي. ڏينهن جي نوڪري اٿس. رات جو ڪاليج ۾ پڙهندو آهي.“

اسان سيني تي ٻم ڪري پيو. بابا، جنهن جتن ڪري دولت جمع ڪئي آهي، تنهن جي منهن جو پنو لهي ويو. اما کي ناموس جو فڪر رهندو آهي، سا فڪرمند ٿي ويئي هئي.

پر انيتا، جڏهن نوجوانن جي مٽا سٽا واري پروگرام ۾ هڪ سال لاءِ آمريڪا مان ٿي آئي، تڏهن سندس خيال بہ مٽجي ويا. اچڻ شرط رشيد کي ٽيليفون کڙڪائي هئائين:

”رشيد، تون منهنجي لاءِ UnFit آهين.“

هن ڪجهہ وراڻيو هو، جنهن تي انيتا جواب ڏنو هئس: ”منهنجو اعتقاد راڪيٽن جي رفتار ۾ آهي. تون سڙهہ بنا ٻيڙي آهين.“

ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ بابا اسي هزار روپيا ڪيش ۽ موٽر ڏيئي انيتا جي شادي ساڳي زميندار سان ڪرائي هئي. انيتا بيحد مسرور هئي. هن پنهنجي ساهڙين کي شاديءَ رات هڪ فلمي راڳ بہ ٻڌايو هو. پر جڏهن کان انيتا جي شادي ٿي آهي. بابا ڏاج ۾ ڏنل دولت هٿ ڪرڻ لاءِ مونکي اهڙين نظرن سان ڏسندو آهي. ڄڻ تہ مان سندس پٽ نہ، بونس وائوچر آهيان.

چيائين:” جيڪي ڪجهہ انيتا کي ڏنو اٿم. تنهن کان وڌيڪ وٺندس.“

مون احتجاج ڪيو: ”توهان مونکي وڪڻي رهيا آهيو.“

”بيوقوف. اڄ انسان جو خدا کان وڌيڪ دولت ۾ اعتقاد آهي.“

اما چيو: ”پٽ تنهنجي شادي مان ڪرائيندس.“

”تونکي ٽي هزار ٽي سو ٽي دفعا چيو اٿم تہ تون واپاري معاملن ۾ دخل نہ ڏيندي ڪر.“

”مونکي پٽ جي زال ڳولهڻ جو بہ حق ڪونهي؟“

”ڪونهي.“ بابا گجگوڙ ڪئي.

”مان اها ڳالهہ ايل . پي . اي جي هنگامي اجلاس ۾ پيش ڪنديس.“

مون رڙ ڪئي: ”خدارا! منهنجي بہ تہ ٻڌو.“

”مان تنهنجو پيءُ آهيان. ڇوڪري مان پسند ڪندس.“

”مان تنهنجي ماءُ آهيان. ڇوڪري مان پسند ڪنديس.“

”تونکي ٽي هزار ٽي سو............“

”توهان ماٺ ڪريو.“ اما چيو : ”پٽ تنهنجي شادي مان ڪرائينديس. ڇوڪري ايم ـ اي آهي. يورپ جو سفر ڪيو اٿائين. عورتن جي ازدواجي ۽ سماجي مسئلن تي بهترين تقرير ڪري سگهندي آهي.“

”تقرير!“ مون ذري گهٽ روئندي چيو.

”نه پٽ، تو کي ليڊر نه، عورت گهرجي.“ بابا همدردي ڪئي.

”مونکي ڪجهه به نه گهرجي.“

”سيٺ نوروءَ جي ڌيءَ...........“

”نه نه.“

” هوءَ ايم ـ اي آهي ۽ ............“

”مان شادي نه ڪندس.“

”ڇا؟“ امان ۽ بابا گڏجي رڙ ڪئي.

”مان ڪنوارو رهندس.“

”تون پاڳل آهين. Crack آهين.“

ڪرسيءَ تان اٿي ڊوڙ پاتم ۽ تير وانگر ڪمري مان ٻاهر نڪري ويس.

# منھنجو ڏس آسمان کان پڇو

هوءَ ورجن ميري هاسٽل ۾ پنھنجي ڪمري جي ڏاکڻي دريءَ وٽ پھرن کان بيٺي هئي. سندس نگاھون بندر روڊ تي پٽڪي رهيون هيون. ماڻھن جي پيھه ۾ هوءَ جنھن کي ڳولي رهي هئي، سو ڪيس ڪلاڪن کان نظر نہ آيو هو. اُميدن جي وير چڙهي، مايوسيءَ جي ڪناري تائين اچي موٽي ويئي. هوءَ دريءَ وٽ بيھي سندس ايڏو انتظار نہ ڪري ها. هوءَ جيڪر گھٽو اڳ دريءَ وٽان هٽي وڃي ها، پر هن اُميدن جي وير سان پنھنجو پلئہ پُسائي ورتو هو. ڪيس پڪ هئي تہ گوتم ايندو. املتاس جا سُڪل پن لتاڙيندو، ڪيڪٽس جي ڪوندين وٽان هلندو، هو ايندو. اڄ آچر آهي. سياٽي سومر ڏينھن عيد آهي. گوتم ميرا، مروڙيل ڪپڙا نہ مٽايا هوندا. هن جي شيوَ وڌيل هوندي. هن جا اٽيا وار وکريل هوندا، هن جي اکين ۾ اندر جي اُڻتڻ جا پاڇا هوندا. هو سڄي دنيا کان بي نياز، بي پرواھ ٿي ايندو. هو ايندو- ضرور ايندو. هوءَ دريءَ کي ٽيڪ ڏيئي سوچيندي رهي.

پر پوءِ اُميدن جي وير ۾ پُسايل پلئہ سُڪي ويس. ذهن ۾ مايوسيءَ جي واري اُڏامڻ لڳس. دل چيئي مان نڪري ويس. تڏهن، هوءَ دريءَ وٽان هٽي ويئي. سندس مھراڻ جھڙيون اکيون اندر جي اوساٽ ۾ آليون ٿي سانوڻ جي تشبيھہ ٿي پيون پر ڪڪر ڪارونيار نہ وٺو. هوءَ نہ رُني. هن زندگيءَ ۾ سھڻ سکي ورتو آهي. هن ۾ برداشت ڪرڻ جي بي انتھا قوت آهي. هوءَ دريءَ وٽان هٽي ويئي، ۽ وڃي ميز آڏو ڪرسيءَ تي ويٺي.

آچر هو، تنھن ڪري ورجن ميري هاسٽل جون سموريون ڇوڪريون پنھنجي پنھنجي ڊيٽ ۽ اپائنٽمينٽ تي نڪري ويون هيون. سڄي هاسٽل ۾ هوءَ اڪيلي رهجي ويئي هئي. هوءَ اُن چرئي باغيءَ جي انتظار ۾ اکيون وڇائي ويھي رهي، جيڪو مسلمانن جي گھر ڄائو، مسلمان نالي سان نڌيڙ مان جوان ٿيو، ۽ پوءِ وجوديت، تاريخي ماديت، ۽ فلسفو پڙهڻ ڪانپوءِ پاڻ کي گوتم سڏائڻ لڳو. هوءَ نم جي گھاٽن وڻن وٽ ٽيرس تي ويھي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ساٽس ڳالھائيندي هئي. هو هيمو، مير عبدالله، چي گيوارا، مارٽن لوٿر ڪنگ

۽ هوچي منهه جون ڳالهيون ڪندو هو. هو ساٽس مشين گنن، برين ۽ اسٽين گنن، خندقن، بنڪرس ۽ لوهي تارن جي باري ۾ ڳالهائيندو هو. هو جنهن وقت وطن جي آزاديءَ لاءِ هٿياربند جدوجهد جون ڳالهيون ڪندو هو، تنهن وقت هو مهاتما گانڌي ۽ مارٽن لوٿر ڪنگ جي اهنسا واري پاليسيءَ تي سخت نڪته چيني ڪندو هو. هو چوندو هو، ته مُلڪ لفظن جي جادوگريءَ سان نه، بلڪه شيهي جي گوليءَ سان آزاد ڪرائبا آهن- وقت جو راڪاس فقط ان قوم آڏو جهڪندو آهي، جنهن جي آڱر رائيفل جي ٽريگر تي هوندي آهي. اهڙين ڳالهين ڪرڻ ڪانپوءِ گوتم کِلي پوندو هو. چوندو هو، "مان وائيلڊ ايڊوينچرر آهيان- تون چوڪري آهين، مون کي توسان ڪاسميٽڪ، ڪپڙن، ساڙهين ۽ رومان جون ڳالهيون ڪرڻ گهرجن." پر ڪو وقت اهڙو به ايندو هو، جو گوتم پهرن جا پهر خاموش رهندو هو، ۽ پولار ڏانهن ڏسندو رهندو هو. اهڙين گهڙين ۾ هوءَ ساٽس نه ڳالهائيندي هئي. پوءِ جڏهن هوءَ ڪيس ڪافيءَ جو مگ ڏيندي هئي، تڏهن هو پولار مان نگاهون ڪڍي ڏانهس ڏسي وٺندو هو.

هوءَ گوتم جو انتظار ڪندي ڪندي ٿڪجي پئي هئي، ۽ پوءِ پنهنجي رائيٽنگ ٽيبل آڏو ڪرسيءَ تي وڃي ويٺي هئي. هن بنا ارادي جي هٿ وڌائي ٽيبل ليمپ جو بٽڻ هيٺ ڪري ڇڏيو. بتي ٻري پئي. ان وقت منجهند جو هڪ ٿيو هو. هوءَ حيران ٿيڻ لڳي ته آخر هڪ اٽڪائيتڪي ۽ ٻي چئي انسان لاءِ هوءَ ايتري قدر بيڪل ڇو هئي! گوتم کي سجاٽيندي ڪيس ٽي مهينا مس ٿيا هوندا! ٽن مهينن ۾ ته فقط نالا ياد ڪبا آهن، هن سوچيو، ٽن مهينن ۾ محبت ته نه ٿي ويندي آهي! هوءَ پهرينءَ نظر جي محبت جي قائل نه هئي. هن دنيا کي ڏٺو هو، پرکيو هو. هوءَ اوجها سينيٽوريم ۾ ريهيبليٽيشن آفيسر آهي، هن گوتم کي اوجها سينيٽوريم ۾ ايندي ويندي ڏٺو هو. هو پنهنجي پيءُ کي ڏسڻ ايندو هو، ڪڏهن پابنديءَ سان ۽ ڪڏهن هفتن جا هفتا غائب ٿي ويندو هو. پوءِ هڪڙي ڏينهن گوتم جي پيءُ سلهه جي آخري مرحلي ۾ مري ويئي. ان ڏينهن هو پنهنجي پيءُ جو لاش کڻڻ آيو هو. ڊاڪٽر ڪيس لاش ڏيڻ کان ڪيٻايو پئي. تڏهن گوتم ايڊمنسٽريٽر کي چيو هو، "هيءَ سموري قوم سلهه جي آخري مرحلي ۾ آهي، هڪڙي ڏينهن مري ويندي. مون کي خبر ناهي ته هن مرندڙ قوم جو لاش ڪير کڻڻ ايندو، پر مان پنهنجي پيءُ جو لاش کڻي ويندس." هوءَ تڏهن گوتم ۽ ايڊمنسٽريٽر جي وچ ۾ وڃي بيٺي هئي. ڊاڪٽرن ۽ ايڊمنسٽريٽر

ڪي عرض ڪري پيڻ جو لاش گوتم کي ڏياريو هئائين. اهو فقط ٽي مهينا اڳ ٿيو هو. پوءِ گوتم، جيڪو پنهنجي ضمير سان سچو رهي وڪالت ڪندو هو، ۽ بيحد مالي مشڪلاتن ۾ ورتل هوندو هو. سو سندس دل جا دروازا پيچي، حفاظتي ڪوٽ ڍاهي، محبت جي ڪليسا جون ڪنگريون ڪيرائي، سندس جيءَ ۾ جڙي ويو. ايڏي بي انت ۽ وشال محبت جو هن ڪڏهن تصور به نه ڪيو هو، جنهن ۾ هڪ لاپرواهه ۽ بي چيو شخص ڪنهن عورت کي چاهيندو رهي، پر جڳن جو ٽوڪاريل، ٽڏيل ۽ دقيانوسي جملو استعمال نه ڪري ته، "مون کي توسان محبت آهي." هن خواب ۾ به نه سوچيو هو، ته ڪو مرد اهڙي محبت به ڪري سگهي ٿو، جنهن جو مثال ٽيڻ ۽ ڏيڻ لاءِ هو هڪ جنم کان ٻئي جنم ۾ ايندو رهيو هجي!

هن ٽيبل ليمپ جو بلب وسائي ڇڏيو. پنهنجي ڪمري جو در ٻيڪڙي هوءَ هيٺ لهي آئي. هاسٽل جي ڏاڍ جهڙي پوڙهي رسيپشنسٽ کان پڇيائين، "گوتم جي فون ته نه آئي هئي؟"

"گوتم پاڻ آيو هو." پوڙهيءَ وراڻيو، "“ تنهنجي لاءِ هيءُ خط ڇڏي ويو آهي".

هن جهپ هڻي خط پوڙهيءَ جي هٿ مان ڦري ورتو، ۽ پوءِ ذري گهٽ ڊوڙندي، فرسٽ فلور جي ڏاڪڻ جا ٻه ٻه ڏاڪا چڙهندي، هوءَ پنهنجي ڪمري ڏانهن موٽي ويئي. تڪڙ ۾ خط کوليائين، خط انگريزيءَ ۾ لکيل هو، گوتم لکيو هو، "تو ڪالهه سينيٽوريم جي ڪينٽين ۾ چيو هو، "مان ڪنهن ڪنهن وقت ڪنهن سان به ملڻ پسند نه ڪندي آهيان." مون کي تنهنجو جملو ۽ تنهنجي صاف گوئي بيحد پسند آئي هئي. اڄ ورجن ميري هاسٽل وٽان لنگهندي محسوس ڪيو اٿم ته تنهنجي ڪالهوڪي جملي منهنجي آڏو پابندين جي سرحد بيهاري ڇڏي آهي. مان هاسٽل رسيپشنسٽ جي ڪائونٽر تان هي سٽون لکي، تنهنجي بارگاهه ۾ حاضريءَ جي شهادت ڏيئي وڃان ٿو- گوتم."

گوتم آيو هو، ۽ هليو ويو! هوءَ هڪدم مڪليءَ جي مقبرن وانگر اُداس ٿي ويئي. هن ايئن ڇو ڪيو، ايئن ڇو ڪيو؟ هوءَ پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳي ته سينيٽوريم جي ڪينٽين ۾ هن اهو ڇو چيو هو ته، "مان ڪنهن ڪنهن وقت ڪنهن سان به ملڻ پسند نه ڪندي آهيان." پر گوتم اهو جملو پنهنجي لاءِ ڇو

چونديِ ورتو! هن ڪيئن سمجهي ورتو تہ مان ڪنهن وقت ساڻس ملڻ ڪان انڪار بہ ڪري سگهنديس! منهنجو دم نہ نڪري ويندو!

هوءَ لفافو هٿ ۾ ڪٽي پت ڪي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهي. هن پاڻ کي هيڪلي محسوس ڪيو. کيس اوچتو پنهنجي ماءُ جي ياد دل تي تري آئي، جيڪا کيس اڪثر پيار پريا خط لکندي هئي، ۽ هوءَ کيس ڇهن مهينن ۾ فقط هڪ دفعو خط جو جواب ڏيندي هئي. هن چاهيو تہ جيڪر اڄ ماءُ کيس ڀاڪر ۾ پري، پنهنجي سيني سان لڳائي، جڳ ڪان لڪائي ڇڏي. هن چاهيو تہ هوءَ پنهنجي ماءُ کي سيني سان لڳائي روئي پوي. هوءَ ڳوٺان بغاوت ڪري جڏهن پڙهڻ لاءِ ڪراچيءَ هلي آئي هئي، تڏهن هڪ ماءُ ئي هئي، جنهن سندس پنيرائي ڪئي هئي. پوءِ جڏهن پڙهي ڪراچيءَ ۾ ئي رهي ۽ نوڪري ڪرڻ لڳي، تڏهن سندس ڳوٺ ۾ قيامت برپا ٿي هئي. کيس اڇوت ڪيو ويو. تڏهن اُها بيحد ذهين ماءُ ئي هئي، جنهن سندس فيصلي کي قبول ڪيو هو، ۽ کيس مبارڪ جو خط لکي موڪليو هو. ماءُ هميشہ سندس فيصلن تي اعتماد ڪيو هو، هميشہ. هن سوچيو، هوءَ ماءُ کي گوتم جي باري ۾ سڀ ڪجهہ لکي موڪليندي، سڀ ڪجهہ، تہ هو ڪيئن آهي، ڪيئن سوچيندو آهي، اٽٿائينڪو چو آهي، هن زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهہ چاهيو آهي، سو اڄ تائين حاصل ڪري چو نہ سگهيو آهي. هن سوچيو، تہ هوءَ ماءُ کي لکي موڪليندي، تہ زندگيءَ کي بي نقاب ڏسڻ ڪانپو“، دنيا کي آتشي شيشي هيٺان رکي هرڪو تجربو حاصل ڪرڻ ڪانپو“، گهڻو ڪجهہ پرائڻ ۽ وڃائڻ ڪانپو“، کيس فقط هڪ گوتم ئي مليو آهي، جنهن کيس متاثر ڪيو آهي. گوتم ڪڏهن بہ کيس نہ ڇهيو هو. هو سندس روح ۾ لهي ويو هو. هو مارڪسي مادي نظريي جو حامي هئڻ جي باوجود آتما جو پوڄاري هو. هن سوچيو، تہ هوءَ ماءُ ڪان ڪجهہ نہ لڪائيندي، هوءَ کيس گوتم جي باري ۾ سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندي. تڏهن کيس اوچتو خيال آيو تہ ڪالهہ گوتم بيمار هو- ڪالهہ ڇو، هو گذريل هڪ هفتي ڪان بيمار هو.

هوءَ هڪدم بي چين ٿي پئي. کيس خبر هئي تہ گوتم اُن وقت تائين ڊاڪٽرن ڏانهن نہ ويندو، جيستائين هنڌ داخل نہ ٿيندو. هو ضدي آهي. هو هلندو رهندو. هو بخار ۾ پڇرندو هوندو، پر پوءِ بہ پهرن جا پهر لائبررين ۾ وينو هوندو. هو اهڙو چريو آهي، کيس اها ڄاڻ هئي، پر کيس گذريل هڪ هفتي ڪان

ڪنگهه هئي ۽ سنهو بخار به پئي آيس. هڪ اڻلکو خوف سندس سيني ۾ پاسا ورائڻ لڳو. کيس گوتم جي پيڻ جو خيال آيو، جيڪا سلهه جي ٽئين مرحلي ۾ سينيٽوريم ۾ مري ويئي هئي. ڊاڪٽرن جي زور پرڻ تي به گوتم پاڻ کي سلهه کان بچاءَ جون سئيون نه هڻايون هيون. اوهه، مان ڇا سوچي رهي آهيان، مون کي ڇا ٿي ويو آهي! هوءَ پٽ وٺان هٿي ويئي ۽ ڪمري جي وچ ۾ وڃي بيٺي. تڏهن اوچتو ڪيٿرين سندس ڪمري ۾ هلي آئي.

ڪيٿرين سندس هٿ مان خط کسي ورتو، ۽ پڙهڻ کانپوءِ کيس موٽائي ڏنو. پوءِ ڪلندي، ڪيٿرين چيو، "ورجن ميري هاسٽل ۾ رهندي مون کي ڏهه سال ٿيا آهن. ڏهن سالن ۾، تو واري ڪمري ۾ مون ٽن ڇوڪرين کي آپگهات ڪندي ڏٺو آهي. شيرين ۽ مس مرشد نند واريون گوريون ڪائي آپگهات ڪيو، ۽ سوزيءَ لونڊڙيءَ تي ريوالور مان گولي هلائي آپگهات ڪيو هو. تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟"

هن ڪيٿرين کي جواب نه ڏنو. فقط کلڻ جي ڪوشش ڪيائين. هوءَ اکين ۾ لڙڪ، ۽ دل ۾ درد لڪائي ڇپن تي مُرڪ آڻي سگهندي آهي.

ڪيٿرين چيو، "مون کي خبر آهي، تون آپگهات نه ڪندينءَ. تنهنجو مسئلو مس مرشد، شيرين ۽ سوزيءَ کان مختلف آهي. هنن جا بواءِ فرينڊ فراڊ هئا، دغا باز ۽ فريبي هئا، پر تو وارو گوتم اهڙو ناهي، گهٽ ۾ گهٽ مون کي ته اهڙو نه لڳو آهي. ان معاملي ۾ مان وڏي ڪڙپيل آهيان. هڪ نظر ۾ مرد کي سڃاڻي وٺندي آهيان. گوتم توکي دوکو نه ڏيندو. بس، هو ڪجهه ڏکيو آهي، بلڪ بيحد ڏکيو آهي."

"هو منهنجو بواءِ فرينڊ ناهي ڪيٿرين".

"ته پو”؟"

"هو مون کي ڪامريڊ سڏيندو آهي، مان به کيس ڪامريڊ سڏيندي آهيان".

"حق تي توسان مشين گنن، ڦاسي گهاٽن، سياست ۽ موت جي باري ۾ ڳالهائيندو آهي"!

"هو باغي آهي".

"ڪنهن کان باغي آهي؟"

"گوتم سموري سماجي ۽ سياسي ڍانچي کان باغي آهي." وراڻيائين، "هو وڪالت ۾ ان ڪري دلچسپي نہ وٺندو آهي، جو هن قانون کي ڪپڙي جي وال ۽ ٻاٽا جي چمپل وانگر وڪامندي ڏٺو آهي".
ڪيٿرين سندس ڪلهي تي هٿ رکندي چيو، "هڪڙي خوشخبري ٻڌايان"؟"
"ٻڌا"".
"مناٺي ڪارائيندينءَ؟"
"ذيابيطس جي مرض ۾ ورتي پيئي آهين، مناٺي کائيندينءَ تہ مرندينءَ، پڪوڙا کائجان"، خبر ٻڌا"".
"ٿوري دير اڳ گوتم کي ڏٺو هوم".
"ڪٿي؟"
"ريگل سئنيما جي سامهون، اخبارن واري وٽ".
هن ميز تان تالو کڻي ڪيٿرين کي ڏيندي پڇيو، "گوتم هيو تہ چاڪ نہ".
"مون ساڻس هٿ نہ ملايو هو." ڪيٿرين کلي پيئي، چيائين، "ٽيڪسيءَ ۾ لنگهندي مون ڪيس ڏسي ورتو هو".
"مان وڃان ٿي، منهنجو ڪمرو بند ڪري ڇڏجان"".
هوءَ ذري گهٽ ڊوڙندي ورجن ميري هاسٽل مان نڪري ويئي. تڪڙ ۾ بندر روڊ لنگهندي ٿي دفعا موٽرن ۽ ٽرام جي هيٺان ايندي ايندي بچي ويئي. ريگل سئنيما ۽ ورجن ميري هاسٽل جي وچ ۾ فرلانگ کن جو مفاصلو آهي. هوءَ تڪڙيون ٻرانگهون کڻندي ريگل نيوز پيپر وينڊر وٽ وڃي بيٺي. ڪيس خبر آهي تہ گوتم ڪنهن کان ڪنڌي تي اخبارون ۽ رسالا وٺندو آهي. ريگل نيوز پيپر وينڊر وٽ ڪيس گوتم نظر نہ آيو. هن دڪان واري کان پڇيو، "گوتم آيو هو نہ؟"
اخبار واري ڪنڌ کڻي ڏانهس ڏٺو. هن کي سڃاڻي ورتو. هن اڪثر ڪيس گوتم سان گڏ گهمندي ڏٺو هو. ڏاڍي احترام مان جواب ڏنائين، "ها، گوتم آيو هو، اخبارون وٺي هليو ويو".
"ڪيڏانهن ويو؟"
"اها خبر پئجي سگهي، تہ پوءِ گوتم ۽ ٻين گراهڪن ۾ ڪهڙو فرق رهندو"!
ڪجهہ هٻڪندي اخبارن واري کان پڇيائين، "گوتم هيو تہ چاڪ نہ؟"
"ڪنگهہ هئس".

هوءَ وڃجي ويئي.
اخبارن واري چيو، "تي سگهي ٿو ريڊيو پيليس جي ٻاهران پراڻن ڪتابن واري وٽ بيٺو هجي".
هوءَ هڪدم پراڻن ڪتابن واري ڏانهن هلي ويئي. ڪتابن وارو گوتم جو دوست هو، ڪانئس پڇيائين، "گوتم آيو هو ڇا؟"
"ها، آيو هو، ڪيس بيٿم جي ڪتاب "ٿيوري آف فڪشنز" جي ڳولا هئي، اڳتي هليو ويو".
"اڳتي ڪيڏانهن ويو؟"
"مان سمجهان ٿو ٿامس اينڊ ٿامس بڪ سيلرز ڏانهن ويو آهي".
هوءَ ٿامس اينڊ ٿامس بڪ سيلرز جي دڪان وٽ آئي. اڄ هڙتال ڪري دڪان بند هو. هوءَ اڳتي هلي ويئي.
هوءَ ڪيفي جارج وٽان وڪٽوريا روڊ ڏانهن ڦري ويئي. سندس نگاهون رستي جي ٻنهي پاسي هجوم ۾ گوتم کي تلاش ڪري رهيون هيون. ڪيپيٽل سئنيما واري گهٽيءَ ۾ سنڌي رسالا وڪڻندڙ کان پڇيائين، "گوتم ته نه آيو هو؟"
"ها، آيو هو، مان سمجهان ٿو شايد فليمنگو ۾ وينو آهي".
هوءَ ڪيپيٽل سئنيما جي مٿان فليمنگو ريسٽوران ۾ هلي ويئي. هوءَ جڏهن اندر داخل ٿي، تڏهن ريسٽوران ۾ وينل ماڻهن ڪيس ڀرپور نگاهن سان ڏٺو. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. ڪيس گوتم نظر نه آيو. هوءَ مايوس ٿي هيٺ لهي آئي.
هوءَ ايلفي جي فٽ پاٿ تان، ماڻهن جي وچ مان هلڻ لڳي. سياري جي شروعات هئي، عورتون ۽ مرد رنگارنگي سئيٽرن ۽ پل اوورز ۾ گهمي رهيا هئا. صدر واريون سدا ملوڪ عورتون ڏسي ڪيس گوتم جو هڪ جملو ياد آيو. گوتم چيو هو، "ڪجهه انسان هِل اسٽيشن وانگر هوندا آهن، هو سدائين پنهنجو جوڀن برقرار رکي سگهندا آهن، ڪجهه انسان قديم آثارن جي ڪنڊرن وانگر هوندا آهن، هو هر لمحي ڀُرندا رهندا آهن."
ايلفيءَ تي ڪجهه اڳيرو هوءَ اينٽيڪس جي دڪان وٽ بيهي رهي. گوتم ڪڏهن ڪڏهن اينٽيڪس شاپ تي هليو ويندو آهي، ۽ ٽامي ۽ پتل جي مورتين جي باري ۾ پارسي دڪاندار سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائيندو آهي. پارسي

دڪاندار کي خبر آهي تہ گوتم لڪشميءَ جي مورتي ڪڏهن بہ خريد ڪري نہ سگهندو، پر لڪشميءَ جي مورتيءَ تي ٽيسس لکي سگهي ٿو. هن اينٽيڪس شاپ ۾ ليئو پائي ڏٺو. ڪيس گوتم نظر نہ آيو.

هوءَ پريشان ٿيڻ لڳي. ذهن پچرڻ لڳس. هن پاڻ کي گوتم لاءِ ايتري قدر تہ بيڪل محسوس ڪيو، جو سمجهڻ لڳي، گوتم نہ مليس تہ مري ويندي. هوءَ وري بہ پاڻ کي ملامت ڪرڻ لڳي تہ ڪالهہ سينيٽوريم جي ڪينٽين ۾ اهو ڇو چيو هئائين تہ، "مان ڪنهن ڪنهن وقت ڪنهن سان بہ ملڻ پسند نہ ڪندي آهيان." مون ائين ڇو چيو، ڇو چيو! ماڻهن جي پيهہ ۾ نہ هجي ها، تہ جيڪر روئي پوي ها. سندس هرهڪ ساهہ سان بي آواز صدا جو آواز ايندو رهيو- گوتم، او گوتم- توکي ائين نہ ڪرڻ گهربو هو، گوتم. مان تہ اُها ڇوڪري آهيان، جيڪا تنهنجي ياد کي سيني سان لڳائي، زندگي جوڳ ۾ گذاري ڇڏيندس، گوتم.

هوءَ ايلفنسٽن ريسٽوران جي ٻاهران اچي بيٺي. ان هوٽل ۾ گوتم پنهنجن دوستن سان اچي ويهندو آهي. چوندو آهي، "ايلفنسٽن ريسٽوران منهنجي اوطاق آهي".

دل من هٽندي هوءَ ريسٽوران جي وڏي در ۾ وڃي بيٺي. آخري ٽيبل وٽ گوتم جا ڪجهہ دوست ويٺا هئا. هنن ڪيس ڏسي ورتو. منجهائن هڪ ڇٽو ڏانهس هليو آيو. هوءَ فقط هڪ لفظ اُچاري سگهي، "گوتم؟"

هن وراڻيو، "اڄ ڪلاڪ ٿيندو جو گوتم حيدرآباد هليو ويو".

"پر، پر هن وٽ تہ ڪالهہ ڪجهہ بہ نہ هو".

"سنگت کان جهولي چندو ڪري ويو آهي".

هوءَ پاڻ روڪي نہ سگهي. اُبهرائيءَ مان پڇيائين، "گوتم ڪيئن هو. ڪنگهہ تہ نہ هئس. ٻي ڪا تڪليف تہ نہ هئس؟"

"هو پٿر جو نهيل آهي".

"ڪڏهن موٽندو؟"

"پوليس ۽ انٽيليجنس کان بچي ويو تہ سياڻي ئي موٽي ايندو، نہ تہ سال ڪن کانپوءِ ايندو".

"گرفتار ڪندس؟"

"ٿي سگهي ٿو".

"هوءَ بيچين ٿي پئي، پڇيائين، "ڇو گرفتار ڪندا گوتم کي. هو هفتي کن کان بيمار آهي، ڇا ڪرڻ ويو آهي، حيدرآباد؟"

گوتم جي دوست وراڻيو، "اڄ رات مزورن ۽ هارين جي حق ۾ پوسٽر لکندو ۽ حيدرآباد جي پٽين تي چنبڙائيندو. سڀاڻي صبح جو پورهيتن جي جلوس ۾ شريڪ ٿيندو".

هن گوتم جي دوست کان وڌيڪ ڪجهه نه پڇيو. ريسٽوران مان ٻاهر نڪري آئي. ڪجهه سوچي، فخر مان ڳاٽ اوچو ڪري هجوم جي وچ مان هلڻ لڳي.

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books